# سنڌي

# يووڪ ڀارتي

## درجو ٻارهون



# ڀارتيہ سنوڌان

## باب - چوٿون الف

# بنيادي فرض

**قلم 51A**

**بُنيادي فرض : ڀارت جي هرهڪ ناگرڪ جو فرض آهي تہ :**

(الف) هوُ ڀارت جي سنوڌان کي مڃيندو، اُن جي قومي جهنڊي، قومي تراني، آدرشن ۽ سنستا جي عزت ڪندو.

(ب) آدرش ويچارن، جن آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ همٿايو ۽ اُتساهہ ڏوڪيو، اُنهن جي سنڀال ۽ پوئواري ڪندو.

(ٻ) ڀارت جي ايڪتا، اکنڊتا ۽ سمپورڻتا جي رکشا ڪندو.

(ڀ) ديش جي حفاظت ڪندو ۽ وقت پوڻ تي ديش سيوا ۾ ٽپي پوندو.

(پ) سيني ماڻهن ۾ هڪ ايڪتا جي ڀاونا پئدا ڪندو، جيڪا ڌرم، ڀاشا، ڪيتروادَ جي ڀيدڀاءَ کان پري هوندي. اَهڙيون رسمون جيڪي عورت ذات خلاف هونديون، اُنهن جو بهشڪار ڪندو.

(ت) ڀارت جي جامع سنسڪرتي ۽ شاندار ورثي جي حفاظت ڪندو ۽ مُلهہ سمجهندو.

(ٽ) قدرتي ماحول جهڙوڪ جهنگل، ڍنڍون، نديون، جهنگلي-زندگي اِنهن جو بچاءُ ڪندو ۽ سيني پراڻين لاءِ دردمندي رکندو.

(ٺ) وگيانڪ درشٽي، اِنساني مُلهہ، جاچ جوُچ ۽ سڌاري جي ڀاونا کي اَهميت ڏيندو.

(ث) عام ملڪيت کي سلامت رکندو ۽ هنسا کان پري رهندو.

(ڻ) شخصي ۽ گڏيل مشغولين جي سيني ڪيترن ۾ اَڳتي وڌڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪندو جئن ملڪ اَڳتي وڌندو رهي ۽ ڪاميابيءَ جي اوچاين کي ڇُهي.

(ڪ) ماءُ يا پيءُ يا پالڪ آهي تہ اُهو ضرور ڏسي تہ پنهنجي ٻار کي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيندو. جنهن جي عمر ڇهن ۽ چوڏهن سالن وچ ۾ هجي.

سرڪاري فيصلو نمبر : اَڀياس 2116 / (پر.ڪر 43/16) ايس.ڊي 4 تاريخ 25.04.2016 موجب
اِسٽاپت ڪيل ڪو آرڊينيٽنگ ڪاميٽي جي تاريخ 30-01-2020 جي ميٽنگ ۾ هن درسي
ڪتاب کي تعليمي سال 2020-21 کان مختصر طور منظوري ڏني ويئي آهي.

# يووڪ ڀارتي

## درجو ٻارهون

# سنڌي

مهاراشٽر راڄيه ڀاٺيه پستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي.

پنهنجي سمارٽ فون ۾ DIKSHA APP ذريعي درسي ڪتاب جي پهرين صفحي واري Q.R. Code ذريعي Digital درسي ڪتاب ۽ سبقن سان لاڳاپو رکندڙ پڙهڻ / پڙهائڻ لاءِ ڪارائتيون لنڪس ملنديون.

V4N4U6

پهريون ڇاپو : 2020
سڌاريل ڇهپو : 2022

© مهاراشٽر راجيه پاٺيه پُستڪ نرمتي وَ اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي - 411004
مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي و ابياس ڪرم سنشوڌن منڊل، وٽ هن ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ آهن. هن ڪتاب جو ڪوبه ٽڪر ڊائريڪٽر، مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ منڊل جي لکيل اِجازت کان سواءِ ڪڍي نٿو سگهجي.

## سنڌي ڀاشا سمتي ۽ اَڀياس گٽ سمتي :

- ڊاڪٽر ديال ’آشا‘ (سڀاپتي)
- شري گووردن شرما ’گهايل‘، ميمبر
- شري اَشوڪ ڪملداس مڪتا، ميمبر
- ڪماري راجيشري جيناند ٽيڪچنداڻي، ميمبر
- شريمتي ميران مهيش گدواڻي، ميمبر
- شري اَميت گووندرام رامچنداڻي، ميمبر
- ڊاڪٽر ڪاجل اَنيل رامچنداڻي، ميمبر
- ڊاڪٽر وندنا اَشوڪ راماواڻي، ميمبر
- شري وجيه راجڪمار منگلاڻي، ميمبر
- ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي، ميمبر

سنيوجڪ : شريمتي ڪيتڪي جاني، اِنچارج وشيش اَڌڪاري سنڌي

سنيوجڪ سهاير : شريمتي گيتا گڏيش ناڪر، ڪاپي رائيٽر، سنڌي

ٽائيپ سيٽنگ : ستنام ساکي، اُلهاسنگر، ڪماري ميران چاولا

نرمتي : شري سچيتانند آڦڙي، مکيه نرمتي اَڌڪاري
شري راجيندر چندرڪر، نرمتي اَڌڪاري
شري راجيندر پانڊلوسڪر، سهه نرمتي اَڌڪاري

پرڪاشڪ : شري وويڪ اُتم گوساوي،
پاٺيه پُستڪ نرمتي منڊل،
پرڀاديوي، ممبئي - ٢٥.

ڪاغذ : ٧٠ جي.ايس.ايم. ڪريم وو

پرنٽنگ آرڊر :

ڇاپيندڙ :

# ڀارت جو سَنوڌان

## ديباچو

اَسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪ مُڪمل طور خودمُختيارُ سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سَم-ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڻراجيہ بڻائڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري ۽ اُنهيءَ جي سڀني ناگرڪن کي:

سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ. ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي؛ درجي ۽ موقعي جي سمانتا، خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اَکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اَڄ تاريخ چوويهين نومبر، ١٩٤٩ع جي ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

## راشٽر گيت

جَنَ گَڻَ مَنَ اَڌينايَڪ جَيَہ هي،
ڀارَت ڀاگِيہ وڌاتا
پَنجابَ، سِنڌ، گُجراتَ، مَراٺا،
دراوڙَ، اُتڪلَ، بَنگَ،
وِنڌيَہ، هِماچَلَ، يَمُنا، گَنگا،
اُڇَلَ، جل ڌِ تَرَنگَہ،
تَوَ شُڀَ نامي جاگي،
تَوَ شُڀَ آشيس ماگي،
گاهي تَوَ جَيَہ - گاٿا،
جَنَ گَڻَ - مَنگَلَ دايَڪ جَيَہ هي
ڀارت ڀاگِيَہ وڌاتا،
جَيَہ هي، جَيہ هي، جَيَہ هي،
جَيَہ جَيَہ جَيَہ جَيَہ هي.

## پرتگيا

’ڀارت منهنجو ديش آهي. سڀ ڀارتواسي منهنجا ڀائر ۽ ڀينر آهن.

مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار آهي ۽ مونکي ان جي شاندار ۽ طرح طرح جي ورثي تي گؤرو آهي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رهندس.

مان پنهنجن متن، مائٽن، اُستادن ۽ سڀني بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ هر ڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس.

مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان پنهنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي رهندس. انهن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ ۾ ئي منهنجو سک سمايل آهي.‘

# ماسترن لاءِ هدايتون

تعليم جا مقصد برثواب ٿيڻ لاءِ ماستر جي ڀومڪا اَهم آهي. تعليم جو واسطو سِڌو زندگيءَ سان آهي. اِها اُميد ٿي ڪجي تہ شاگرد حاصل ڪيل علم ۽ ڄاڻ پنهنجي زندگيءَ ۾ مناسب نموني ڪم آڻي. پنهنجي زندگيءَ ۾ ترقي ڪري سماج ڏانهن پنهنجي فرضن جو پالن ڪري. اِن ڪري ماستر کي اِهو مول مقصد پورو ڪرڻ ۾ اِبتدائي حصيدار ٿيڻ گهرجي.

درجو ٻارهون، ٻيوڪ ڀارتي سنڌي ڪتاب نئون اَڀياس ڪرم موجب تاهيو ويو آهي. تعليمي سرشتي ۾ اِهو ٽيون ڏاڪو آهي. پرائمري ۽ سيڪنڊري کان پوءِ شاگرد هاير سيڪنڊري ۾ داخل ٿين ٿا. جن پنهنجي اِسڪولي دؤر ۾ ڪڏهن بہ سنڌي ٻوليءَ جو اَڀياس نہ ڪيو هُجي، اِنهن شاگردن ڏانهن ماسترن جي خاص ذميواري رهندي. درجي ٻارهين جي ڪتاب ۾ ڏنل مواد شاگرد چڱيءَ طرح سمجهي، ڏنل مشغوليون پوريون ڪرڻ ۾ قابل هُجن، تعليم جو هڪ نئون آزمودو وٺن، اِنهن سڀني ڪريائن ۾ ماسترن کي اَڳرو رهڻو آهي. هِن ڪتاب ۾ ڪجهہ هنڌن تي چِتر ڏنل آهن جيڪي گوگل جي مهربانيءَ سان ورتل آهن. شاگرد وشيہ جي ويچارڌارا وڌيڪ سمجهڻ لاءِ پاڻ بہ اِنٽرنيٽ جو اِستعمال ڪري سگهن ٿا.

اَهڙا ٻار جيڪي سنڌي ٻولي ڪڏهن بہ نہ سِکيا آهن يا اَهڙا ٻار جن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ گهٽو واهپو ٿيل نہ هُجي، اِنهن ٻارن کي سيکارڻ لاءِ ماستر هيٺ ڏنل هدايتون اطاعت ڪندا.

١. ٻال ڀارتي سنڌي درجو پهريون ۽ سنڌو ڀارتي درجو پنجون (عربي ۽ ديوناگري) اِنهن ڪتابن جي مدد وٺي ٻارن کي سنڌي حرف، سوَلا لفظ سمجهايو.

٢. سوَلا لفظ، سوَلا جُملا سيکاري پوءِ پڙهڻ ۽ لکڻ جو اَڀياس ڪرايو.

٣. روزاني وهنوار ۾ ڪم ايندڙ لفظن جي ڄاڻ ڏيو.

۴. سنڌي ڏڻن جي ڄاڻ ڏيو.

۵. سنڌي ڪاڄ، ريتون رسمون پُڇو ۽ اُنهن تي ڪلاس ۾ بحث ڪرايو.

٦. ڀاڄيون، جانور، ڏينهن، مهنا، اوزار، واهڻ، رنگ اِنهن بابت ڄاڻ ڏيو.

٧. سنڌي اَدب جون شاخون مثال ليک، ڪهاڻي، ناٽڪ، شاعري اِنهن بابت ڄاڻ ڏيو. ٻيوڪ ڀارتي ڪتاب ۾ هڪ خاص پاٺُ 'اَدب' سري سان ڏنل آهي جنهن ۾ ٻولي ۽ ڪهاڻين بابت گهڻي قدر گيان ڏنل آهي. جنهن جو عملي اَڀياس ڪرڻو آهي.

٨. هر سبق کان پوءِ ڏنل مشغوليون پاڻ سمجهائي شاگردن کان ڪرايو. ساڳئي وقت گروپ ٺهرائي شاگردن کان نيون مشغوليون جوڙايو.

٩. ننڍي سطح تي ڳالهائڻ جي لفظن جي ڄاڻ ڏيو.

١٠. خاص لفظن تي ضرور اَڀياس ڪرايو. اَهڙيون مشغوليون صفحہ 85 کان 94 تائين 'وِندر' سري هيٺ اَکر جي راند' ڏنل آهن. مثال : ف، ق، ڪ، ق، ب، پ سان شروع ٿيندڙ لفظ.

# پرستاونا

پيارا شاگرد دوستو،

توهان سيني جو درجي ٻارهين ۾ سواگت آهي. سنڌي يووڪ ڀارتي، درجو ٻارهون، اِهو ڪتاب توهان جي هٿن ۾ ڏيندي اَسان کي بيحد خوشي ٿي رهي آهي.

بدليل اَڀياس ڪرم جو مقصد آهي تہ اڄ جي ڇاڀيتيءَ واري زماني ۾ شاگردن جو چوطرفي وڪاس ٿئي ۽ جدا جدا لياقتن ۾ هوُ قابل بڻجن جئن هوُ گيانوان بڻجي ۽ سنسڪاري ويچار رکي ديش جا آدرش ناگرڪ بڻجي سگهن.

ڪنهن بہ سماج جي سڀيتا اُنجي ماتر ڀاشا ذريعي ظاهر ٿيندي آهي، ٻولي سيکي وشين جو مُکيہ مرڪز آهي. سکڻ - سيکارڻ ترتيب ۾ گيان جوڙجڪ واد، مشغولين تي مدار رکندڙ شاندار اَڀياس ڪرم جا ڏاڪا ڌيان ۾ رکندي اِن درسي ڪتاب جي رچنا ڪئي ويئي آهي.

درسي ڪتاب ۾ ڏنل سبق پڙهي، اُنهن اَندر سمايل مختلف وشين کي سمجهي گيان حاصل ڪري تخليقي سوچي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ويچار ظاهر ڪرڻ جو موقعو ڏنل آهي.

درسي ڪتاب ۾ روزانو سکڻ کي همٿائڻ لاءِ لائبرري، اِنٽرنيٽ، پرچار ڦهلاءُ ماڌيم، اِنهن مان حاصل ٿيندڙ گيان کي مناسب نموني استعمال ڪرڻ، جدا جدا لياقتون وڌائڻ، علحديون مشغوليون، پروجيڪٽ، لکڻ جي قابليت وڌائڻ اهڙا وشيہ بخوبي ڏنل آهن.

سائُئي نموني وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ درسي ڪتاب جي پهرين صفحي تي ڪيوُ.آر. ڪوڊ ذريعي ڊجيٽل درسي ڪتاب ۾ سبقن حوالي سکڻ-سيکارڻ ترتيب لاءِ ڪمائتو آڊيو-وزُئل ساهتيہ بہ ميسر ٿي سگهندو جيڪو خاطريءَ سان اَڀياس ڪرڻ ۾ ڪارائتو ٿيندو.

اِن درسي ڪتاب جو اَڀياس ڪري خوُب آنند وٺو ۽ ڪتاب بابت پنهنجا رايا اَسان کي ضرور ٻڌائيندا. توهان سيني کي تمام گهڻيون شُڀ ڪامنائون.

پُڻي

تاريخ : ٢١ فيبروري ٢٠٢٠

ڀارتيہ سوريہ تاريخ : ٢ ڦڳڻ ١٩٤١

(وويڪ گوساوي)

سنچالڪ

مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پُستڪ نِرمتي ۽

اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي.

## علمي لياقت

### ☜ ٻڌڻ

- آڊيو ٽيپ، ريڊيو، ٽي.وي وسيلي مادري ٻولي ۽ غير مادري ٻولين ۾ نوان لفظ ٻڌڻ.
- گهر، پاڙو، بازار، مختلف هنڌن تي ٿيندڙ واقعا، گفتگو، ڄاتل توڙي اَڻ ڄاتل ماڻهن جا ويچار، نيتائن، سائنسدانن جون تقريرون ٻڌڻ.
- درسي ڪتاب ۾ آيل اَدب جي مکيہ اِسمن نثر ۽ نظم ۾ اِستعمال ٿيل لفظ چڱيءَ طرح ٻڌڻ ۽ ٻُڌل اُچار ڌيان ۾ رکڻ.
- غير درسي ڪتاب آڊيو وسيلي حاصل ڪرڻ ۽ اُنهن ۾ سمايل ليکڪ، ڪوتائون ڌيان سان ٻڌڻ.
- علحدن ساهوارن جا آواز ٻڌڻ. قدرت ۾ ٿيندڙ گهٽنائون جهڙوڪ نديءَ جو وهڻ، برسات پوڻ وغيره حالتن ۾ آواز ٻڌڻ.
- الڳ الڳ سنگيت جي سازن جا آواز ٻڌڻ ۽ سڃاڻڻ.
- اَدبي ۽ غير اَدبي ٻوليءَ ۾ فرق سمجهڻ.
- ٻڌل آواز مان ڳالهائيندڙ جا جذبات سمجهڻ.

### ☜ ٻُڌڻ

- آواز جي لاهي چاڙهي سمجهي ٻُڌڻ.
- آواز جو مادو ۽ مقدار ڌيان ۾ رکي ٻُڌڻ.
- مختلف وشين تي بحث مباحث ڪرڻ ۾ سگهارو ٿي بهرو وٺڻ.
- چاتل توڙي اَڻ چاتل وشين تي پنهنجا ويچار گڏ ڪري ٻُڌڻ ۾ قابليت حاصل ڪرڻ.
- ٻُڌڻ ۾ بيهڪ جون نشانيون ڌيان ۾ رکندي مناسب ٻُڌڻ.
- صحيح نموني نياپا سمجهي، بنا ڦير گهير جي اُهي پهچائڻ.
- ٽيليفون، موبائيل تي معقول ٻُڌڻ.
- عمر، ناتو، جنس ۽ عدد سمجهي ٻُڌڻ.
- پنهنجي شخصي آزمودن کي ٻڌائڻ جي قابليت هئڻ.
- جدا جدا وشين تي تقرير ڪرڻ جي لياقت هئڻ.
- نقل ڪرڻ جو هنر هئڻ.
- جدا جدا آواز ڪڍڻ ۾ ماهرت حاصل ڪرڻ.
- ڊرامو يا ناٽڪ ۾ اَداڪاريءَ جي ڄاڻ هئڻ.

### ☜ پڙهڻ

- درسي ڪتاب جو مواد چڱيءَ طرح پڙهڻ، سانت پڙهڻ ۽ ڏاڍيان پڙهڻ ۾ فرق سمجهي مناسب نموني ويچار پيش ڪرڻ.
- ناميارن ليکڪن ۽ شاعرن جي رچنائن کي پڙهي ڄاڻ حاصل ڪرڻ.
- درسي ڪتاب ۾ آيل مشغوليون چڱيءَ طرح پڙهي ڪري سمجهڻ.
- اخبارون، رَسالا، مخزنون دستاويز وغيره پڙهڻ جي قابليت هئڻ.
- ڪمپيوٽر مانيٽر، موبائيل اِسڪرين، لئپ ٽاپ تي نظر ايندڙ لفظ پڙهي سگهڻ.
- مقرر وقت ۾ ڏنل مواد پڙهي سگهڻ.
- صحيح ۽ غلط ساهتيه جي ڄاڻ هئڻ.
- ٽيڪنيڪ جو صحيح اِستعمال ڪري اِي.بوڪ پڙهڻ.
- ڊڪشنري استعمال ڪري نوان لفظ سکڻ ۽ پڙهڻ جي قابليت هئڻ.

### ☜ لکڻ

- آکاڻي، ليک، گفتگو، وگيان-اَفسانا، ڪوتا، آتم ڪٿا، جيون ڪٿا، سفرناما، وغيره بابت لکڻ جي قابليت هئڻ.
- پڇيل سوالن جا جواب صحيح نموني لکڻ.
- جدا جدا فارم ڀرڻ، پنهنجو خاڪو ٺاهڻ، درخواست ڪرڻ، اِي.ميل تيار ڪرڻ، جدا جدا ڪتابن مان ڪارائتو ساهتيه گڏ ڪرڻ، رڪارڊ ٿيل مسودو گڏ ڪرڻ جي قابليت هئڻ.
- لاڳاپو رکندڙ لفظ توڙي غير لاڳاپو رکندڙ لفظ استعمال ڪري آکاڻي لکڻ جي قابليت هئڻ.
- جدا جدا احوال لکڻ جي قابليت هئڻ.
- لکڻ ۾ مناسب هنڌن تي پهاڪا، چوڻيون، اصطلاح، رنگين زباني، وڏن ليکڪن جا ڪٿن اِستعمال ڪرڻ جي قابليت هئڻ.
- ڊائري لکڻ جي عادت وجهڻ.
- لکڻ ۾ صحيح گرامر اِستعمال ڪرڻ.
- ٻُڌل، چاتل شخصي آزمودا يا واقعا پنهنجي لفظن ۾ اَثرائتي نموني پيش ڪرڻ جي قابليت هئڻ.
- صورتخطيءَ ڏانهن ڌيان ڏيڻ.
- ’ٻيا اَکر پڙهي سگهن‘ لکڻ وقت اِها ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ.

### ☜ گرامر

- ضد، جنس بدلائڻ، ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ، هم آوازي لفظ، اصطلاح جملن ۾ ڪم آڻڻ، زمان ۽ اُنجا قسم، عدد بدلائڻ، نثري روپ ۾ لکڻ.

# فهرست

## نثر


| نمبر | نالو | ليکڪ | صفحو |
|---|---|---|---|
| (1 | شؤق | ايم.ٽي. پاٽيه | 1 |
| (2 | آپدا - خاص چاڙ | سمپادڪ منڊل | 6 |
| (3 | من جي شانتي ! | تيرت سپاٽي | 16 |
| (4 | ڏس کو ڏانءُ! | رام پنجواڻي | 20 |
| (5 | اَچو تہ پاڻي بچايون | سمپادڪ منڊل | 26 |
| (6 | ادو عبدالرحمان | امرلال هنگوراڻي | 32 |
| (7 | آڪاش ڪنيا - ڪلپنا چاولا | ميارام ڪڪريجا | 38 |
| (8 | ليه - لداخ جو سير | سمپادڪ منڊل | 43 |


## نظم


| نمبر | نالو | ليکڪ | صفحو |
|---|---|---|---|
| (1 | گيت | پريو ’وفا‘ | 49 |
| (2 | پرين پَسُ پاڻ ۾ | دلپت | 52 |
| (3 | سنڌ ۽ سنڌي | ڪرشن ’راهي‘ | 54 |
| (4 | مان بہ هڪ باغي! | پرسرام ’ضيا‘ | 58 |
| (5 | بيت | سچل سائين | 61 |
| (6 | ناصحاڻو ڪلام | شاه عبداللطيف ڀٽائي | 64 |


## اَدب


| نمبر | نالو | ليکڪ | صفحو |
|---|---|---|---|
| | علم ادب - افسانو | ---------- | 68 |
| (1 | هڪ شرط | منوهر چگهه | 71 |
| (2 | وياڪُل نظرون وياڪُل واٽي | ڪلا پرڪاش | 77 |

# نشر

BLANK PAGE

# 1. شوق

ايم.ٽي. ڀاٽيه

مينگھراج ٽيڪمداس ڀاٽيه جو جنم ڊسمبر 1928ع ۾ روھڙي (سنڌ) ۾ ٿيو. ھينئر ھُو اجمير ۾ مقيم آھي. ھن جون رچنائون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿينديون آھن.

شل نه ڪنھن کي شوق گلي کان پڪڙي، پوءِ ته اُنھيءَ کي ڇڏڻ ڏاڍو مشڪل آھي. اڪثر ڪري اِئين چيو ويندو آھي ته ”شوق جو ڪوبه ملھه ڪونھي.“ سو مونکي به ننڍي ھوندي کان وٺي ڪو نه ڪو شوق آھي ئِي آھي. پھريائين شوق جاڳيو ته گھوڙي سواري سکان. پھريائين ته گانگٽ جيڏيون وڏيون مُڇون رکايم. ائين پئي ڏسڻ ۾ آيو ڄڻ ڪو وڏو پھلوان آھيان. دل ته اھڙي مضبوط آھي جو ڪوئو ٿو ڏسان ته ڊڄي وڃان. ٻاھرين طرح بھادري ڏيکارڻ لاءِ وٺي مُڇون رکايم ۽ گھوڙي سواري ڪرڻ سکيس. گھوڙي سواري ڪرڻ مھل پاڻ کي ڄڻ ڪپتان سمجھندو ھيس. ھڪڙي ڏينھن ڪنھن يار سان اچي ضد ٿيو ۽ يار پيو چوي، ”منھنجو گھوڙو ھلاءِ ته مان توکي دل گھريو انعام ڏيندس.“ مون به نه ڪئي ھم نه تم، سو ٽپ ڏيئي گھوڙي تي چڙھي ويس. منھنجو گھوڙي تي ويھڻ ۽ گھوڙي جو ڀڄڻ. گھوڙو ائين ھوا سان ڳالھيون ڪندو پئي ھليو، جو گھڻو ئي گھوڙي کي روڪيم پر يار رُڪجي ڇو ٿو! ڀڄائڙيءَ اھڙو حال ٿيو جو ڏڪام سان گھوڙي تان ڪِري اَچي پَٽ پيس. ھڏ ڪُڏ ڀڄي پيا. ڇھه مھينا اِسپتال ۾ پيو ھيس. وري شرط نه رکيم ۽ نه وري گھوڙو ھلايم.

چوندا آھن ته واندي مل کي ڪو نه ڪو ڪم کپي. سو يارن چيو ته تنھنجو گلو ڏاڍو سريلو آھي ڇو نٿو ڳائو سکين! يارن جي ٽيڪرين به مون کي ڦونڊايو. مون به ڪٽي لکنوئي لباس نھرايو، وڏو گوَيو پئي ڏسڻ ۾ آيس. روز رياض به ڪندو ھوس. پاڙي وارن جي ننڊ ڦٽي پيئي. روز ٻاھرين طرح نه ته اندرين طرح گاريون ڏيندا ھوندا. نيٺ ڳائو سکيس. ھڪڙي ڏينھن ڪوٺ مليو ته اچي پنھنجي سُريلي گلي سان سُريلو آواز ٻڌاءِ. مان به پنھنجي سازن وارن سان گڏ ويس. سازن وارن ساز وڄائڻ شروع ڪيا ۽ مون به پنھنجو گلو ڦاڙيو. منھنجو گلو ڦاڙڻ ۽ ماڻھن جون تاڙيون وڄائڻ. مان سمجھڻ لڳس ته پبلڪ منھنجو سواگت ٿي ڪري. پر پتو تڏھن پيو جڏھن اَنڊن ۽ ٽماٽن جو مون مٿان وسڪارو ڪيو ويو. ماڻھن کي گھڻو ئي سمجھايم ۽ چيم، ”ڀائرو مان اَنڌا ڪونه ڪائيندو آھيان. ماڻھون مُڙن ڇو ٿا! منھنجو منھن به سڄو اَنڊن سان ٿڦجي پيو. جيئن تيئن پنھنجو سريلو گلو بند ڪري گھر پيڙو ٿيس. گھر اچي در ڪڙڪايم. ٻارن در کوليو. ٻارن منھنجي شڪل ڏسي وٺي رڙيون ڪيون! ڇوڙ لڳا، ”ممي! ڀوت ڙي ڀوت.“ ڪوئي ٻار سڃاڻي ئِي ڪونه سگھيو. جيستائين منھن مان اکر ڪيان ئي ڪيان، تنھن کان اڳ گھرواريءَ ھڪ موٽو ڏنڊو ڀوت ڪيڏڻ لاءِ کڻي آئي. جيئن گھرواريءَ موٽو ڏنڊو مٿي کنيو ته مون رڙ ڪري چيومانس، ”مان آھيان تنھنجو پتي واندومل.“ گھرواريءَ ڏنڊو کڻي پٽ تي رکيو. دلداري ڏيئي چوڻ لڳي، ”توھان کي ھي ڇا ٿيو آھي!“ چيومانس، ”پبلڪ منھنجو سواگت ڪيو آھي.“ رات جو ڏھ لڳا ھئا. ٽڏ جا ڏينھن ھئا. ٿڌو پاڻي کڻي وينس منھن مٿو صاف ڪرڻ. پتو تان پيو جو صبح جو اُٿان ته اکين ۽ نڪ مان پاڻيءَ جا نيسارا پيا وھن. ڊاڪٽر آيو. چوڻ لڳو، ”نمونيا آھي.“

گهرواريءَ خفي ٿي چيو، ”توهان کي ڪنهن چيو تہ ڳوَيا ٿيو! ڪهڙو اَتو ڪُتو هُيوَ!“ هن جو برو پلو ٻڌم. مهينو ڪٽ پڪڙيم. ڊاڪٽرن جا بل ڏنم، ڳوَئي ٿيڻ جو شوق دل ۾ ئي رهجي ويو. وري ڳوَيو نہ ٿيس.

ڪنهن مهراج منهنجي امڙ کي چيو هو، ”واندومل هڪ وڏو جوتشي ٿيندو.“ اُهي اکر منهنجي مغز ۾ هميشه گهمندا هئا. هڪ جوتش وديا جو چاڙهو بہ ملي ويو. تنهن بہ وٺي پيهون ڏنيون، ”تون شرطيہ سنو جوتشي ٿيندين.“ مان بہ ڪپڙن ۾ نہ پيو ماپان. شروع ڪيم جوتش وديا. روز پيو ماڻهن جا هٿ ڏسندو هيس. هڪڙي ڏينهن هوٽل ۾ چانهہ پيئندي ڪنهن ماڻهوءَ جو هٿ ڏسڻ ويٺس. ماڻهو هو سريلو، سو وينو هٿ ڏيکارڻ. جڏهن هٿ ڏسي ختم ڪيم تہ سريلي مل چيو، ”پنڊت جي توهان جي دڪشڻا گهٽي.“ مون چيومانس، ”مون تہ شاءِ وقيہ تنهنجو هٿ ڏٺو. مان پنڊت ڪونہ آهيان.“ چيائين، ”سائين ڪجهہ وٺو.“ مون چيومانس، ”جيڪا تنهنجي مرضي هجي سا ڏڪڻا ڏي.“ يار سريلي مل نہ ڪئي هم نہ تم، ٺڪاءُ وٺي چماٽ هنيائين. منهنجا تہ واجڻ وڃي ويا. دل ۾ سوچيم، ”چا! هيءُ هٿ ڏسڻ جو انعام مليو.“ مون کيس چيو، ”ادا! مون تنهنجو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو!“ چيائين، ”تو سچ ٻڌايو، اُنهيءَ جو انعام آهي.“ مون بہ کيس موٽ ۾ ٺڦون هڻي ڪڍيون ۽ چيومانس، هڪ تہ تون سچ کي ٿو ڌڪارين انهيءَ جي ٺڦ، ٻي توکي آشيرواد جي ٺڦ.“ ٻنهي جي وچ ۾ تون چا تون چا ٿي پيئي. جهيڙو وڌي ويو. پوليس آئي ۽ ٻنهي کي پڪڙي سڄي رات ڪٽي اندر وهاريائون. ٻار سڄي رات پريشان ٿيا تہ ديدي ڪيڏانهن ويو! مان پڻ پريشان ٿيس جو منگهڻ سمهڻ ئي نہ پيا ڏين. وٺي پنهنجي ڪرمن ۽ مهراج کي پٽيم، جنهن منهنجي امڙ کي منهنجي اڳڪٿي ٻڌائي تہ تنهنجو پٽ وڏو جوتشي ٿيندو.





## لفظن جو خزانو

رياض = اَبياس
اَتو ڪُتڻ = شامت اچڻ
واجڻ وڃڻ = هوش وڃائڻ
پيهون ڏيڻ = اجايو متي چاڙهڻ
ٺيڪَرَ ڏيڻ = ڪوڙي ساراه ڪرڻ
ڪپڙن ۾ نہ ماپڻ = گهڻو خوش ٿيڻ

# اَڀياس

**سوال 1.** هيٺين جملن ۾ جواب لکو.

1) واندي مل کي پهريون شوق ڪهڙو جاڳيو؟
2) واندي مل جي دوست ڪيس ڇا چيو؟
3) ٻارن واندي مل جي شڪل ڏسي رڙيون ڇو ڪيون؟
4) سريلي مل اڳڪٿي ٻڌڻ ڪان پوءِ واندي مل کي ڇا چيو؟

**سوال 2.** ٿوري ۾ جواب لکو.

1) واندي مل کي ڪهڙا شوق جاڳيا؟
2) ”شوق جو ڪوبہ مُلهہ ڪونهي“ سمجهايو.
3) پنهنجي شوق بابت پنج جُملا لکو.

**سوال 3.** ڪنهن، ڪنهن کي چيو :

1) ”منهنجو گهوڙو هلاءِ تہ مان توکي دل گهُريو اِنعام ڏيندس.“
2) ”ياترو! مان اَندا ڪونہ ڪائيندو آهيان.“
3) ”توهان کي هي ڇا ٿيو آهي!“
4) ”ممي! پوٽ زي پوٽ.“
5) ”اَدا! مون تنهنجو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو!“

**سوال 4.** (I) ضد لکو.

| | |
|---|---|
| شروع | ........................ |
| هيٺ | ........................ |
| سياڻو | ........................ |
| ٿڌو | ........................ |

(II) صفتون ڳاهيو.

| | |
|---|---|
| شوق | ........................ |
| سچ | ........................ |
| ڏينهن | ........................ |
| ڄاڻ | ........................ |

(III) جنس مٽايو.

| | |
|---|---|
| ڊاڪٽر | ........................ |
| پتي | ........................ |
| گهوڙو | ........................ |
| اَمڙ | ........................ |

(IV) عدد بدلايو.

| | |
|---|---|
| رَڙ | ........................ |
| مڇيون | ........................ |
| ٽماٽو | ........................ |
| پهلوانُ | ........................ |

## مشغُولي - 1

ٽڪر پڙهي عملي ڪم پورو ڪريو :-

”چوندا آهن تہ واندي مل کي ................ چيومانس، ”پبلڪ منهنجو سواگت ڪيو آهي.“

(1) جملن سان لاڳاپو رکندڙ ستون ٽڪر مان ڳولهيو.

1. مان ويشنوُ آهيان.
2. دوستن ڪوُڙي ساراهہ ڪري همٿ وڌائي.
3. جنتا منهنجو آدر ڀاءُ ڪيو آهي.
4. هر ڏينهن اڀياس ڪندو هوس.

(2) ’صفت‘ ۽ ’اِسم‘ جا جوڙا ملايو :-

مثال :

| صفت | اِسم |
|---|---|
| **سُريلو** | **آواز** |
| موٽو | گوَيو |
| لڪنوئي | گلو |
| سُريلو | لباس |
| وڏو | ڏندو |

### (3) ڏنل ستون سلسليوار لکو :-

1. ٻارن ليک جي شڪل ڏسي رڙيون ڪيون.
2. ليک جي زال موتو ڏنڊو کڻي آئي.
3. ليک روز رياض شروع ڪيو.
4. دوستن ليک جي گلي جي ساراهه ڪئي.

### (4) مثال سمجهي جُملا ٺاهي لکو :-

**مثال : منهنجو گلو ڦاڙڻ ۾ ماڻهن جون تاڙيون وڄائڻ.**

جواب : مان گلو ڦاڙيو ۽ ماڻهن تاڙيون وڄايون.

1. دوستن جي ساراهه ڪرڻ ۾ مُنهنجو اڀياس شروع ٿيڻ.
2. ٻارن جو در کولڻ ۾ انهن جون رڙيون ڪرڻ.
3. منهنجو ڳائڻ ۾ ماڻهن جو اَندر ۾ ٺماڻن سان وسڪارو ڪرڻ.
4. ڪوٽ ملڻ ۾ مُنهنجو سازن وارن سان گڏ وڃڻ.

### (5) صحيح متبدل چونڊي لکو :-

(I)
1. ليک جو آواز سيني کي ڏاڍو وڻيو.
2. ليک جو سواگت گُلن سان ٿيو.
3. ليک جي آواز تي ماڻهو ناراض ٿيا.

(II)
1. ليک کي ڪتاب لکڻ جو شوق پيدا ٿيو.
2. ليک کي گيت ڳائڻ جو شوق پيدا ٿيو.
3. ليک کي سڪا جمع ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيو.

(III)
1. ٻار ليک جي شڪل ڏسي ڏڄي ويا.
2. ٻارن ليک جي شڪل جي ساراهه ڪئي.
3. ٻار ليک جي شڪل ڏسي نچڻ لڳا.

(IV)
1. ليک جي زال متس ڏنڊو ڪنيو.
2. ليک جي زال ساڻس همدردي ڏيکاري.
3. ليک جي زال مٿانئس ڪاوڙجي.

## مشغوُلي - 2

### (1) جملو سمجهي چوڪندن ۾ 'شوق' يا 'خراب عادت' لکو.

1. راجيش روز ڪجهه دير سنگيت ٻڌندو آهي.
2. هرشا نرتيہ جو رياض ڪندي آهي.
3. سوهم هميشهه واندڪائيءَ ۾ وات سان ننهن پيو ڪتريندو آهي.
4. راڪيش ٻُشرٽ سان منهن اُگهندو آهي.
5. اَسان جو دادا روز اخبار پڙهندو آهي.
6. مينا گِتار وڄائڻ جو اڀياس ڪندي آهي.
7. نرملا گهر جي کاڌي کان ٻاهريان طعام وڌيڪ پسند ڪندي آهي.
8. هرشا باغ ۾ وڻن ٻوٽن جو خيال ڪندي آهي.
9. ساوتري هميشهه رڙيون ڪري ڳالهائيندي آهي.

(2) وهڪ - تختو

ويچار
↓
لفظ
↓
ڪريائون
↓
عادتون، شؤق
↓
چرتر

(2) مشهوُر ڪلاسيڪل سنگيتڪار

1. پنڊت روي شنڪر - سِتار
2. ذاڪر حُسين - تبلو
3. هري پرساد چورسيا - بامبو بانسري
4. اَڪبر خان - سرود
5. اَمجد علي خان - سرود
6. شِوڪمار شرما - سنتوُر
7. پنڊت جسراج - سنتور گايڪ

## ڏيڪ چاڙ

(1) مشهوُر چترڪار

1. امرتا شيرگل - سيلف پورٽريٽ
2. رابندرنات ٽئگور - ڀارت ماتا
3. راجا روي ورما - شڪنتلا
4. نندلال بوس - باپوُجي
5. تائب مهتا - مَنشاسُرا



❖❖❖❖

# 2. آپدا - خاص چاڻ

سمپادڪ منڊل

هن مضمون ۾ آپدا ۽ اُن جا قسم ٻڌائيندي انهن کان تخفظ حاصل ڪرڻ جي مختصر چاڻ ڏنل آهي. آپدا اچڻ کان اڳ ان جي سرزد ٿيڻ مهل ۽ ان کان پوءِ کھڙي خبرداري وٺڻ گهرجي، اُن جا تفصيل ٻڌايل آهن.

آپدائن جا ٻہ قسم آهن.

1) قدرتي آپدائون

2) اِنساني ڪارگذارين سبب ٿيندڙ آپدائون

**قدرتي آپدائن جا مثال :**

- ٻوڏون، زلزلا، جهنگل جون باهيون ۽ بادلن جو ڦاٽڻ وغيره.

- اِنساني ڪارگذارين سبب ٿيندڙ آپدائون جهڙوڪ : باهيون، رستي جا حادثا، ڪارخانن مان نڪرندڙ زهريليون گئسون، عمارتن جو ڪِرڻ وغيره واقعا.

**ڪُجھ مثال :**

(1) ڪوئنا ۾ ڌرتيءَ جو ڌڏڻ (11 ڊسمبر 1963ع) اٽڪل 200 ماڻھو موٽ جو شڪار ٿيا.



(2) مهاراشٽر ڪِلاري ۾ زلزلو (30 سيپٽمبر 1993ع) جنهن ۾ 7928 ماڻھو اجل جو شڪار ٿيا.



(3) ڀڄ (گجرات) ۾ ڌرتيءَ جو ڌڏڻ (26 جنوري 2001ع) اُن حادثي ۾ 19,727 ماڻھو گذاري ويا. 1,66,000 ماڻھو زخمي ٿيا. اٽڪل 30 لک ماڻھن مٿان اثر پيو.



(4) تامل نادو ۾ 26 ڊسمبر 2014ع تي سُنامي قهر ڪيا. هند مهاساگر ۾ سمنڊ جي لهرن راڻا ڪيا. خوفناڪ لهرن ٻارهن ملڪن ۾ تباهي آندي. ڪل 1,50,000 ماڻھو اجل جو شڪار ٿيا.



(5) اُتراکنڊ ۾ 16 جون 2013ع تي بادل ڦاٽڻ سبب ٻوڏون آيون. ان ۾ 12000 ڪروڙ روپين جو مالي نقصان ٿيو. 1000 ڪان وڌيڪ ماڻهو موت جو شڪار ٿيا.





(6) گجرات جي سورت شهر ۾ هڪ ڪوچنگ سينٽر ۾ 24 مئي 2019ع هڪ چار ماڙ بلڊنگ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 20 ٻار باهه جو شڪار ٿيا. اُهو ڀيانڪ حادثو اِنساني لاپرواهين جو نتيجو هو.




## آپدا بندوبست ۾ شاگردن جو ڪردار

’نيشنل اِنسٽيٽيوٽ آف ڊزاسٽر مئنيجمينٽ‘، منسٽري آف هوم اَفئرس ۽ وگيان پرسار، ڀارت سرڪار طرفان هڪ خاص ڪتاب شايع ڪيو ويو. اُهو ’ائڪٽوٽي بُڪ‘ سيني مائٽن، اُستادن ۽ شاگردن کي پڙهڻ گهرجي. آپدا وقت ڪهڙا قدم کڻي جان مال جو نقصان گهٽائي سگهجي ٿو. اُها ڄاڻ سيني لاءِ ضروري آهي.



## وڏيڪ چارٽ

## ’ائڪتوني بُڪ‘ ڪتاب جا اَهم حصا

### FIRE: do’s and don’ts

**BEFORE :**

- The schools to be given license only after checking up its safety.
- The schools must have sufficient exit routes.
- Identify the fire hazards and where fires might start.
- Teachers/school staff to have training in fire safety.
- Students to be made aware about the do’s & don’ts.
- School to have an emergency plan and put up fire notices.
- Keep electrical inspection and testing up to date and carry out repairs.
- Kitchen has to be in secured and safe location only.
- Check the adequacy of fire fighting apparatus and its maintenance.
- Ensure fire escape routes and fire exit doors/ passageways are unobstructed and doors open

  correctly.
- Have first aid kits.

**Conduct fire drills.**

- Consult with and implement recommendations of the local fire brigade.

**DURING :**

- Exit from the school to an open area.
- Contain the fire if possible. If not , get outdoors immediately.
- Execute evacuation plan and practiced fire drills.
- Call the Fire Brigade.
- Do not allow children and teachers to panic.
- Do not let anyone hide. Teachers to ensure that nobody is trapped in toilet/indoors.
- If the room is filled with smoke, ask children to stay low to the ground during exit.
- Feel any closed door to see if they are hot before they are opened.
- If the door is hot, use the nearest window or another exit.
- Children and teachers should go to pre – arranged locations, teacher to take roll call.
- Teachers should comfort distressed children.
- Nearest hospital/authority to be alerted.
- Do not allow children to leave on their own , or to be taken home by strangers.

## AFTER :

- DON'T Re- enter or permit anyone to enter the school building , unless the fire officials have given permission to enter.
- Teachers to confirm that all students have reached their homes safely.
- Review the fire risk management plan and evacuation plan.
- Implement / execute recommendations by Fire Department and /or building professional before reopening school for classes.

## EARTHQUAKE: Do's and Don'ts for Protection

## EARTHQUAKE DAMAGE :

Most human lives in earthquakes are lost due to collapse of houses. Styles of making houses depend on local climate, construction material available and on local traditions.

## WHAT IS AN EARTHQUAKE

An earthquake is a sudden shake of the earth, which lasts for a short time, within a very imited region. Most earthquakes last for less than a minute, but sometimes shock may last, for as long as 3 to 4 minutes. The place where an earthquake originates inside the earth is called the focus of the earthquake. The point vertically above this, on the surface of the earth, is called its epicenter.

## WHY DO EARTHQUAKES HAPPEN

The entire surface of the earth is made up of several wide, thin and rigid plate like blocks. These are in constant motion with respect to each other. This causes most earthquakes at edges of plates and a few earthquakes within the plate. The movement is very slow but in some places it is as much as about 5 cm per year. Earthquakes occur almost everywhere in

the world. Some regions have more earthquakes than other parts of the globe. Earthquakes can be caused by other reasons too. Volcanic activity can shake the ground. Blasting, quarrying and mining can cause small earthquakes.

Underground nuclear explosions are also man made earthquakes.

Tremendous amount of energy is released during an earthquake. This can cause widespread damage. Human dwellings have to be protected from earthquakes. Collapse of buildings in an earthquake, specially in congested areas, can cause havoc.

## If you are caught indoors at the time of an earthquake,

- Keep calm.
- Stay away from glass windows, doors, almirahs, mirrors etc.
- Stay away from falling plaster, bricks or stones.
- Get under a table or a sturdy cot so that you are not hurt by falling objects.
- Do not rush towards the doors or staircase. They may be broken or jammed.

## If you are outdoors at the time of earthquake,

- If open space is available nearby, go there.
- Keep away from tall chimneys, buildings, balconies and other projections.
- Do not run through streets; hoardings or lamps may fall on you.

## After an earthquake

- Check if you or anyone else is hurt. Use first aid at least on the cuts and bruises.
- Keep the streets clear for emergency services.
- Switch off all appliances like the refrigerator, TV or radio Turn off the gas.
- Wear shoes to protect your feet from debris.
- A battery operated radio will help you to get important messages.
- Be prepared for more shocks. These aftershocks always follow an earthquake.

## Avoid the following in an earthquake

- Do not crowd around damaged areas or buildings.
- Do not waste water. It will be needed for fire fighting.
- Do not move the seriously hurt people.
- Wait for medical help to arrive.
- Do not spread rumors. They lead to panic and worsen the situation.

## FLOOD: Do's and Don'ts for Protection

### Do's

- Switch off all electrical and gas appliances, and turn services off at the mains.
- Take your emergency kit and try to let your friends and family where you are going.
- Avoid contact with flood water - it may be contaminated with sewage, oil, chemicals or other substances.
- If you have to walk in standing water, use a pole or stick to ensure that you do not step into deep water, open manholes or ditches.
- Stay away from power lines - electrical current can travel through water. Report power lines that are down to the power company.
- Look before you step - after a flood, the ground and floors are covered with debris, which may include broken bottles, sharp objects, nails etc. Floors and stairs covered with mud and debris can be slippery.

### Don'ts

- Don't walk through flowing water - currents can be deceptive, and shallow, fast moving water can knock you off your feet.
- Don't swim through fast flowing water - you may get swept away or struck by an object in the water.
- Don't drive through a flooded area - You may not be able to see abrupt drop-offs and only half a metre of flood water can carry a car away. Driving through flood water can also cause addi- tional damage to nearby property.
- Don't return to your property until the "All Clear" has been given.
- Don't reconnect your power supply until a qualified engineer has checked it. Be alert for gas leaks - do not smoke or use candles, lanterns, or open flames.
- Don't eat any food that has come into contact with flood water.




**A fire extinguisher, flame extinguisher, or an extinguisher,** is an active fire protection device used to extinguish or control small fires, often in emergency situations. It is not intended for use on an out-of-control fire, such as one which has reached the ceiling, endangers the user (i.e., no escape route, smoke, explosion hazard, etc.), or otherwise requires the expertise of a fire department. Typically, a fire extinguisher consists of a hand-held cylindrical pressure vessel containing an agent which can be discharged to extinguish a fire.

**Fire Extinguisher Chart**

| Extinguisher | | Type of Fire | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| Colour | Type | Solids (wood, paper, cloth, etc) | Flammable Liquids | Flammable Gasses | Electrical Equipment | Cooking Oils & Fats |
| | Water | Yes | No | No | No | No |
| | Foam | Yes | Yes | No | No | Yes |
| | Dry Powder | Yes | Yes | Yes | Yes | No |
| | Carbon Dioxide (CO2) | No | Yes | No | Yes | Yes |

| CLASSES OF FIRES | TYPES OF FIRES | PICTURE SYMBOL |
|---|---|---|
| A | Wood, paper, cloth, trash & other ordinary materials. | |
| B | Gasoline, oil, paint and other flammable liquids. | |
| C | May be used on fires involving live electrical equipment without danger to the operator. | |
| D | Combustible metals and combustible metal alloys. | D |
| K | Cooking media (Vegetable or Animal Oils and Fats) | |

- **Class A fire extinguishers,** for example, have the green triangle on them and also the special numerical rating, showing the amount of water this extinguisher holds and the amount of fire it is able to extinguish.
- **Class B fire extinguishers** are marked with the red square and have the numerical rating indicating the approximate area of fire (in square feet) it is able to extinguish.
- **Class C fire extinguishers** are marked with the blue circle, but they don't have any numerical rating. As a rule they contain the non-conductive extinguishing agent, because they are often used for electrical fire fighting.
- **Class D fire extinguishers** have the yellow decagon on them and are mostly regarded as the part of chemical laboratory firefighting equipment. They also don't have any numerical rating on them. There are also class K fire extinguishers, marked with the black hexagon. They are intended for the fighting the fire, caused by any cooking oils, fats or trans-fats combustion and are highly recommended for restaurant or cafeteria kitchens.




## symbols and colour for extinguishers

## DISASTER EMERGENCY KIT

When a natural disaster occurs, we can't always rely on police or governments to provide help. The grocery store might be so badly damaged that you can't go into it. The supplies in the store might be quickly depleted or you may not be able to get to the store.

The six basic supplies you need in a disaster kit are:

| | | |
|---|---|---|
| Water | Food | First aid supplies |
| Clothing, bedding and sanitation supplies | Tools | Special items |

### Water

You should have a three-day supply of water on hand, or about one gallon per day per person. If your water is not already treated with chlorine, add some household bleach to the bottles. It should be stored in a cool, dark place for no longer than six months

### Food

Put aside at least three-days worth of food in your disaster kit that is non-perishable and don't need refrigeration.

Also, choose foods that don't need heating. Avoid foods with a high salt content as they will make you thirsty. Foods that are recommended are:

Candy, chocolate, tea, coffee Sugar, salt, pepper Canned juice, milk, soup Canned fruits, meat, vegetables Peanut

butter, jelly, crackers Baby food if necessary Vitamins Pet food for those of us who have pets

Assemble a first aid kit for your home and one for each car. A first aid kit should include:

(1) Sterile adhesive bandages in assorted sizes. (2) 2-inch sterile gauze pads (4-6)

(3) 4-inch sterile gauze pads (4-6) (4) Hypoallergenic adhesive tape

(5) Triangular bandages (3) (6) 2-inch sterile roller bandages (3 rolls)

(7) 3-inch sterile roller bandages (3 rolls) (8) Scissors (9) Tweezers

(10) Needle (11) Moistened towelettes (12) Antiseptic (13) Thermometer

(14) Tongue blades (2) (15) Tube of petroleum jelly or other lubricant

(16) Assorted sizes of safety pins (17) Cleansing agent/soap

(18) Latex gloves (2 pair) (19) Sunscreen Non-prescription drugs

(20) pain killer (21) Antacid (for stomach upset) Clothing

(22) Bedding and Sanitation Supplies

Make sure your disaster kit contains clothes that will protect you from cold and from heat. You should include at least one change of clothing per person, including footwear. Make sure you bring soap, detergent, toilet paper, feminine supplies, garbage bags (to dispose of personal waste), a plastic bucket with lid, disinfectant and household bleach.

## Tools

- Mess kits, or paper cups, plates and plastic utensils.
- Emergency preparedness manual.
- Portable, battery-operated radio or television and extra batteries.
- Flashlight and extra batteries.
- Cash or traveler's checks, change.
- Nonelectric can opener, utility knife.
- Fire extinguisher: small canister, ABC type.
- Tube tent.
- Tape.
- Plastic storage containers.
- Paper, pencil.
- Needles, thread
- Whistle.
- Plastic sheeting.
- Map of the area (for locating shelters).

## Special Items :

Special items include family documents such as birth certificates, passports, wills, photo id, bank account numbers, credit card numbers, household inventory, cash, books and other entertainment, batteries, extra glasses and prescription drugs.

ڌيان ڏيو.



# اَڀياس

سوال 1. هيٺين جملن ۾ جواب لکو.

1) آپدائن جا ڪهڙا قسم آهن؟

2) 11 ڊسمبر 1963ع تي ڪهڙي گهٽنا ٿي؟

سوال 2. ٿوري ۾ جواب ڏيو.

1) ڀُڄ (گجرات) ۾ ڌرتيءَ جي ڌڏڻ بابت ذڪر ڪريو.

2) اِنساني ڪارگذارين سبب ٿيندڙ آپدائون ڪهڙيون آهن؟

سوال 3. (I) ضد لکو.

اِنسان - ☐

موٽ - ☐

نقصان - ☐

گهٽ - ☐

(II) صفتون ٺاهيو.

جهنگل - ☐

گئس - ☐

موٽ - ☐

پارت - ☐

(III) عدد بدلايو.

آپدا - ☐

رستا - ☐

ڪارخانا - ☐

ٻوڏ - ☐

## مشغولي - 1

ٽڪر پڙهي عملي ڪم پورو ڪريو.

”تامل ناڊو ۾ 26 ڊسمبر 2014ع تي ...................... لاپرواهيءَ جو نتيجو هئو.“

(1) هيٺين جا جواب لکو.

1) ٻه راجيه - ☐ ، ☐

2) آپدائن جا ٻه مثال - ☐ ، ☐

(٢) ست پڙهي سوالن جا جواب لکو.

هند مهاساگر ۾ سمنڊ جي لهرن راڙا ڪيا.

1) هندي ٻوليءَ ۾ وڏو لاءِ ڪم ايندڙ ڪهڙو لفظ آهي؟

2) پاڻيءَ جو قدرتي ڀنڊار ڪهڙو آهي؟

3) هڪ اصطلاح ڳولهي لکو.

(3) صحيح متبدل جواب ڳولهي لکو.

1) سُنامي ڦهر ڪيا ......................

(i) اُتراکنڊ

(ii) گجرات

(iii) تامل ناڊو

2) بادل ڦاٽڻ آپدا ٿي ..................

(i) گجرات ۾

(ii) اُتراکنڊ ۾

(iii) مهاراشٽر ۾

3) اِنساني لاپرواهيءَ جو سڌو نتيجو ...........

(i) باهه لڳڻ

(ii) طوفان جو لڳڻ

(iii) تيز برسات پوڻ

4) قدرتي آپدا جو مثال ....................

(i) سُنامي

(ii) رستي جو حادثو

(iii) وڻ ڪٽڻ

# مشغولي - 2

مثال سمجهي هيٺ ڏنل خاڪو پورو ڪريو.

| حادثو | ڌرتي ڌڏڻ وقت | باهه لڳڻ وقت | ٻوڏ اچڻ وقت |
|---|---|---|---|
| • يڪدم لائيٽ سوئچ بند ڪجن | ✓ | ✓ | ✓ |
| • همت نه هارجي | ✓ | ✓ | ✓ |
| • ڪٻٽ ۽ دروازن کان پري رهجي | ✓ | ✗ | ✗ |
| • ڀاڪي ۾ لٺ جو اِستعمال ڪندي آهستي آهستي رستو پار ڪجي | | | |
| • يڪدم خالي جڳهه تي وڃڻ جي ڪوشش ڪريو | | | |
| • اسڪول ۾ ٻارن کي يڪدم گرائونڊ فلور يا ميدان تي موڪليو | | | |
| • رستا خالي رکجن جيئن امرجنسي شيوائون پهچائي سگهجن | | | |
| • پنهنجي گهر واپس نه وڃو جيستائين اختياري ۽ وارا 'آل ڪليئر' نه چون | | | |
| • بجليءَ جي تارن ۽ ٿنڀن کان پري رهو | | | |
| • زبون ٿيل عمارتن اڳيان ٻيهڻ نه ڪريو. | | | |

❖❖❖❖

# 3. مَنَ جي شانتي!

تيرت سڀاڻي

تيرت گوبندرام سڀاڻي (1906 -) مضمون نويسي ۽ پترڪار هو. جيون جي آخري پساهن تائين روزانہ ’هندوستان‘ ۽ هفتيوار ’هندواسي‘ جو ايڊيٽر هو. هن جا اهم ڪتاب آهن : ’دل ڪر درخت جي دستور‘، ’ايشور آهي‘ ۽ ’صحيح زندگي‘. هن مضمون ۾ زندگيءَ ۾ آيل تڪليفن سان منهن مقابل ٿيڻ لاءِ اُتساهت ڪندي اخلاقي ۽ روحاني نقطن تي روشني وڌل آهي.

دک سک، غم خوشي واري ڦيري سان هرهڪ اِنسان کي منهن ڏيڪارين ٿا. جيئن اونداهيون راتيون سدائين قائم دائم ڪونہ ٿيون رهن ۽ سندن پنيان چانڊوڪيون اَچن ٿيون ۽ جيئن خزان ڪانپوءِ بسنت بهار اَچي ٿو، تيئن دکن پنيان سک، غمن پنيان خوشيون اَوس اَچن ٿيون.

اُن ڪري صلاح پريو آهي تہ دک ۾ دکي نہ ٿيون، پنهنجي همت هاري نہ ويهون، پاڪي دلداري ڏيون تہ جيئن ڪکر ڪارونيار ٽڙي پکڙي ويندا آهن تہ چندرما پسڻ ۾ ايندو آهي، تيئن دک بہ پني ڏيندا ۽ سک سندن جڳهہ والاريندا. سکن سميہ وري جڳائي تہ سائينءَ جا ٿورا مڃيون. اهڙيءَ ريت اَسين پنهنجي جيون سکميہ بڻائي سگهون ٿا.

نارمن ونسينٽ پيل پنهنجي ڪتاب (Art of Living) ۾ لکيو آهي تہ ڏکيائون ۽ مصيبتون منهن ڏيکارين تہ اُن ويل اِنسان جيڪڏهن پنهنجي من کي شانت رکي ۽ سائينءَ جي مهر ميا سان عطا ٿيل نعمتن کي ياد ڪري تہ مصيبتون جيڪر ڪانئس وسري وڃن ۽ اُهي ڪيس تنگ ئي ڪونہ ڪن. ڪهڙو بہ اِنسان هجي، ڪٽي مصيبتن جا پهاڙ بہ مٿانئس ڪڙڪن تہ بہ جي هوُ ياد ڪري تہ منهنجي صحت سني آهي، سڀ عضوا سالم آهن، ڏسي سگهان ٿو، ٻڌي سگهان ٿو، ڳالهائي سگهان ٿو ۽ مالڪ جا شڪرانا مڃي تہ مصيبتون پنهنجو ڏنگ جيڪر وڃائي ڇڏين، ڪيس حيران پريشان ڪونہ ڪن ۽ منجهس اُهي ست ڪري يوڳڻ جي سگهہ اچي وڃي.

هڪ وار اِنسان مالڪ جا شڪرانا مڃيا، منجهس اعتقاد ڏريو تہ سندس من ايشور ڪان مليل نعمتن طرف ورندو ۽ مصيبتون ڪيس ڪابہ هاڃي رسائي ڪونہ سگهنديون. باقي جي رڳو مصيبتن تي ويهي ويچار ڪبو، اُنهن کي ويهي ياد ڪبو تہ اُهي ويتر وڌنديون ۽ چوگرد چوڌار اوندهہ ئي اوندهہ ڏسڻ ۾ ايندي.

هڪ وڏو ڪارخانو هو. چڱو ئي مال اُن ۾ تيار ٿيندو هو. اوچتو وڪرو گهٽجي ويو. جدا جدا شهرن مان ايجنٽ دانهون ڪرڻ لڳا. دلشڪستا ٿي پيا. ڪارخاني جي مئنيجر اها روئداد ڏسي، سيني ايجنٽن کي پنهنجي آفيس ۾ سڏايو.

آفيس جي ديوار تي هڪ وڏو سفيد پنو ٽنگي ڇڏيائين. اُن پني جي وچ تي هڪ ڪارو ٽبڪو ڏيئي ڇڏيائين. هرهڪ ايجنٽ ڪان پڇيائين : ”پني تي اوهان کي ڇا ٿو ڏسڻ ۾ اچي؟“ هرهڪ جواب ڏنو : ”ڪارو ٽبڪو ٿو ڏسڻ ۾ اچي.“ وري ڪانئن ساڳيو سوال پڇيائين. وري بہ هنن ساڳيو جواب ڏنو. ڪانئن پڇيائين : ”ڪاري ٽبڪي ڪانسواءِ بيو ڪجهہ بہ ڪين ٿو اوهانکي ڏسڻ ۾ اچي؟“ هنن وري بہ وراڻي ڏني : ”رڳو ڪارو ٽبڪو ٿو ڏسڻ ۾ اچي.“

مئنيجر پڇيو، ”هن پني تي ڪنهن کي بہ اَڇاڻ ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي اچي؟ اهائي تہ اوهان سان ويدن آهي تہ اوهين رڳو ڪارو ٽبڪو ٿا ڏسو ۽ نہ هيءَ اَٿاهہ اَڇاڻ، جنهن تي ڪارو ٽبڪو رتيءَ ماتر جڳهہ ٿو والاري.“ هنن کي چيائين : ”هاڻ پنهنجي پنهنجي شهر ڏانهن موٽي وڃو ۽ اَڇاڻ ڏانهن بہ

نظر ڪيرايو. توهانجي ۽ منهنجي جيون ۾ گهڻائي ڪارا ٽيڪا هوندا، پر اهو ڪڏهن به ڪين وساريو ته وڏي شاهي اَڇاڻ به موجود رهي آهي. ان ڪري جيڪڏهن هن وقت ڏنڌي ۾ مانائي آئي آهي ته اسان کي دلشڪستا ٿيڻ نه جڳائي. ڏنڌي جا گذريل سنا ڏينهن شڪرانن سان ياد ڪري، اورچ ٿي لڳاتار محنت ڪرڻ گهرجي. وشواس رکو ته وري ساڳيا سکيا ڏينهن اَوس اَچڻ وارا آهن. باقي جي سمورو وقت ويهي اهو ويچار ڪبو ته ڏنڌو بيهجي ويو آهي ۽ اُن ۾ غلطان ٿي فقط ملول ۽ اُداس ٿي ويهبو ته پاڻ کي وڏيڪ تنگ ڪبو ۽ ڏنڌي سڌرڻ جون ايندڙ اُميدون به پني ڏئي وينديون.''

ايمرسن سياڻي ۾ سياڻو آمريڪن سمجهو ويندو آهي. هن لکيو آهي ته ڪيترا ماڻهو ڳڻتيون تا ڪن ته آئينده ۾ متان ڪي ڏک سوُر نه اچن. ان ڪري هن صلاح ڏني آهي ته جيڪي خرابيون اچا آيون ئي ڪين آهن، انهن لاءِ چو ويهي چنتا ڪري پاڻکي ڏکن ڏولائن ۾ وجهجي! اِنسان جيڪڏهن ڪاغذ ڪٽي ويهي اُن تي لکي ته ڪهڙيون مصيبتون ڪيس درپيش آيون ۽ ڪهڙين جي اچڻ جو ڪيس رڳو اَنديشو رهيو ته پوئين قسم جي ڳڻتين جو تعداد وڏي ويندو. ان ڪري اهو سنو نيم آهي ته اهو ڪاغذ فريم ڪرائي رکي ڇڏجي. رات جو سمهڻ ويل اهو ڏسي پوءِ آرامي ٿجي. ائين ننڊ سٺي ايندي ۽ صبوح جو اُٿڻ سان وڏيڪ همت ۽ اعتقاد پاڻ ۾ سمجهبو.

گذريل وقت ۾ ڪيل فيصلن تي ڪيترا ماڻهو ويهي ڳڻتيون ڪندا آهن. فيصلو ٿي ويو، چڱو يا لڱو، اُن تي ويهي ڳوڙها ڳاڙڻ مان ڪهڙو سود! اُن کي وساري ڇڏڻ سان ئي من جي شانتي ايندي.

اِنگلنڊ جو اڳوڻو وزير اعظم لائڊ جارج هڪ دفعو گولف راند ڪرڻ لاءِ ڪلب اَندر گهڙيو. هن جي ساٿيءَ اندر گهڙڻ ڪانپوءِ، در بند ئي ڪونه ڪيو. لائڊ جارج پنتي موٽي دروازو بند ڪيو. چيائين : ''منهنجو اهو نيم آهي ته دروازي مان لنگهڻ ڪانپوءِ، در بند ڪري ڇڏيان.'' هن جي چوڻ جو مطلب هو ته جيڪي ٿي گذري، تنهنکي بند ڪيل باب سمجهڻ گهرجي.

جيڪي ماڻهو من جي شانتي تا چاهين، تن لاءِ اهو سنو نيم آهي. در بند ڪري، اُن کي بند ئي رکبو ته ڳڻتيون پيڇو ڪونه ڪري سگهنديون.

خوشي ونڊ ۾ نه، پر ڏيڻ ۾ آهي. منش جيڪي پنهنجي لاءِ ڪندو آهي، تنهن مان سچي خوشي ڪانه پائيندو آهي. جيڪي ٻين لاءِ ڪجي ٿو، تنهن مان ئي آنند اَچي ٿو. ڪنهن لاءِ ڪو سنو ڪاريه ڪبو آهي ته ڪيترو نه آنند ايندو آهي! سنت به چوندا آهن ته ''ونڊ ڪان ڏيڻ وڏيڪ مبارڪ آهي!''

اَسين دکي آهيون ته اسان کي پاڻ کان وڏيڪ دکي ۽ بدبخت اِنسانن جو ويچار ڪري سندن دل ونڊڻ گهرجي. پوءِ پنهنجو دک تنگ ڪونه ڪندو. تنهن کان سواءِ وڏيڪ دکي اِنسان ڏاڍو خوش ٿيندو. اُن جو اَثر اسان تي به ڏاڍو سنو ٿيندو. اسان جي دل ڦولي نه سمائيبي. دکي اِنسان سان منو ٻولڻ جهڙو پڇ ڪاريه پيو ڪوبه ڪونه آهي. ڪير ڪنهن لاءِ ڪجهه خير جو ڪم ڪري ٿو ۽ پنهنجي اُجوري جي آس ڪانه ٿو رکي ۽ سچي پاونا ٿو ڏاري ته پوءِ پنهنجي جيون هن کي هري پري پاسي ٿي.

## لفظن جو خزانو

**بدبخت** = خراب نصيب　　**مانائي** = مندي

**ڪارونيار** = اوُداهي　　**خزان** = سَرَءُ　　**ست ڪري پوڻ** = سَهڻ

**عطا ٿيل** = مِليل　　**اعتقاد** = وشواس　　**دلشڪستو ٿيڻ** = نراس ٿيڻ

# اَڀياس

**سوال 1.** هڪڙن جملن ۾ جواب لکو.

1) اِنسان کي واري ڦيري سان ڪير منهن ڏيکارين ٿا؟
2) اِنسان کي سُکن مهل ڇا ڪرڻ کُپائي؟
3) ڪارخاني جا ايجنٽ دلشڪستا ڇو ٿي پيا؟
4) ڪنهن کي سياٽي ۾ سياڻو آمريڪن سمجهو ويندو آهي؟

**سوال 2.** ٿوري ۾ جواب لکو.

1) نارمن ونسينٽ پنهنجي ڪتاب ۾ ڇا لکيو آهي؟
2) مئنيجر ايجنٽن کي ڇو سڏايو؟
3) لائبر جارج جو ڪهڙو نيم هو؟
4) ايمرسن ڪهڙي صلاح ڏني آهي؟

**سوال 3.** هڪ جملي ۾ جواب لکو.

1) ڪلب ۾ گولف راند ڪرڻ ڪير آيو؟
2) نارمن ونسينٽ جي ڪتاب جو نالو لکو.
3) ايجنٽ دانهون ڇو ڪرڻ لڳا؟
4) مئنيجر آفيس جي ديوار تي ڇا لڳايو؟

**سوال 4.** خال ڀريو.

1) خزان ڪان پوءِ ................... اَچي ٿو.
2) ڪارو ٽيڪو ............... ماتر جڳهه تي وارالاري.
3) خوشي ............... ۾ نہ، پر ڏيڻ ۾ آهي.
4) وڃڻ ڪان ............... وڏيڪ مبارڪ آهي.

**سوال 5.** اصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.

| | |
|---|---|
| ٿورا مڃڻ | ست ڪري ڀوڳڻ |
| دلشڪستو ٿيڻ | دلداري ڏيڻ |

**سوال 6.** صفتون ٺاهيو.

| | |
|---|---|
| اِنسان | پهاڙ |
| اَچاڻي | ماناڻي |

## مشغولي

ٽڪر پڙهي عملي ڪم پورو ڪريو.

ايمرسن سياٽي ۾ سياڻو آمريڪن ......................

............... همت ۽ اعتقاد پاڻ ۾ سمجهبو.

**(1)** هر هڪ بيان ۾ ليڪ ڏنل لفظ بدران مناسب متبدل جواب ڳولهي لکو.

1) صبح جو اُٿڻ سان وڌيڪ همت ۽ اعتقاد پاڻ ۾ سمجهبو.
   - (I) طاقت
   - (II) وشواس
   - (III) ڏک

2) ان ڪري اهو سنو نيم آهي.
   - (I) دستور
   - (II) ناتو
   - (III) قانون

3) انهن جي اچڻ جو ڪيس رڳو انديشو رهيو.
   - (I) ڀَلُ
   - (II) آدر
   - (III) ڪُتڪو

4) رات جو سمهڻ ويل اهو ڏسي پوءِ آرامي ٿجي.
   - (I) وقت
   - (II) راءِ
   - (III) ڏانهن

(2) 'ويل' لفظ جا جدا جدا اُچار ۽ جدا جدا معنائون آهن.

وَيلُ

مصيبت، شامت، قهر، ڏاڍ، ناحق، تڪليف، زوراوري

وَيَلُ

روانو تيل، گم تيل، بيڪار، ناڪار

ويلُ

مهل، وقت، گهڙي، ٽائو، موقعو، وَجهُ

ساڳئي نموني هيٺ ڏنل هرهڪ لفظ لاءِ برئڪيٽ مان ٻه مناسب معنائون ڳولهي لکو.

1) رُڳو .................. ..................
(فقط، ڏاڍو، ڇَڙو)

2) ڳڻتي .................. ..................
(خوشي، فڪر، اونو)

3) ڪاغذ .................. ..................
(ڪاڳر، ڪتاب، پنو)

4) سياڻو .................. ..................
(مورک، عاقل، سمجھو)

(3) ''من جي شانتي اجاين ڳڻتين ڪري ختم ٿئي ٿي.'' سمجهايو.

(4) ضدن جا جوڙا ملايو.

| | |
|---|---|
| 1) سياڻو | 1. سُنائي |
| 2) خرابي | 2. حيوان |
| 3) انسان | 3. پڪ |
| 4) انديشو | 4. اَياڻو |



# 4. ڏس ڪو ڏانءُ!

رام پنجواڻي

رام پرتاباڻ پنجواڻي (جنم 20-11-1911، وفات 31-03-1987) سنڌيت جي جوت جلائيندڙن ۾ اَهم جڳهه والاري ٿو. ساهتيه ۽ سنگيت جي کيترن ۾ پنهنجو يگانو آستان قائم رکيو اَٿس. سنو ناول نويس، مضمون نگار ۽ سنگيتڪار هو. ”اَنوکا آزمودا“ ڪتاب تي هن کي ساهتيه اڪادمي ءَ جو اِنعام مليو. سنڌس ناولن مان ”قيدي“، ”آهي نہ آهي“ ۽ ”ڏيئر نہ ڄمن“ مشهور آهن.

(جروارن جو ڳوٺ - ڀڳت ڪنوررام جي اوطاق ڀڳت ڪنوررام ڀڳتاڻي ڊريس ۾ - ٻاهران بندوقن جو آواز)

(مُکي صاحب = مُکي، ڪنوررام = ڪنور)

مکي : ڀڳت صاحب! ڀڳت صاحب! اچي ويا سائين اچي ويا!

ڪنور : جيءُ آيا نچ آيا!

”سر تي پڪي هيڪڙو، ماري بينس لڪ
جنهن تي صاحب جي رک،
سو سر ۾ گهمي سرهو.“

هلو تہ هلي مرحبا ڪيون.

(دروازو کلي ٿو - ڏاڙيل اندر ڊوڪيندا تا اچن - ڪنوررام اٿي وڃي)

سردار، توهان جي حڪم جي تعميل تي چُڪي آهي.
(مکيءَ کي) مکي صاحب، ٻڌايون تہ ڇا ڇا تيار آهي.

مکي : ڳوٺ جي هڪ هڪ گهر مان زر زيور، ڪپڙو لٽو ڪدي پيتين ۾ رکيو اٿئون!

ڪنور : اُميد آهي تہ نذرانو قبول پوندو. ٽڪا ماندا آيا هوندا. ڪجهہ چپو چورو ڪيو. شربت پاڻي پيئو تہ توهان کي ڏن ڏيون.

سردار: واٺيا، ڳالهائين تہ ائين ٿو ڄڻ گهر ۾ سيٺ آيا اٿيئي!

ڪنور : سيٺ نہ ڇئو سائين، نيڻ ڇئو نيڻ! مهمان تہ آهي رب جو روپ! محبوب اچي گهر ۾ تہ اُن جو آدر بہ نہ ڪيون؟

”ساجن آيا مئن سنيا، ڪئسي جُڳت ڪرون،
ٿالهر پري سچ موتيان، اوير نئن ڏرون.“

سردار: اڙي ڪا حرفت تہ ڪانہ ٿو هلائين؟

ڪنور : درويشن جي در جا دربان، حرفت مان ڇا ڄاڻن! حجت پائي توهان اچڻ جو اطلاح ڏنو تہ اسين آجيان لاءِ تيار بہ نہ هجون!

سردار: پوليس ۾ اِطلاع ڪونہ ڏنو اَٿوَ؟

ڪنور : رب جي سرڪار کي ڇڏي ڳوٺ جي صوبيدار تائين ڪير وڃي! پهرين ڪائيندا پيئندا يا غريباڻي سوغات قبول ڪندا!

سردار: ڇا ڪارائيندين، ڇا پيئاريندين!

مکي : ديڳ پوڙ جي تيار آ - ديڳ پلاءِ جي تيار آ! شربت جا شيشا حاضر آهن! ٻيو جيڪي حڪم ڪيو، سو تيار ڪنداسين سردار!

سردار: ۽ توهان جي پوڙ پلاءِ ۽ شربت ۾ جي زهر مليل هجي تہ!

ڪنور : دلبر اچن گهر ۾ ۽ اسين ڪريون دوکو!

”مون گهر اچي جي ٿئي مينڊرو مهمان،
آٽي وجهان آڳ ۾ چيري هٽان ڇاڻ،
هاٽي تنور ۾، ٻيري هٽان ياڻ،
پيڪن سوڏو پاڻ،
گهر تڙ گهوريان پرينءَ تان.“

سردار: منو منو ڳالهائي نه موه، قرض آيا آهيون، قري ويندا سين!

ڪنور : حساب لهڻو اَٿوَ. چڪائڻ آيا آهيون. خوشيءَ سان پيا ڏيون. پنجر پريل نه ڏسندءُ. پلڪون پسيل نه پسندءُ. ڏنو ته ڏک ڇا جو؟

سردار: اَڙي ڪنور، ڪارائين پيئارين، تنهن کان اڳ ۾ کو ڪلام ٻڌاءِ! رڪارڊ تنهنجا گهڻا ٻڌاسين. پر روبرو تنهنجي راڳ ٻڌڻ جو موقعو نه مليو آ!

ڪنور : توهان وٽ منهنجو مجرو قبول پئي ته چڻ مجرا ملي ويئي!

سردار: پر پهرئين شربت پيئار.

ڪنور : مکي صاحب، شربت آڻيو.

(مکي وڃي ٿو)

(پيٽ ڪنوررام گهنگهرو ڪڍي پنهنجي ٽنگن ۾ ٻڌي ٿو. اُٿي ٿو بيهي ته شربت اچي ٿو)

سردار: اسين پنج ڄڻا آهيون. هي ست گلاس ڇو؟

ڪنور : متان توهان کي گمان پوي ته ڪنور کوڙو آهي! جيڪي به ٻه گلاس وڌيوَ سي مونکي ۽ مکيءَ کي پيئاريو.

سردار: ڳالهائڻ مان لڳي ٿو ته تون کوڙو ناهين. هاڪ ته ڏاڍي ٻڌي اٿئون پر خبر اٿيئي ته تنهنجي ڳوٺ ۾ ڇو آيا آهيون؟

ڪنور : نماڻي تي نوازش ڪئي اٿوَ! سون چاندي پيتين ۾ پيو سڙي، تنهن کان ڪنهنجي ڪم اچي ته ڇڱو نه!

سردار: اِهو ته تنهنجو ڇوڻ اجايو آهي. اسان سڀ ڪجهه ٿا سمجهون. پر چوندا آهن ته تنهنجي ڏيڍ ۾ برڪت هوندي آهي! جيڪي هتان ڪڍي ويندا سون، سا ڄڻ اسان جي لاءِ دعا ٿي!

(ٻه گلاس ڪنور ۽ مکيءَ کي ڏين ٿا. شربت پيئن ٿا)

سردار: هاڻ ٻڌاءِ ڪلام!

(ڪنور ڪلام شروع ڪري ٿو)

”ڪيئن ريجهايان توکي ڪيئن پرچايان -

ڏس کو ڏانءُ،

(پايل جي جهنڪار - ڦيرو پائي)

يا ٿيان هندو پوڄيان ٻت خاني،

ڪاشي دواري گنگا اشناني

جٽيو پايان ڪن تلڪ لڳايان، ڏس کو ڏانءُ.“

سردار: اسان هندن کي قرض کونه آيا آهيون. ڪافرن کي لٽڻ اسان جو اُصول آهي. اسان خوش، الله به راضي! هندو هندو ڇوڻ مان ڪجهه به حاصل نه ٿيندءُ.

(ڪنوررام ٻي تڪ ڇوي ٿو)

”يا ٿيان مومن پاڪ نمازي -

جنهن ۾ جانب تون ٿئين راضي

جان جوڙايان، ڪن -

سرڙو نمايان، ڏس کو ڏانءُ.“

سردار: مومن مومن ڪري اسان جي دل کي موم ڪري نه سگهندين! هندو هندو ٿيندو، مومن مومن ٿيندو. اڳتي وڌ.

ڪنور : يا ٿيان ناچوُ پهريان پيشوازي،

ڏکڙ ڏمچر ساز آوازي،

ڦيرڙي پايان، ڪن چير چمڪايان،

ڏس کو ڏانءُ.

(اُمنگ ۾ اچي ڪنوررام ڪا ويرم پيو ڦيرڙيون ٿو پائي. اوچتو اوچتو ٻاهران بادل ٿا گرجن ۽ بجليءَ جا چمڪات ٿين)

(ڪنور بي سڌ بي سرت پيو ڦيريون پائي. گهڙيون

گذرنديون ڏيون وڃن)

سردار جي اندر جو آواز (آڪاشواڻي) - ڪنهن کي قرض آيا آهيو! جيڪو نه هندوءَ جو پيد رکي نه مسلمان جو ڀرم! شرم، شرم، هزار بار شرم.

(ڪڪرن جي زوردار گرجنا - مينهن جو وسڪارو)

(ڪنور پيو ڦيريون پائي)

سردار جي ضمير جو آواز - جيڪو جهول ڀري غريبن ۾ ورهائي، مِنين ڀري مسڪينن ۽ محتاجن جي واهر ڪري، جيڪو خلق ۾ خالق ڏسي، تنهن کي قرض آيا آهيو! جنهن ڏاڙيلن جي ايڏي مرحبا ڪئي! ڳوٺ کي سڄو ڪري توهان کي سائي ڪرڻ جو سبب ٻڌايو! تنهن کي قرض آيا آهيو! حيف آ توهان جي حال تي! جيڪي سندس ڳوٺ مان ڪڍي ويندا، سا برڪت نه هوندي! توهانجي حياتيءَ لاءِ حرڪت ٿيندي!

(ڪنورام پيو ناچ نچي ڦيريون پائي)

”ڦيرڙيون پايان ڪن چير چمڪايان.

ڏس ڪو ڏانءُ!“

آواز : معافي گهرو! معافي گهرو! موتي وڃو!

(سردار ڪنور جي قدمن ۾ ڪريو پيو آهي)

سردار: معافي، ڀڳت صاحب معافي!

ڪنور : (ڪنور بيهي ٿو. اکيون کولي ٿو) ڇا ٿيو بابا ڇا ٿيو!

سردار: باهر نه نهار ڀڳت باهر نه نهار - توکي نه پنهنجي مستيءَ ۾ خبر ئي ڪانه ٿي پوي. باهر قيامت اچي ويئي آهي! هيءَ مند مينهن جي آهي؟

ڪنور : بابا، هيءَ برسات رب جي رحمت آهي.

توهين ڪوئي اُلڪو نه ڪريو!

سردار: اسانجي توبه! بخش! بخش!

ڪنور : مان ڪير آهيان بخشڻ وارو. مان ته هميشه چوندو آهيان :

”نالي الک جي ٻيڙو تار منهنجو،

نڌر آهيان مان نماڻي، آهي آڌار تنهنجو!“

سردار: تنهنجو ته ٻيڙو تريل آهي، هاڻي اسان جو تار! بخش! بخش!

ڪنور : (ڪٿيندي) بخشايو اُنهيءَ کان جيڪو دنيا کي بخشي!

سردار: اسان جا گناهه وڏا آهن. ڪونه بخشيندو!

ڪنور : گنهگار کي نه بخشي ته ڪيس بخشڻهار ڪير ڪوٺيندو!

(هٿ جوڙي)

”آءٌ نه پيارل ڪريون پرچاءِ -

ساڻ سليمان ڪريون سرچاءِ،

لائق نه آهيان پر تنهنجڙي آهيان.“

سردار: مکي صاحب، ڀڳت صاحب جادوگر آ - پٿر کي پاڻي ڪري ڇڏيو اٿس! موتائي ڏيو مال. مسڪين ڳوناڻن کي. اسان ترسي ٿا پئون... اسان کي پوليس جي حوالي ڪيو!

ڪنور : توهان ڪيو ثواب جو ڪم، اسان ڪيون پاپ جو ڪم! اِها اسانجي مرياداا آهي ته مهمان کي قيد ڪرايون!

سردار: ڪنورام هونءَ به ته هتان سڌو پوليس ٿاڻي تي ويندا سين ۽ پاڻ پوليس جي حوالي ڪنداسين! وويڪ جا ڏيا آهن، ضمير جي لعنت پيئي آهي! هن کان پوءِ نه چوري، نه ڌاڙو، نه خون! ... پر ڀڳت، الله اسانکي بخشيندو؟

**ڪنور :** ري جيڪا منڊي هوندي آهي، تنهن کي ريڊار ڪلهي تي کڻندو آهي. ٻڪري جيڪا گهر تي ويندي آهي، تنهن جي پنيان ٻڪرار ويندو آهي. والميڪ ڌاڙيل هو، پڇتاءُ ڪيائين ته وڏو شاعر بڻجي پيو. صادق فقير لٽيرو هو، فقيرن جي صحبت ۾ اهڙو سُڌري پيو جو جهوڪ شريف ۾ اڄ به ”صادق“ ”صادق“ پيو پوي. اجاميل جهڙو پاپي تري ويو. جيوت جهڙو ڌاڙوُڪنڌڙيءَ جو ڪلتار بڻجي پيو ته توکي چونه بخشيندو؟ وڃي ڪيتي ڪيو! وڃي اَنُ اُپايو! ملڪ کي آباد ڪريو! ٻين کي ڏکي ڪرڻ جي بدران ڪين سکي ڪريو. توبه جي ترهي تي تري ويا طوفان.

**سردار:** چڱو، رات هتي تا رهون سياڻي جا ياڻ سياڻي سان. تنهنجي مهماني چشمن تي چاڙيندا سين. جيڪي ڪاراڻيندين، سو ڪائيندا سين. ڦرڻ آيا هئاسين، هاڻي ڪجهه ڏيڻ تا چاهيون! اڙي عثمان، ڪڍ اِها ڳوٿري ... جيڪا واٿهڙوءَ ڪان ڦري اتيئي!

**ڪنور :** نه سردار، اسان کي اِها ناحق جي ڪمائي نه ڪپي!

**سردار:** غريبن کي ڏجانءِ. جيئن بنا پيد جي مسڪينن جون منيون گرم ڪندو آهين، تيئن هاڻي به ڪجانءِ.

**ڪنور :** مکي صاحب، مهمانن جي مهمان نوازي تي وڃي.

**سردار:** پڳت صاحب، مهمان نوازي ٿئي تنهن ڪان اڳيِ هوُ ڪلام ٻڌاءِ. نالي الک جي بيڙو تار منهنجو ....

**ڪنور :** ”دنيا سپ درياه، ڪو ڪو تارون تنهن ۾،
هڪڙي لهر لوپ جي، بيو آتش جو آڙاه،
طالبن تناءُ، موڙي چاڙهيون مڪڙيون.
.... نالي الک جي بيڙو تار منهنجو ...“

(پردو ڪري ٿو)

## لفظن جو خزانو

مرحبا ڪرڻ = سواڳت ڪرڻ / آجيان ڪرڻ
تعميل ڪرڻ = پوئواري ڪرڻ
نوازش = مهرباني
حرفت = ڏنگائي
واهر ڪرڻ = مدد ڪرڻ
طالب = ڳهرجائو
آڙاه = مَچُ
اُلڪو = ڪُتڪو
تَناءُ = چِڪتاڻ
مَڪڙي = بيڙِي

# اَڀياس

سوال 1. هيٺين جملن ۾ جواب لکو.

1) ڳوٺ وارن سردار لاءِ ڪهڙي تياري ڪيئي؟
2) سردار، ڪنور کي ڪهڙي ڳُذارش ڪيئي؟
3) ڪنوررام ڪهڙو ڪلام ٻڌايو؟
4) سردار سڏو پوليس ٿاڻي وڃڻ جو فيصلو ڇو ڪيو؟

سوال 2. ٿوري ۾ جواب لکو.

1) ڀڳت ڪنوررام ڏاڙيلن سان ڪهڙو ورتاءُ ڪيو؟
2) سردار جي من ۾ ڦيرو ڪيئن آيو؟
3) ڀڳت ڪنوررام سردار کي ڪهڙو اُپديش ڏنو؟

سوال 3. ڪنهن، ڪنهن کي چيو.

1) ”ڳالهائين ٿا اِئين ڄڻ گهر ۾ سيڻ آيا اَٿيئي.“
2) ”مهمان ته آهي رب جو روپ.“
3) ”ديڳ پُلاءَ جي تيار آ!“
4) ”پتر کي پاڻي ڪري ڇڏيو اَٿس!“

سوال 4. (I) صفتون ٺاهيو.

(1) تياري (2) ڳوٺ (3) زهر
(4) مُنڊ (5) سرڪار

(II) عدد بدلايو.

(1) دروازو (2) ڪپڙو (3) سوغات
(4) شيشا (5) اکيون

(III) ضد لکو.

(1) ڪوڙو (2) اَجايو (3) دُعا
(4) گهنگهار (5) پاپ

## مشغولي

ٽڪر پڙهي عملي ڪم پورو ڪريو.

ڪ : رڍ جيڪا منڊي هوندي آهي ............ تيئن هاٽي به ڪجهاڻ.

1) مثال سمجهي خاڪو پورو ڪريو.

| | |
|---|---|
| صادق لٽيرو | صادق - صادق |
| ڏاڙيل والميڪ | |
| | صوفي |
| روحل ڌاڙو | |

2) ست سمجهايو.

”جيئن بنا پيڊ جي مُسڪينن جون منيون گرم ڪندو آهين.“

3) ٽڪر مان لفظ ڳولهيو.

1. ريون پاليندڙ = ......................
2. سنگت جو ساڳي معنيٰ وارو لفظ = ..........
3. ’دک‘ جي صفت = ......................
4. ’مسافر‘ جو ساڳي معنيٰ وارو لفظ = .........

4) هيٺ ليڪ ڏنل لفظ ڪنهن بابت چيل آهن.

1. تنهن جي پنيان ٻڪرار ويندو آهي.

2. توکي ڇو نہ بخشيندو؟

3. تنهنجي مهماني چشمن تي چاهيندا سين.

5) مثال سمجهي گولن ۾ مناسب جواب لکو.






❖❖❖❖

# 5. اَڇو تہ پاڻي بچايون

سمپادڪ منڊل

هن مضمون ۾ پاڻيءَ جي اهميت سمجهايل آهي. پاڻيءَ جي اِستعمال لاءِ مختصر ڄاڻ ڏنل آهي.

پاڻي هڪ قدرتي نعمت آهي. ڌرتيءَ تي پاڻيءَ جي موجودگيءَ سبب ئي جيئڻ ممڪن ٿي سگهيو آهي. سنسڪرت ۾ پاڻيءَ جو ٻيو نالو ’زندگي‘ بہ آهي. مطلب تہ پاڻيءَ کان سواءِ جيئرو رهڻ ناممڪن آهي. ڪائنات جي ڪنهن بہ حصي ۾ پاڻيءَ جا آثار ملڻ زندگيءَ جي وجود جو ثبوت ڏين ٿا. پاڻي، هرهڪ جاندار لاءِ ايترو ضروري آهي جيترو ساهہ کڻڻ. اِنسان، جانور، پکي، جيت، جيتامڙا، وڻ ٻوٽا ۽ زراعت پاڻيءَ تي مدار رکن ٿا.

> پاڻيءَ جو هڪ هڪ ڦڙو ٻچڻ گهرجي

> اُجايل ماڻهوءَ لاءِ
> پاڻيءَ جو هڪ گلاس
> سون جي ڳوٿريءَ کان بہ وڌيڪ
> ملهہ رکندڙ آهي

پاڻي، قدرتي وسيلن ۾ اهم جڳهہ والاري ٿو. قدرتي وسيلن جي کپت جو تعلق آباديءَ سان آهي. هن دنيا ۾ وڌندڙ آباديءَ جي نتيجي ۾ جڏهن اسين ٻين ڪيترن قدرتي وسيلن جي اڻاٺ کي منهن ڏيئي رهيا آهيون. دراصل، پاڻيءَ جو آهستي آهستي گهٽجندڙ مقدار بہ هڪ وڏو عالمي مسئلو

> زندگيءَ جو مدار پاڻيءَ تي آهي
> ۽ پاڻيءَ جي بچت جو مدار
> توهان تي آهي

بڻجي رهيو آهي. زير زمين پاڻيءَ جي قدرتي وسيلن ۾ ڪافي حد تائين گهٽتائي اچي رهي آهي. اها صورتحال بيحد ڳڻتيءَ واري آهي. ذرا سوچيو، جيڪڏهن ڌرتيءَ تان پاڻي ختم ٿي وڃي تہ ڇا ٿيندو!

ڌرتيءَ جي اٽڪل 78 سيڪڙو حصي ۾ مهاساگر ڦهليل آهن، جن ۾ کارو پاڻي هوندو آهي. جڏهن تہ انسان جي پيئڻ لائق پاڻي فقط 3 سيڪڙو ئي موجود آهي. جڏهن اسان کي اُڃ لڳندي آهي ۽ پاڻي موجود ڪونہ هجي تہ ڪيتري نہ پريشاني ٿيندي آهي.

اِن ڪري پاڻيءَ بابت اسان کي گهرائيءَ سان سوچڻو آهي تہ پاڻيءَ جو استعمال ڪيئن خبرداريءَ سان ڪرڻ گهرجي. زندگي جيئڻ لاءِ پاڻي هڪ اهم وسيلو آهي. اڄ دنيا ۾ هر سال 22 مارچ تي ’گلوبل واٽر ڊي‘ ڪري ملهايو ويندو آهي. متحده جماعت ۾ اِهو فيصلو ڪيو ويو آهي تہ اِن ڏينهن تي ڪجهہ اهڙا پروگرام ڪيا وڃن جيئن عوام ۾ پاڻيءَ لاءِ سجاڳي پيدا ڪري سگهجي.

عام طور پاڻيءَ جو استعمال گهرو، صنعتي (Industrial) ۽ زراعتي (Agricultural) ڪمن کان سواءِ بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ بہ ڪيو وڃي ٿو. ڪيترا ساهوارا تہ رهندا ئي پاڻيءَ جي اندر آهن.

> ممڪن آهي تہ ايڪويهين صديءَ
> جون جنگيون پاڻيءَ لاءِ ٿين
> اِن ڪري اهڙين لڙاين کان
> بچڻ لاءِ پاڻي بچايو

گهروُ زندگيءَ ۾ ڪاڌو رڌڻ، ڪپڙا ڌوئڻ، سنان ڪرڻ، صاف صفائي ڪرڻ توڙي اُڃ مٽائڻ لاءِ پاڻيءَ جي ضرورت پوي ٿي. صنعتن اندر ڪلن، ڪارخانن، ڪاغذ، لوهه، رُڪ ۽ پيٽروليم صاف ڪرڻ لاءِ پاڻيءَ جو ڪاپو ٿئي ٿو. ان ڪانسواءِ زراعتي استعمال ۾ ڪيتي باريءَ لاءِ پاڻي تمام ضروري آهي.

**پاڻي**
**عالمي سرشتي جي زندگيءَ**
**واري ليڪ آهي**

اها ڳالهه به ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته سنڌو ماٿري ۽ مصر جي تهذيب ندين تي برپا ٿي هئي. اڄ پوري دنيا ۾ پاڻيءَ جي قلت آهي. ڪائناتي گرميءَ سبب ندين ۽ تلاءَ سُڪندا پيا وڃن. آبهوا جي غيررواجي تبديليءَ سبب ڏڪار ۽ ٻوڏ جون آپدائون وڌي رهيون آهن. ان طرح سرشتيءَ جي صحيح ميزان لاءِ تڪڙا تڪڙا اُپاءَ وٺڻا پوندا. وقت جي تقاضا موجب پاڻيءَ جو مقدار ۽ استعمال بيحد ضروري آهي ۽ پاڻيءَ جو گهٽ زيان ٿئي، ان لاءِ پاڻيءَ کي سانڍڻ جا جديد طريقا اپنائڻا پوندا ته جيئن ايندڙ پيڙهيون پاڻيءَ جي نافت کان بچي سگهن.

## وڏيڪ ڄاڻ

متحد جماعت هر سال 'عالمي پاڻي ڏينهن' لاءِ هڪ پيغام جاري ڪندي آهي :

| | | |
|---|---|---|
| 2000 | : | 21 صدي، پاڻيءَ جي ضرورت |
| 2001 | : | پاڻي تندرستي لاءِ |
| 2002 | : | پاڻي ترقيءَ لاءِ |
| 2003 | : | پاڻي آئينده لاءِ |
| 2004 | : | آپدا ۽ پاڻي |
| 2005 | : | جيئڻ لاءِ پاڻي |
| 2006 | : | پاڻي ۽ تهذيب |
| 2007 | : | پاڻيءَ جي اڻاٺ |
| 2008 | : | صفائي |
| 2009 | : | ملڪن وچ ۾ موجود پاڻي |
| 2010 | : | تندرست سنسار لاءِ صاف پاڻي |
| 2011 | : | شهر لاءِ پاڻي |
| 2012 | : | پاڻي ۽ ڪاڌو سلامتي |
| 2013 | : | پاڻي - سهڪار |
| 2014 | : | پاڻي ۽ شڪتي |
| 2015 | : | پاڻي ۽ اڳتي جي ترقي |
| 2016 | : | پاڻي ۽ نوڪريون |
| 2017 | : | بيڪار پاڻي ڇو! |
| 2018 | : | پاڻيءَ لاءِ قدرت |
| 2019 | : | ڪنهن کي به پنيان نه ڇڏڻو آهي! |

❖❖❖❖

## لفظن جو خزانو

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪائنات = قدرت | زَراعت = کيتي ٻاري | صنعت = ڪارخانو | مُتوازن = مُناسب |
| اثاثِ = ڪوتِ | عالم = سنسار | نافت = ڪوت | صورتحال = ان حالت ۾ |

# اَڀياس

**سوال 1. هڪِڙن جملن ۾ جواب لکو.**

1) پاڻيءَ کي سنسڪرت ۾ ڇا چئبو آهي؟

2) ڌرتيءَ تي پيئڻ لائق پاڻي ڪيترو موجود آهي؟

3) 'وِشوَ پاڻي ڏينهن' ڪڏهن ملهايو ويندو آهي؟

4) پاڻيءَ بابت ڄاڻ آڻڻ لاءِ متحد جماعت ڪهڙو فيصلو ڪيو؟

**سوال 2. ٿوري ۾ جواب لکو.**

1) پاڻيءَ جي اهميت سمجهايو.

2) پاڻيءَ جا صنعتي ۽ زراعتي استعمال لکو.

**سوال 3. (I) ضد لکو.**

| | |
|---|---|
| رواجي | جيئڻ |
| ظاهر | آهستي |

**(II) عدد بدلايو.**

| | |
|---|---|
| جانورُ | ٻوٽا |
| ڪپڙا | ڪارخانو |

**(III) صفتون ناهيو.**

| | |
|---|---|
| ضرورت | زندگي |
| گهرائي | ڪائنات |

## مشغولي - 1

**تڪر پڙهي عملي ڪم پورو ڪريو.**

اها ڳالهه به ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ................... پاڻيءَ جي نافت ڪان بچي سگهن.

**(1) مثال سمجهي چوڪندن ۾ مناسب جواب لکو.**









(2) اڻ ٺهڪندڙ لفظ مٿان گول پايو.

1) گهٽتائي، اڻاٺ، قلت، گهڻائي

2) ڪائنات، ملڪ، قدرت، خلقت

3) سبب، واسطي، جواب، ڪارڻ

4) پُراڻو، جديد، ھاڻوڪو، موجوده

(3) ڏنل هدايت موجب زمان بدلايو.

1) نديون ۽ نالا سُڪندا وڃي رهيا آهن.
(زمان مستقبل ۾ بدلايو)

2) سنڌو ماٿري ۽ مصر جي سڀيتا ندين تي ئي برپا ٿيون.
(زمان حال ۾ بدلايو)

3) تڪڙا اُپاءَ وٺڻا پوندا.
(زمان ماضي ۾ بدلايو)

4) ڏڪار ۽ ٻوڏن جون حالتون وڌي رهيون آهن.
(زمان ماضي استمراري ۾ بدلايو)

(4) پاڻي بچائڻ جا چار طريقا لکو.

(5) ’صفت‘ ۽ ’اِسم‘ گڏ استعمال ٿيندا آهن.
هيٺ ڪالم پورا ڪريو.

| صفت | اِسم |
|---|---|
| گهٽ | زيان |
| تڪڙا | ................. |
| ڪائناتي | ................. |
| ................. | ميزان |
| ................. | طريقا |

## مشغُولي - 2

تڪر پڙهي عملي ڪم پورو ڪريو.

آرتوار صبح جو 80 ورهين جو هڪ بزرگ ممبئيءَ جي ميرا روڊ ايراضيءَ ۾ هڪ وڏي عمارت ۾ پهتو. اُن عمارت ۾ 56 گهر هئا. هُن هرهڪ دروازي تي گهنٽي وڄائي هڪڙو سوال ڪيو، ”ڇا توهان جي گهر ۾ ڪو پائيپ ڀڳل آهي! ڇا پائيپ مان پاڻي ليڪ ٿي رهيو آهي! مان پلمبر وٺي آيو آهيان. اُن بزرگ سان گڏ هڪ پلمبر ۽ هڪ رضاڪار گڏ هئا. جن جن گهرن ۾ پائيپن مان پاڻي وهڻ جو مسئلو هو يڪدم سيني پائيپن جي مرامت ڪرائي ويئي ۽ اهڙي نموني پاڻي بچت جو هڪ پيغام سيني کي ڏنو ويو.

اُهو شخص هو عابد صورتي جنهن کي قومي اِنعام سان نوازيو ويو هئو. عابد صورتيءَ 80 ڪتاب لکيا آهن. هوُ مشهوُر فنڪار ۽ ڪارٽونسٽ به رهيو آهي.

**(BBC News, Mumbai 28-2-16)**

(1) هڪ لفظ ۾ جواب ڏيو.

1) بزرگ جو نالو - ☐

2) ممبئيءَ جي ايراضي - ☐

3) بزرگ جي عمر - ☐

4) ڪتابن جو تعداد - ☐

(2) خاڪو پورو ڪريو.



(3) عام طور پاڻيءَ جو زيان ڪيئن ٿيندو آهي؟
(4) چار مثال لکو.

روڊ، عمارت،
ليڪ، پلمبر،
مرامت، اِنعام

گول مان لفظ چونڊيو.

1. ٻہ انگريزي لفظ

2. ٻہ هندي لفظ

## وڌيڪ ڄاڻ

(1) ڀارت سرڪار پاڻي سانڍڻ ۽ پاڻي بچائڻ لاءِ جنگي سطح تي اُپاءَ وٺي رهي آهي. ان لاءِ مرڪزي سرڪار خاص 'جل شڪتي' منترالیہ بنياد وڌو آهي. اِن ڏس ۾ جدا جدا راڄيہ پاڻيءَ جي ناڦت دور ڪرڻ لاءِ روايتي توڙي غير روايتي طريقا وٺي رهيا آهن.

1. پنجاب راڄيہ ۾ گٽر-پائيپن جي مرامت ٿي رهي آهي. جنهن ڪري هڪ هنڌ پاڻي گڏ نہ ٿئي.

2. تيلينگانا راڄيہ ۾ نئين ٽانڪين جي نهڻ ڪري ڳوٺ جي رهواسين جي زندگي بدلجي رهي آهي.

3. راجستان ۾ ماڻهن پاڻ ننڍا ننڍا تلاءَ تيار ڪيا آهن.

4. تامل ناڊو ويلور ۾ 20 هزار عورتون گڏجي ناگا نديءَ کي نئين سر جاڳايو آهي.

5. مهاراشٽر پٽي ۾ 7000 اسڪول جا ٻار پاڻيءَ جي بچت لاءِ انوکو طريقو اپنائي رهيا آهن. اُهي پنهنجي بوتل ۾ بچيل پاڻي اسڪول جي هڪ وڏي ٽانڪيءَ ۾ وجهن ٿا جيڪو پاڻي ٻوٽن لاءِ ڪم آندو ويجي ٿو.

6. مهاراشٽر سرڪار پاڻي پراجيڪٽن لاءِ 7000 ڪروڙ روپيا منظور ڪيا آهن.

(2) انٽرنيٽ (www.nwm.gov.in) تي وڃي نيشنل واٽر مشن (National Water Mission) بابت وڌيڪ ڄاڻ.

(3) پنهنجي گهر ۾ وڏي جي موبائيل فون ۾ Know Your Water App ڊائون لوڊ ڪري سماج ۾ پاڻيءَ جي بچت بابت آپيان ۾ حصيدار ٿي سگهو ٿا.

(4) انٽرنيٽ يا مخزن وغيره جي مدد سان هيٺ ڏنل مُدن بابت تحقيق ڪيو.

1. هرهڪ نل ۾ جل
2. پاڻي بچائڻ جا جديد طريقا
3. اَسان پنهنجي گهر ۾ پاڻيءَ جو زيان ڪيئن گهٽائي سگهون ٿا.
4. استعمال ٿيل پاڻي وري ڪيئن ڪم آڻي سگهجي ٿو؟

(5) (www.mhrd.gov.in) تي وڃي 'سَمگِرَ شڪسا، جل سُرڪشا'' بابت ڄاڻ حاصل ڪريو.

# Fix The Leak: Why Water Is A Company Matter

## TOI's Water Positive Campaign Invites Corporate Houses To Join The Movement For A Water Resilient Future

Times News Network

On May 27, Uday Kotak tweeted: "4.3 lakh plastic bottles saved per annum. Glass water jars and disposable paper cups in meeting rooms at Kotak Mahindra Bank Mumbai offices. Working to make it national", along with a photo of the glass jars and paper cups.

The measure shared by an industry leader shows businesses acknowledging, however slowly, and demonstrating, that company practices and tiny tweaks in office drills can significantly impact the environment and help conserve natural resources.

Not just plastic, large companies are engaging with how they approach 'water', the most precious and threatened resource. From indiscriminate sourcing, to polluting groundwater and rivers, corporate houses have had a free run in use of water for operations without limit, and often have flouted pollution norms, with little regard for checks and balances.

Large MNCs have faced community unrest at factory sites over random sourcing, and polluting, of groundwater, adversely impacting the neighbourhood of their factory sites, and been taken to court.

While reducing individual 'water footprint' has been the focus for conservation efforts, community actions and NGO-led projects have made the leap to the corporate world, where collectives are engaging with companies to review water practices: in offices, supply chain and in their operations.

As the water crisis deepened, the 'water risk' to businesses sharply spiked, leading to corporate houses seeking solutions to make operations more water-friendly and business operations less risky. Australia made water a tradable commodity in the hope that it will be managed more efficiently.

Charity CDP was founded 15 years ago as a system for investors, corporate houses, cities, states and regions to manage their environmental impacts. CDP said in its 2018 report that despite knowing the severity of water stress, just nine of 37 Indian companies asked to disclose to CDP their commitments to measure the environmental impact of their businesses did so.

Some years ago, the non-profit Alliance for Water Stewardship devised a measure to gauge a company's commitment to conservative water use from supply chain to end customer. The standard measured a company's commitment to "use of water that is socially equitable, sustainable and economically beneficial... that involves site and catchment-based actions".

The AWS Standard, its website says, was developed through a four-year global consultation for a framework that could be implemented at any site, across the sector, in any catchment globally. It is the only framework for water users that is compliant with guidelines for standards system laid down by ISEAL, the global alliance for credible standard systems. This is among the initiatives made the world over towards what is called water positivity: where rampant abuse of water is replaced by an attitudinal shift of taking 'care' of water.

TOI's Make India Water Positive campaign is a stand against wastage and mismanagement of water. This year it aims to bring a behavioural change among people to make a responsible choice of the brands they will endorse, based on their water-resilience.

Just a clutch of companies is exploring water-efficient businesses. Ashish Bhardwaj of AWS India said that Diageo, Mars and ITC have adopted the AWS Standard in India 2014. A Coimbatore paper and pulp unit which has adopted the standard awaits an audit, he said. First, a baseline study at the site included the factory's impact on the region's water resources such as check dams, village ponds etc. It measured the gap between practice and ideal water use. It was, thereafter, for the company to adopt practices and devise ways to improve operations.

TOI's Water Positive campaign is designed to motivate companies to commit to water-positivity and announce their status as a socially responsible brand. The campaign has invited brands to pledge to water positivity on global standards.







MAKE INDIA WATER POSITIVE

A TIMES OF INDIA INITIATIVE

**Make India Water Positive**

Readers, pledge to save water at **waterpositive.timesofindia.com** and share your water conservation story at:

FB: **#bewaterpositive** | Twitter **@bewaterpositive**

Companies, share your water conservation story on **waterpositive.timesofindia.com** to participate in the Make India Water Positive Challenge 2019

# 6. اَدو عبدالرحمان

امرلال هنگوراڻي

سداحيات اَمرلال هنگوراڻي (1907-1956) هڪ مڃيل وڪيل ۽ مقبول ڪهاڻيڪار هئو. ڪردارن جي حقيقي چٽر چٽڻ ۾ مهارت حاصل هُئس. اَدو عبدالرحمان اَمرلال جي هڪ تمام سُٺي ڪهاڻي مڃي ويئي آهي، جيڪا UNESCO پاران سن 1954ع ۾ هڪ ڪتاب ۾ شامل ڪئي ويئي هئي. سن 1930ع ۾ ’ڦلواري‘ مخزن ۾ ڇپيل هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ سنڌي درويش جو خاڪو چٽيل آهي. ’سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن‘ اُلهاسنگر پاران سن 1981ع ۾ اَمرلال هنگوراڻيءَ جون چونڊ ٻارهن ننڍيون ڪهاڻيون ”اَدو عبدالرحمان“ نالي ڪتاب ۾ ڇپايون ويون.

ڪي ڪيس مست ڪري ڇوندا هئا ۽ ڪي وري ڪيس درويش سمجهندا هئا. شايد مست به هو ۽ درويش به هو. بدن جو پتلو، سنهڙو ڪُڪ رنگو هو. عام رواجي قد ڪاٺ ڪي قدر ڊگهو. بدن تي اوڍيندو هو فقط گودڙي.

هميشه پنهنجي رمز ۾ رتو پيو هوندو هو. ڪڏهن مڙهيءَ ۾ ته ڪڏهن مسجد ۾. اڪثر شام جو سکر ۾ بندر تي ’ميوو‘ رستي تي ريلوي گڊس آفيس جي ويجهو جتي هٽن جي پيرسان تن ڏينهين ساميءَ جا سلوڪ پڙهندا هئا، ويهي ڪن ڏيئي رس سان ٻڌندو هو. بعضي بعضي ائين پڻ پڻ ڪندو هو، ”ادا عبدالرحمان، سمجهين ٿو ڪين نه؟ الائي ڪڏهن اک کلندءِ!“

هڪڙي پيري رستي تي ويندي پٽر اَچي پير تي لڳس. پاڻ ڪي چوڻ لڳو : ”ادا عبدالرحمان، ڪيڏو نه مٿو ڦري ويو اٿيئي! اکيون اٿيئي آڪاس ۾. جيڪڏهن اکيون کولي هلين ها ته پٽر توکي ڪين لڳي ها.“ اُتي ويچار ۾ وينو رهيو. ساعت رکي چيائين ”ادا عبدالرحمان، ڏس کهڙو خود مطلبي آهين! ادا عبدالرحمان، ائين کو ڄاڻائي جو پٽر پٽ تي ڇڏي رمندو رهين! سياڻي ٻئي ڪنهن واٽهڙوءَ کي لڳي وڃي! وري ٿورو دم جهلي ۽ ويچار ڪري چوڻ لڳو. ”ادا عبدالرحمان، جي چڱو مڙس آهين ته پٽر ڪٽي پري ڦٽو ڪر.“ ۽ پٽر ڪٽي پري ڦٽو ڪيائين.

اُها سندس عادت هوندي هئي ته هميشه پاڻ سان ڳالهائيندو هو ۽ پاڻ کي سڏيندو هو ’ادا عبدالرحمان‘ شايد پاڻ ڏسي پاڻ ۾ پيهي رمز پري گفتار ڪندو هو. جيڪڏهن کو ڪٽي پڇندو هوس ته عبدالرحمان، ماني کائيندين؟ ته پهريائين پاڻ کان پڇندو هو ”ادا عبدالرحمان، پڇيئي ٿو ته ماني کائيندين؟“ وري پاڻ کي جواب ڏيندو هو ”خوردن بَرائي زيست است، نه زيست برائي خوردن“ يعني کائجي ٿو ته ماڻهو زنده رهي سگهي ۽ زندگي انهيءَ لاءِ نه آهي ته پيٽ ڪٽي پيٽ کُنجي. اهڙيءَ طرح صلاح مصلحت ڪندي جواب ڏيندو هو. پارسيءَ جو شاعر هو. شايد ’حافظ‘ ته بر زبان ياد هيس. شاهه، ساميءَ ۾ به ماهر هو. سچل سائين جو ته پوئلڳ. اُردوءُ به پڙهيل هو. ڪڏهن ڪڏهن جي اُردوءَ ۾ پنجاب کان خط ايندا هئا ته عبدالرحمان کي ڳولهي پڙهائيندا هئا. سياءُ جو شانتيڪو هو. بي کا لالچ ڪانه هيس. ٿورڙو روٽيءَ ٽڪر کائي گذران ڪندو هو. گودڙي هميشه سياري اونهاري ڪلهي تي هوندي هيس. رات جو اها گودڙي پائي ڌاڻي سمهندو هو. شايد محبوب سان لوڪان لڪي روح رهاڻ ڪندو هو.

هڪڙي پيري کو غريب اچي ناحق ۾ ڦاٿو. مٿس فرياد هئي ته وٽانئس چوريءَ جي واچ نڪتي آهي. پوليس سندس تلاش ورتي هئي. مشيرن جي

روبرو واچ سندس قبضي مان نڪتي هئي. واچ به سوني، مسلمان سيٺ جي هئي. فرياد مهينو اڳ ٿيل هئي. جوابدار تي ثابتي قوي هئي. ڇٽڻ محال هو. هوڏانهن سيٺ به بيٺل هو. جوابدار جو بچاءُ اهو هو ته هوُ هڪڙي سيٺ جي گهر هيئان لنگهيو هو. سيٺ کي شڪ پيو ته هيءُ سندس عورت کي اشارو تو ڏئي، سو ڪيس اتي پڪڙي مار ڪيدي هٿائون. جيڪڏهن عبدالرحمان وچ ۾ نه پوي ها ته ماري سندس ساهه ڪڍن ها. عبدالرحمان جي وچ ۾ پوڻ سان ڪو سيٺ مڙڻ وارو هو ڇا! چي اسانجي شرمن ڏانهن بدنظر تو ڪري. اسين عزت وارا ماڻهو آهيون. عبدالرحمان گهڻو ڏئي وچ ۾ پيو، پر هنن نه مڃيو. تڏهن عبدالرحمان پاڻ کي چوڻ لڳو ته ''ادا عبدالرحمان! هي سيٺ باز نه ايندو. ڪيس عزت جو خيال آهي. 35 ورهين جي پيڙ ويني اَٿس ته ان کي حق بخشائي ڏنو اٿس ته متان اباڻو حصو چڪي. پوءِ جي مڙس ڪونهي ته ضرور .....؟'' ايترو چوندي بس تي ويو ۽ وري پاڻ کي چوڻ لڳو ته، ''عبدالرحمان، تون ڪنهنجو پڙدو نه کول.'' وري سيٺ کي هٿ جوڙي سمجهاءِ ۽ جي نه سمجهي ته پوءِ سچ چئي ڏج.'' عبدالرحمان پاڻ سان ڳالهائيندو هو ته ڪا پڻ پڻ ڪونه ڪندو هو سڀ ٻڌندا هئا. ماڻهن اِشارو سمجهي ورتو ۽ سيٺ به ٻڌو.

اڻين غريب جي جند آزاد ٿي. عبدالرحمان پڙدو قاڙڻ نه چاهيو ته به ڳالهه ماڻهن جي وات پيئي. سچي کي ڪوڙي سيٺ جي ڏاڍي پچار ٿي. جوابدار اُهو بچاءُ تي ڏنو. ٻيا جيڪي ماڻهو هئا آسپاس وارا، سي شاهديءَ ۾ گهرايا هئائين. سيٺ شاهديءَ ۾ ڪورٽ منجهه سچي ڳالهه بنهه اِنڪار ڪري ويو. جوابدار تي پاڙي وارا شاهد ڏنا هئا ۽ چوٿون هو عبدالرحمان. چار پنج شنوايون ته شاهد آيا هئا، پر ڪيس ڪونه هليو، ٻن شاهدن کان ته جوابدار کي هٿ ڪٽڻو پيو جو سيٺ جوڦو ڏيئي پنهنجي پاسي ڪيا هئا. هڪڙو شاهد ڪو هڪڙي شنوائيءَ تي ڪونه آيو هو ته مئجسٽريٽ وٽي وارنٽ ڪڍيا ۽ ڪن وچ وارن چيس ته جيڪڏهن تون سبب ڏيندين ته سائين مونکي ڪابه خبر ڪانه آهي ته مئجسٽريٽ معاف ڪندو. ٿيون ويچارو ته اڻين پنهنجي جند ڇڏائي ويو، باقي رهيو عبدالرحمان. جوابدار جو وڪيل چوي ته ههڙي شاهد تي ڪيئن بچاءُ بيهندو، پر جوابدار جو عبدالرحمان تي اعتقاد هو ته هوُ خدا ترس ماڻهو آهي ڪنهنجو به لحاظ ڪونه رکندو. عبدالرحمان کي ڪورٽ جو سڏ ٿيو ''ادا عبدالرحمان ڪورٽ جو سڏ ٿيو آهي.'' ڪورٽ ۾ ادب سان وڃڻ گهرجي. سو هڪڙي جتي هٽ ڪري آيو. هرهڪ شاهديءَ تي گودڙيءَ ۾ ويڙهي ايندو هو. نيٺ ڪيس ڪورٽ ۾ سڏ ٿيو. عبدالرحمان جُتي شد مد سان پاتي. گودڙي ٻتي ڪري ڳچيءَ ۾ وڌائين. اجان اندر گهڙيو ته پٽيوالي چيس ته جُتي ٻاهر لاهه.'' عبدالرحمان پاڻ کي چوڻ لڳو ''ادا عبدالرحمان ڪورٽ جو پٽيوالو چوي ٿو ته جُتي ٻاهر لاهه. چئينس ته ڪورٽ جي لاءِ ته جُتي وٺي آيو آهيان.'' پٽيوالي کي چيائين ته ''ڪورٽ جي واسطي ته جُتي وٺي آيو آهيان.'' اڻين ڪندي اندر گهڙيو. مئجسٽريٽ هن کي ڏسي کِلي ڏنو. اجان پڇري ۾ بيٺو هو ته مئجسٽريٽ ڪڙڪي سان پڇيس ته ''رِلهي ڪلهي تي چو رکي آيو آهين''. عبدالرحمان پاڻ کي چوڻ لڳو ته ''ادا عبدالرحمان مئجسٽريٽ پڇي ٿو ته گودڙي ڳچيءَ ۾ چو پاتي اٿيئي. ڪورٽ ۾ آيو آهين سمجهي پورو پورو جواب ڏي. مئجسٽريٽ صاحب کي چويس ته ''سائين هندو جڏهن ڪورٽ ۾ ايندا آهن ته بوچڻ، ڌپتو يا ٽوال ڳچيءَ ۾ پائي پوءِ اظهار ڏيندا آهن. مون به انهيءَ ڪري گودڙي ڳچيءَ ۾ وڌي آهي ڪورٽ جي ادب رکڻ لاءِ.'' (ڪورٽ کي) سائين هندو جڏهن ڪورٽ ۾ ايندا آهن ته بوچڻ، ڌپتو يا ٽوال ڳچيءَ ۾ پائي پوءِ اظهار ڪندا آهن. مان به اُنهيءَ ڪري ڪورٽ جي ادب رکڻ لاءِ گودڙي ڳچيءَ ۾ وڌي آهي.'' جواب پورو لاثاني هو.

**سرشتيدار:** چئُہ تہ خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي سچ چوندس ۽ سچ کان سواءِ ڪجهہ ڪين چوندس.

**عبدالرحمان:** (پاڻ سان) ”ادا عبدالرحمان! سرشتيدار چوي ٿو تہ خدا کي حاضرناظر ڄاڻي سچ چوندس ۽ سچ کانسواءِ پيو ڪجهہ بہ ڪين چوندس. سرشتيدار چوي برابر سچ ٿو.“ (سرشتيدار کي) ”خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي سچ چوندس ۽ سچ کانسواءِ پيو ڪجهہ بہ ڪونہ چوندس.“

**سرشتيدار:** نالو؟

**عبدالرحمان:** (پاڻ کي) ”ادا عبدالرحمان سرشتيدار صاحب نالو ٿو پڇي“!

چئينس عبدالرحمان. (سرشتيدار کي) ”عبدالرحمان“ اڪثر ڪورٽ ۾ ڪي قدر ٿهڪڙو هو. مئجسٽريٽ تہ پهرياڻين مشڪيو ٿي، پر پوءِ ٿورو خفي ٿيڻ لڳو. وڪيلن مان هڪڙي وڪيل اُٿي مئجسٽريٽ کي انگريزيءَ ۾ سمجهايو تہ هن جي اِها اصلي عادت آهي. جڏهن سرشتيدار پڇيس ”مذهب؟“

**عبدالرحمان:** (پاڻ کي) ”ادا عبدالرحمان، سرشتيدار صاحب مذهب ٿو پڇي. ادا عبدالرحمان ياد ڪجانءِ تہ قسم کنيو اٿيئي تہ سچ کانسواءِ ڪجهہ ڪونہ چوندس. سوال تہ ڏاڍو اُگرو آهي. جي چوان ٿو تہ مسلمان، تہ هندو ڪندا دل ۾، سچ ڪري چئہ، اڙي ادا عبدالرحمان ٿوري ۾ منجهي پيو آهين. ٻڌائينس ’سچل‘ جو گفتگو:

”هندو مومن نہ آهيان جوئي آهيان سوئي آهيان.“

سرشتيدار مئجسٽريٽ ڏانهن منهن ڪري نهارڻ لڳو. مئجسٽريٽ (سرشتيدار کي) ”لکينس مسلمان“.

**سرشتيدار:** عمر؟

**عبدالرحمان:** ادا عبدالرحمان، سرشتيدار صاحب عمر ٿو پڇي. اسان چئون مسلمان نہ آهيون تہ مئجسٽريٽ لکي مسلمان. سرشتيدار کي چوينس تہ پل اهو بہ مئجسٽريٽ کان پڇي (سرشتيدار کي) ”سائين اهو بہ پل مئجسٽريٽ کان پڇو“.

عبدالرحمان جي فقط ايتري چوڻ جي دير هئي. مئجسٽريٽ کي گجي اچي ويئي ۽ ڏمڪائي عبدالرحمان کي چيائين تہ ”چت! چڱيءَ طرح اظهار ڏي. ڪورٽ ۾ آيو آهين.“ عبدالرحمان مشڪندو رهيو ۽ پاڻ کي چوڻ لڳو. ”ادا عبدالرحمان، مئجسٽريٽ چوي ٿو تہ چت چڱيءَ طرح اظهار ڏي. عبدالرحمان، مئجسٽريٽ کان پڇ تہ چت ڪنهنکي چئجي.“ ادا عبدالرحمان مئجسٽريٽ کي چويئي چوي تہ مئجسٽريٽ چيس! چت اڻپڙهيل کي چئبو آهي.

**عبدالرحمان:** (پاڻ کي) ”ادا عبدالرحمان! مئجسٽريٽ صاحب چويٿو تہ چت اڻ پڙهيل کي چئبو آهي. ادا عبدالرحمان! تڏهن تہ تون چت ڪونہ ٿئين. تون سنڌي، پارسي، اُردو، سنسڪرت ۽ هندي ڄاڻين. تون پنج ٻوليون ڄاڻين مئجسٽريٽ صاحب کان تہ پڇ تہ پاڻ گهٽيون ٻوليون ڄاڻي“.

**عبدالرحمان:** (مئجسٽريٽ کي) ”سائين!.....“

مئجسٽريٽ اڏ ۾ ڪيي چيس تہ چت اهو جو انگريزي نہ ڄاڻي...............

عبدالرحمان: (پاڻ کي) ”اَدا عبدالرحمان! مئجسٽريٽ صاحب چوي ٿو تہ جَتُ اُهو جو انگريزي نہ ڄاڻي. پاڻ انگريزي ڄاڻي ٿوپڻ مل جو پُٽ!“

”پِٽس ڊيڪ مُنشي! پڇينس تہ سائين تڏهن توهان جا اَبا ڏاڏا جي انگريزي ڄاڻندا هئا، سي بہ جَت هئا، يعني توهان ٿيا جَت جا .........!“

مئجسٽريٽ گرم ٿي ويو. يڪدم پنو ۽ قلم ڪڍيائين ۽ عبدالرحمان کي چيائين تہ توتي چو نہ قاعدي جي ڪاروائي ڪجي، جو تو ڪورٽ جي بي اَدبي ڪئي آهي. هينئر گهٽو نہ ڳالهاءِ، جيڪي لکڻو هُجيئي سو لکي ڏي!

عبدالرحمان قلم ۽ پنو کڻي هيٺئين ريت لکيو: جناب مئجسٽريٽ صاحب!

ادي عبدالرحمان ڪورٽ جي بي ادبي نہ ڪئي آهي. توهان پاڻ ڪورٽ جي بي ادبي ڪئي آهي. اجوڪي ڏينهن ۾ ٻن شاهدن کي گاريون ڏنيون اٿوَ. ادي عبدالرحمان کي گاريون سندس گوڏڙيءَ جي پلوَ کي بہ نہ لڳن. توهين ماڻهن جا حاڪم نہ آهيو پر سندن نوڪر. اسان شاهد ڪورٽ ۾ پاڻ تہ ڪونہ آيا آهيون، توهان گهرايو آهي ۽ آئي جو آدر بہ اِهو! ڪير توهان جي ڪورٽ کي شاهدي ڏيندو، جي شاهدن تي گارين جي ورڪا پوندي! توهين سبب ڏيکاريو تہ توهان کي چو نہ موقوف ڪيو وڃي، جو توهان ڪورٽ ۾ شاهدن کي گاريون ڏنيون آهن. ادي عبدالرحمان تہ جيئن توهان ڪانئس قسم کڻايو آهي تہ خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي سچ چوندس، سچ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ ڪين چوندس سوئي سچ چيو آهي“.



## لفظن جو خزانو

مَڙهي = ديوي ماتا جو مندر
ٻعضي ٻعضي = ڪڏهن ڪڏهن
پڙدو کولڻ = راز ظاهر ڪرڻ
موقوف ڪرڻ = سسپينڊ ڪرڻ
ماهِرُ = قابل
قوي = مضبوط
جوفوُ = رشوت
ناحق = اَجايو
اعتقاد = وشواس
ڳجي اَچڻ = غصو اَچڻ

# اَڀياس

**سوال 1.  هيٺين جملن ۾ جواب لکو.**

1) ماڻهو ادي عبدالرحمان کي ڇا سمجهندا هئا؟ سمجهندا هئا؟
2) بدن تي ڇا اوڍيندو هو؟
3) ادي عبدالرحمان جي ڪهڙي عادت هئي؟

**سوال 2.  ٿوري ۾ جواب لکو.**

1) غريب جي جِندُ ڪيئن آزاد ٿي؟
2) عبدالرحمان گودڙيءَ بابت ڪهڙو جواب ڏنو؟
3) ادي عبدالرحمان پنهنجي عمر بابت ڪهڙو بيان ڏنو؟
4) عبدالرحمان، مئجسٽريٽ کي موقوف ڪرڻ جي ڳالهه چو ڪئي؟

**سوال 3.  ڪنهن، ڪنهنکي چيو.**

1) ”جُتي ٻاهر لاهه.“
2) ”مون بہ انهيءَ ڪري گودڙي ڳچيءَ ۾ وِڌي آهي.“
3) ”جَتَ! چڱيءَ طرح اظهار ڏي، ڪورٽ ۾ آيو آهين.“
4) ”تون سنڌي، فارسي، سنسڪرت ۽ هندي ڄاڻين.“

**سوال 4.  (I) معنيٰ ٻڌائي جملن ۾ ڪم آڻيو.**

ڪَنُ ڏيئي ٻڌڻ،  خود مطلبي هئڻ،
پڙدو کولڻ،  حاظر ناظر هئڻ،
پيٽ ڪُٽڻ

**(II) صفتون ٺاهيو.**

عادت،  صلاح،
شَڪُ،  حَقُ

## مشغُولي

ٽکر پڙهي عملي ڪم پورو ڪريو.
ڪي ڪيس مست ڪري چوندا هئا ......................
............. پٽر ڪٽي پري ڦٽو ڪيائين.

**(1)  متبدل جوابن مان مناسب جواب چونڊيو.**

1)  ادو عبدالرحمان ڪڏهن ...............
(i)  مڙهيءَ ۾ هوندو هو تہ ڪڏهن مسجد ۾.
(ii)  ماڻهن جي گهرن ۾ هوندو هو تہ ڪڏهن اسٽيشن جي پليٽفارم تي.
(iii)  دوست دڙن سان گهمندو هو تہ ڪڏهن ڪتاب پڙهندو هو.

2)  ادو عبدالرحمان کي چوندا هئا ................
(i)  درويش
(ii)  مست
(iii)  درويش ۽ مست

3)  ادو عبدالرحمان هميشهہ هر سوال ٻڌڻ تي ........
(i)  ساڳيو سوال پاڻ کان پڇندو هو.
(ii)  يڪدم جواب ڏيندو هو.
(iii)  سوال ٻڌي شانت رهندو هو.

4)  ادو عبدالرحمان ....................
(i)  تمام بندرو هو
(ii)  ڪي قدر ڏگهو هو
(iii)  رواجي ديگهہ وارو هو

(2) اڻ ٺهڪندڙ لفظ مٿان گول پايو.

1. درويش، پهتل، فنڪار ، عابد
2. اڪثر، عموما، گهڻو ڪري، هميشه
3. نيڻ، چشم، اک، نظرداري
4. سانجهي، صبح، سنجها، شام

(3) چوکنڊي مان مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو.

| پرسان، ويچار، دم، واٺهڙو، خود مطلبي |
|---|

1. شانتا ٻائيءَ جو وڏي ڏاڪڻ چڙهڻ سان ............نڪرڻ لڳو.
2. منهنجي گهر جي .............. هڪ سهڻو باغ آهي.
3. .............. رستو منجهي پيو.
4. سنا ......... ماڻهوءَ کي ڪامياب بڻائيندا آهن.

(4) ادو عبدالرحمان سان واسطيدار بيان چونڊيو.

1. هوُ هميشه پاڻ سان پيو ڳالهائيندو رهندو هو.
2. پٽڙ سان چوٽ ڪائي هوُ هلندو رهيو.
3. بدن جو ڪي قدر ٿُلهو هو.
4. هوُ هميشه پنهنجي مستيءَ ۾ رهندو هو.
5. هوُ سپني ڏرمن کي عزت ڏيندو هو.
6. هوُ سچل جا سلوڪ پڙندو هو.
7. ماڻهو کيس 'مهاپرش' سمجهندا هئا.
8. هوُ بدن تي فقط گودڙي پائيندو هو.

# 7. آڪاش ڪنيا : ڪلپنا چاولا

ميارام ڪڪريجا

ميارام ڪڪريجا ’درد‘ (جنم 1943) ناسڪ شهر ۾ گذريل چئن ڏهاڪن کان سنڌيت جي جوت جڳائي وينو هو. هڪ شاعر، گيتڪار، مضمون نويس ۽ ڪالمسٽ طور سڃاتو وڃي ٿو. سندس ڇپيل ڪتاب آهن : ’ڇٽگون‘، ’پياس‘، ’اُلجهن‘ ۽ ’ٻاتي ٻولي‘.
هن مضمون ۾ هڪ ڀارتيہ ناري ڪلپنا چاولا جي جيون ۽ ڳُڻن جو سهڻو چِٽر چِٽيو اَٿس.

1 فيبروري 2003ع جو ڏينهن ... دنيا جي تمام ملڪن جي ماڻهن جو دل دهلائيندڙ ڏينهن ... ساري سنسار کي سيسرات پرائيندڙ ... اَفسوس جي ساگر ۾ غوطا هڻائيندڙ ڪارو ڏينهن ثابت ٿيو. ان اَڀاڳي تاريخ کي، ٿيل حد دردناڪ حادثي سبب وِشوَ جي تاريخ ۾ مايوُسيءَ جي مَسُ سان لکيو ويو آهي!

آمريڪا جي آڪاشي کوجنا مرڪز ’ناسا‘ نيشنل ايروناٽڪس ائنڊ سپيس ائڊمنسٽريشن، جو ’ڪولمبيا‘ نالي ’هوائي يانُ‘ ... ’هوائي رَٿُ‘ آڪاش کوجنا جو ڪاريہ پورو ڪرڻ ڪانپوءِ پرٿويءَ تي اچڻ لاءِ روانو ٿيو. اَسي وگيانڪ ڪامياب تجربا ڪيا ويا هئا! فرض اَدائيءَ جو انوکو آنند هرهڪ جي چهري تي نظر پئي آيو! بس ... هاڻي ڪجهہ منٽن ۾ ئِي هوائي رٿ ڌرتيءَ تي لهڻ وارو هو ... ايتري ۾ ڌماڪو ٿيو ۽ هوا منجهہ ئِي هوائي رٿ ٽُڪرا ٽُڪرا ٿي ويو ۽ ستن ئِي سوار آڪاش - ويرن جو دردناڪ اَنت ٿيو اُنهن ۾ هڪ ڀارتي وگياني ناري هئي ڊاڪٽر ڪلپنا چاولا! ... ڪنهن جي خواب خيال ۾ بہ ڪونہ هو تہ ڪو ههڙو ويل وَهي ويندو ۽ ڪجهہ منٽن پڇاڙان سنسار کي حاصل ٿيندڙ خوشيوُن هيئن غمن ۾ مَٽِجي ويندِيوُن!!!

ڪلپنا جو جنم دهليءَ جي پرسان ڪرنال نالي ڳوٺ ۾ 17-03-1962ع تي ٿيو، جتي هن پنهنجي پرائمرِي تعليم پوري ڪئي.

وديارٿي جيون ۾ اَسان ڪيترائِي سپنا ڏسندا آهيون ... ڪلپنا چاولا پڻ اَهڙو ئِي هڪ خواب ڏٺو هو... آڪاش منجهہ اُڏام پرڻ جو خواب! اهڙو اُهڃاڻ سندس اِسڪولي زندگيءَ ۾ ئِي نظر ٿو اَچي. هڪ دفعي سائنس جي اُستاد ڪلاس جي سڀني ٻارن کي پنهنجي اِردگرد واتاورڻ جو چِترُ چِٽڻ لاءِ چيو. توهانکي ڄاڻ آهي تہ ڪلپنا ڇا ڪيو هوندو!... هن آسمان جو وڏو چِتر تيار ڪيو، جنهن منجهہ گرهن - تارن سان گڏوگڏ آڪاش ۾ اُڏامندڙ هوائي جهاز خواه آڪاشي رَٿَ پڻ چِٽيا. اُها چِترڪاري ڄڻ تہ سندس سيني منجهہ سانڍيل سپني جي هوُبهوُ تصوير هئي... پنهنجي اَندر جي اَتَسَنَ کي پڌرو ڪرڻ جي سندس واهہ جي ڪوشش هُئي!

ننڍپڻ کان ئِي ڪلپنا اُتساهي، بهادُر ۽ هِمٿ وارِي هوندي هئي. ٻين ڇوڪرين وانگيان گُڏين سان راند روند ڪندي ڏيهڻ بدران سائيڪل تي سوار ٿي رفتار کي ساٿي بڻائي ڳوٺ چاڪارڻ ڪيس وڻندو هو. موڪل جي ڏينهن دوستن - ساهيڙين کي ساڻ ڪري پڪنڪ ڪرڻ خوُب پسند هوس. اِسڪول ۾ ’ڀرت ناٽيم‘ نرتيہ سان گڏوگڏ ’ڪراٽي‘ جي سکيا پڻ حاصل ڪئي هئائين. راندين وانگر سندس اَڀياس ۾ پڻ دلچسپي هوندي هئي.

ڪلپنا ننڍي هوندي ئِي پهہ پڇائي چڏيو هو تہ ڪيس اڳتي هلي وڏي هوندي ڇا بڻجڻو آهي. ان جي ڄاڻ تڏهن پيئي جڏهن هن ڪاليج ۾ داخلا ورتي. هن جي ماتا پتا جي مرضي هئي تہ سندن ڌيءَ ڊاڪٽر بڻجي يا ڪاليج ۾ ليڪچرار ۽ پروفيسر. پر ڪلپنا پُختي اِرادي سان چيو تہ ڪيس اِنجنيئر

ئِي ٻڌجڻو آهي. نيٽ مائٽن کي سندس مرضي مڃڻي پيئي!

جنهن وقت ڪلپنا چنديگڙهه جي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخلا ورتي هئي، اُن وقت سڄي ڪاليج ۾ سَت ڇوڪريون هيون... تنهن سمي گهڻو ڪري مڪينيڪل يا اليڪٽريڪل اِنجنيئرنگ طرف وديارٿين جو لاڙو هوندو هو. ’’پر مونکي تہ ايئروناٽڪس وشيہ سڪڻو آهي، ٻيءَ حالت ۾ مان واپس هلي ويندس‘‘ ڪلپنا اُتي جي هيڊ آف ڊپارٽمينٽ اڳيان پنهنجو ويچار پُختائيءَ سان پيش ڪيو. سندس اَٽلُ اِرادو ڏسي کيس ’ايئروناٽڪس‘ وشيہ کڻڻ جي اِجازت ڏني ويئي. اُهو وشيہ کڻندڙن منجهہ ڪلپنا هڪڙي ئِي ڇوڪري هئي ۽ اُن وشيہ جي آخرين (فائينل) اِمتحان ۾ هوءَ پنجاب يونيورسٽيءَ ۾ پهريون نمبر آئي. اَهڙيءَ طرح هن ثابت ڪري ڏيکاريو تہ ’ايئروناٽڪس‘ وشيہ کڻڻ جو سندس فيصلو واجب هو.

هاڻي ڪلپنا ’ايئروناٽڪس‘ وشيہ منجهہ اوُچ تعليم حاصل ڪرڻ جي خيال کي عملي روپ ڏيڻ جي راهہ ۾ وِک وڌائڻ شروع ڪئي، جنهن لاءِ هن آمريڪا وڃڻ جو فيصلو ڪيو. اُن ڏس ۾ هن ڪيترين ئِي يونيورسٽين سان لکپڙه ڪئي. خوب ڪوشش ڪرڻ پڄاڻا، ڪلپنا کي هڪ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ملي. اُتان جي ايم.ايس. جي امتحان ۾ پهريون نمبر حاصل ڪري پنهنجي ڪاميابيءَ جي پرمپرا قائم رکي. پوءِ ’ايئرو اِسپيس اِنجنيئرنگ‘ وشيہ ۾ هن ڊاڪٽوريٽ حاصل ڪئي، تنهن وقت سندس عمر 27 سال مَس هُئِي!

ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري حاصل ڪرڻ کانپوءِ ڪلپنا آڪاش ۾ وڃڻ جي ڪوشش جو خاڪو تيار ڪرڻ جي شروعات ڪئي. هن کي لڳاتار سڏ ڪندڙ آسماني سفر جو مقصد هاڻي ويجهو آيو هو! ’ناسا‘ ۾ داخلا حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻُبل لياقت هن لوچي لَڌِي... حد ڏکين جاچنائن مان گذرڻ پڄاڻا ’ناسا‘ کيس ’ڪوجنيڪ‘ ڪري چونڊيو ۽ اُن سنسٿا ۾ سندس کوج-ڪاريہ شروع ٿيو. هن جي کوج جو وشيہ هو هوائي جهازن کي گهربل رفتار کي گهٽ ۾ گهٽ وقت اَندر حاصل ڪرڻ. اُهو کوج ڪاريہ ايترو تہ اهميت ڀريو هو، جو آڪاشي رَٿَ جي سنبنڌ ۾ کوج ڪندڙ سنسٿا ’اووَرسيٽ ميٿڊس اِن ڪارپوريشن‘ جي وائيس پريزيڊنٽ ۽ محقق پد لاءِ سندس مقرري ڪئي. اُتي ڪلپنا آڪاشي رٿ تي رفتار سان واسطو رکندڙ کوجنائون ڪيون. اُهي کوجنائون ڪندي بہ هن پنهنجي آڪاشي ياتري بڻجڻ جي سپني کي وساريو ڪونہ هو.

هاڻي ڪلپنا لاءِ آڪاش-ياتري بڻجڻ جو سپنو ساڪار ڪرڻ جو وقت ويجهو اَچي پهتو هو... ان خواب کي حقيقت ۾ آڻڻ لاءِ هن سرتوڙ ڪوششون پڻ ڪيون هيون. ٻن هزارن اَميدوارن منجهان سندس چوُنڊ ٿي ۽ گهربل سکيا وٺڻ لاءِ مارچ 1995ع ۾ هوءَ هيوُسٽن پهتي. جوڳي تربيت حاصل ڪرڻ بعد ڪولمبيا جي آڪاشي هلچل لاءِ سندس چونڊ ٿي. 19 نومبر 1997ع تي ’ڪولمبيا رَٿُ‘ آڪاش ۾ اُڏام پري، تڏهن ڪلپنا کي بيحد خوشي ٿي. 19 نومبر کان 5 ڊسمبر 1997ع تائين سورهن ڏينهن هوءَ خلا (Space) ۾ هئي. آسمان ۾ اُڏام پرڻ جو سندس سپنو نيٺ پوُرو ٿيو. ڪلپنا جو نالو ’ڀارت جي پهرين ناري آڪاش ياتري‘ روپ ۾ هرهنڌ وڃي ويو.

اُن ڪاميابيءَ جي باري ۾ پڇڻ تي ڪلپنا چيو تہ، ’’پنهنجي اَنترمن ۾ جاڳرت سانديل سپنن کي پنهنجي لڳاتار ڪوشش ۽ مُدامي محنت سان، جيڪڏهن ڪوئي بہ حقيقت جو روُپ ڏيڻ چاهي تہ ناممڪن ڳالهہ ڪانہ ٿيندي... مان پهرين آهيان... ناري آڪاشي ياتري آهيان، اُها ڳالهہ منهنجي نظر ۾ ايتري اَهميت واري ڪانهي.‘‘

ان کانپوءِ ’ناسا‘ ايندڙ آڪاشي-ياترا جو خاڪو تيار ڪيو، تڏهن ڊاڪٽر ڪلپنا چاولا کي اُن ياترا جو ’اَهم ڄاڻو‘ ڪري مقرر ڪيو ويو.

16 جنوري 2003ع تي ’ڪولمبيا رَٽُ‘ آڪاش ۾ اُڏام پري! سورهن ڏينهن جو سفر پورُو ڪري رَٽُ موت جي سفر جي شروعات ڪئي. رٽ ۾ سوارُ سڀيئي ياتري بيحد خوش هئا. هوءُ جلد ئي ڌرتيءَ تي پهچندا... پر رٽيل وقت کان 16 منٽ اڳ ’ڪولمبيارٽ‘ جو هيوُسٽن جي ڪنٽرول روُم سان سمپرڪ ٽُٽي پيو. اُن وقت ڪولمبيا رٽُ زمين کان فقط 60 ڪلوميٽر اوُچائيءَ جي مفاصلي تي هو. ٽيڪنيڪي خرابيءَ سبب ’ڪولمبيا رٽُ‘ هوا منجهه ئي جلي ناس ٿي ويو... ستن ئي آڪاش - ياترين جو ڏکدائڪ اَنت ٿيو! سارو جڳت اَفسوس ساگر ۾ ٻڏي ويو!

ڪلپنا آڪاش ۾ اُڏام پرڻ جو سپنو ڏٺو ۽ سندس سپنو ساڪار پڻ ٿيو! هڪ دفعي هن چيو هو، ”سپني کان حقيقت ڏانهن ويندڙ راهه تہ هوندي آهي، پر اُن کي ڳولهڻ جي نظر ۽ صبر توهان منجهه هئڻ گهرجي.“ هن جيئڻ چيو، تيئن ڪري ڏيکاريو. صرف ٻائيتاليهن سالن جي عمر منجهه پنهنجي ڪاريہ جي اوُچي ۾ اوُچي چوٽي حاصل ڪندڙ آڪاش-ڪنيا اِهو ئي سنديش ڏيندي رهندي تہ فرض اَدائيءَ جي اُڏام آڪاش کان بہ اوُچي ٿي سگهي ٿي.





## لفظن جو خزانو

دل دهلائيندڙ = ڏڪائيندڙ

وِکَ وڌائڻ = اَڳتي وڌڻ

غوطا کائڻ = ٻڏڻ

سوڀارو ٿيڻ = ڪامياب ٿيڻ

پڌرو ڪرڻ = ظاهر ڪرڻ

اُهڃاڻ = نشاني

پَڪُ پچائڻ = پڪو اِرادو ڪرڻ

چاڪاڻ = گهمڻ

# اَڀياس

**سوال 1. هيٺين جملن ۾ جواب لکو.**

1) ڪلپنا چاولا جو جنم ڪٿي ٿيو؟
2) ڪلپنا ڪهڙو خواب ڏٺو؟
3) ڪلپنا ڪهڙي وشيه ۾ ڊاڪٽوريٽ حاصل ڪئي؟
4) ڪلپنا چاولا ڪهڙو سنديش ڏنو؟

**سوال 2. ٿوري ۾ جواب لکو.**

1) ڪلپنا چاولا جي نِنڊپڻ جو ذڪر ڪيو.
2) 1 فيبروري 2003 ڪي ڪارو ڏينهن ڇو چيو ويندو آهي؟
3) ڪلپنا پنهنجو سپنو ڪيئن ساڪارُ ڪيو؟

**سوال 3. خال ڀريو.**

1) اَسي ............... ڪامياب تجربا ڪيا ويا.
2) سَتَن ئي سوارُ ........... جو دردناڪ انتُ ٿيو.
3) هن ثابت ڪري ڏيکاريو تہ ............ وشيہ ڪٽڻ جو سندس فيصلو واجب هو.

**سوال 4. (I) عدد بدلايو.**

| | |
|---|---|
| سپنو | ............................ |
| تارا | ............................ |
| ساهيڙي | ............................ |
| پرمپرا | ............................ |

**(II) اصطلاحن جي معنيٰ لکي جُملن ۾ ڪم آڻيو.**

| | |
|---|---|
| غوطا کائڻ | ............................ |
| وِک وڌائڻ | ............................ |
| پهہ پچائڻ | ............................ |

## مشغوُلي

**تڪر پڙهي عملي ڪم پورو ڪريو.**

وديارٿي جيون ۾ اسان .................. سندس واهہ جي ڪوشش هئي.

**(1) چوڪنڊي مان مناسب جواب ڳولهي لکو.**

سپنا، چترڪاري،
آڪاش، اسڪولي،
ڪوشش

1) سچي من سان ............ ڪرڻ ڪري ڪم سڦلا ٿين ٿا.
2) ........... ۾ پکي اُڏامي رهيا هئا.
3) نماءِ ۾ سنيتا جي ....... ڏسي سڀ خوش ٿيا.
4) ............... جيون ۾ شاگرد ڪيترائي سپنا ڏسندا آهن.

**(2) صفت ءِ اِسم جا جوڙا ملايو.**

| | |
|---|---|
| 1) ڪيترائي | 1. بندرگاهہ |
| 2) اسڪولي | 2. پکي |
| 3) وڏو | 3. زندگي |
| 4) اُڏامندڙ | 4. تجربا |

**(3) توهان زندگيءَ ۾ ڇا بڻجڻ چاهيو ٿا، اُن بابت پنهنجا ويچار لکو.**

**(4) هڪ سٽ ۾ جواب لکو.**

١) سائنس جي اُستاد سيني بارن کي ڇا چيو؟
٢) ڪلپنا اسڪولي زندگيءَ ۾ ڪهڙو خواب ڏٺو؟

**(۵) خاڪو پورو ڪريو.**




**(٦) ’آسمان‘ لفظ ۾ ڪم آندل اکر استعمال ڪندي هيٺيان نوان لفظ تيار ٿيل آهن.**

| |
|---|
| آس، سمان، مانُ، |
| آن، نس، نہ، مس |

**مٿي ڏنل چوڪنڊي مان لفظ ڳولهي سوالن جا جواب ڏيو.**

١. هم آوازي لفظن جا ٻہ جوڙا لکو.

٢. ’عزت‘ جا ٻہ ساڳي معنيٰ وارا لفظ لکو.

٣. اُميد جو ساڳي معنيٰ وارو لفظ لکو.

۴. هڪ اکر وارو لفظ لکو.




❖❖❖❖

# 8. ليه-لداخ جو سير

سمپادڪ منڊل

’ليه - لداخ جو سير‘ مضمون ۾ قدرتي نظارن جي سونهن جو لطف پسائيندي سيرو سياحت وسيلي تحقيقي بنيادن تي ان جي شاندار تاريخ جو بهترين نمونو بيان ڪيل آهي.

ڏهين صديءَ جي وچ ڌاري لداخ هڪ الڳ ملڪ جي حيثيت رکندو هو. بعد ۾ تبت جي حڪمرانن مان نيماگان لداخ تي چڙهائي ڪئي ۽ هڪبئي پنيان جيت حاصل ڪندي ليه کان پندرهن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ’ستي‘ ۾ ان جي راڄڌاني تعمير ڪئي. وقت گذرندي بادشاهه سِنگي نامگيال هڪ مضبوط حڪومت جو پايو وڌو ۽ ليه ۾ هڪ تاريخي نَوَ منزله محلات جي تعمير پڻ ڪرائي.

ليه ۾ ’پولو‘ راند ڪي به اُن ئي دؤر ۾ پروان چڙهڻ جو موقعو مليو. پوءِ ته ليه-لداخ ڪي جمونءِ ڪشمير جي رياست سان ڳنڍيو ويو ۽ ان ڪي سرينگر جو زيردست تي رهڻو پيو.

1947ع واري ڀارت جي ورهاڱي کان پوءِ پاڪستان جڏهن ڪشمير جو ڪجهه حصو هڙپ ڪيو ته ان ئي دؤر ۾ هُنن لداخ جي پڻ چورس 78,114 ڪلوميٽر ايراضيءَ تي قبضو ڪري ورتو. هوڏانهن چين به لداخ تي چڙهائي ڪندي 37,555 چورس ڪلوميٽر زمين قبائي ورتي. 1979ع ۾ جڏهن ضلعن جي نئين سِر رچنا ڪئي ويئي ته ليه ۽ ڪارگل به الڳ الڳ ضلعا ڪري ٺاهيا ويا.

6 آگسٽ 2019ع تي هندوستان جي ٻنهي (Houses)؛ لوڪ سڀا ۽ راڄيه سڀا هڪ بل پاس ڪندي جمونءِ ڪشمير مان آرٽيڪل 370 هٽائيندي ساڻ ساڻ لداخ ڪي پڻ جمونءِ ڪشمير جي بدران هندوستان جي هڪ مرڪزي ايراضيءَ جو درجو ڏنو ويو؛ جيڪو فيصلو 31 آڪٽوبر 2019ع کان عمل ۾ آندو ويو.

سونهاري سنڌ جو وڏي ۾ وڏو درياهه؛ ’سنڌو ندي‘ جيڪو ڪيلاش مانسرور کان نڪرندي تبت - ليه - ڪشمير ۽ مغربي پنجاب مان ٿيندي سنڌ ۾ داخل ٿئي ٿو، اُن درياهه جي ليه ۾ وجود کي ڌيان ڇڪائيندي 1997ع کان هر سال جون واري مهيني ۾ اُتي هڪ ’سنڌو درشن‘ نالي اُتسؤ ملهايو ويندو آهي.

جون، 2019ع ۾ جڏهن ’نيشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لينگئيج‘ (NCPSL) طرفان ليه ۾ هڪ نيشنل سيمينار منعقد ڪيو ويو ته ان جو ڊئريڪٽر، ڊاڪٽر پرتاپ پڇاڙيءَ طرفان ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻيءَ کي ان پوري سيمينار جي سنڀالڻ سان گڏوگڏ هڪ مقالو پڻ پيش ڪرڻ جي دعوت ڏني ويئي.

’اين.سي.پي.ايس.ايل‘ جو اُهو پورو قافلو 23 جون 2019ع تي سوير صبح جو ’ايئر اِنڊيا‘ جي فلائيٽ ۾ دهليءَ کان ليه-لداخ لاءِ روانو ٿيو. فلائيٽ، ليه پهچڻ تائين ڏيڍ ڪلاڪ لڳايو. جيئن جيئن ايئرڪرافٽ ليه کي ويجهو پئي ٿيندو ويو ته برفاني پهاڙن جو هڪ خوبصورت سلسلو به ٻانهون ڦهلائي تمام مسافرن جو استقبال ڪندو رهيو. برف پوش پهاڙين جي اَڇاڻ ماحول کي ايڏو ته معطر ڪري رهي هئي جو خبر ئي ڪونه پيئي ته هوائي جهاز ليه-لداخ تي هلي لينڊنگ ڪئي.

ليه ايئرپورٽ ڪجهه قديم طرز جو ٺهيل هئو؛ چئن ئي پاسن کان برف سان ڍڪيل اَڇا اَڇا پهاڙ ڏسندي سمورا مسافر هڪ خوشيءَ جو احساس ماڻي رهيا هئا. ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪرندي سيني کي

ڪارين ذريعي ’نامگيال پئليس هوٽل‘ پهچايو ويو. اُها هوٽل ان نامگيال شاهي خاندان سان وابسته هئي، جن ڪڏهن پوري ليه-لداخ تي راڄ ڪيو هئو.

منتظمين طرفان تمام مسافرن کي هوٽل پهچڻ تي گرمجوش استقبال ڪندي کين ٻڌايو ويو ته اُهي نيرن ڪري پهرين چار ڪلاڪ ڪن پنهنجي پنهنجي روم ۾ آرام ڪن ته جيئن سندن جسم ليه - لداخ جي ٿڌاڻ سان مانوس به ٿي سگهي ته سمنڊ جي سطح کان **11,562** فوٽ مٿانهينءَ تي کين آڪسيجن جي ڪميءَ جو احساس به گهٽ ٿي سگهي.

منجهند جي مانيءَ کان پوءِ سيني لاءِ ليه - لداخ جي قدرتي سونهن پسڻ جو پروگرام هئو. ان موجب سڀ کان پهرين کين ’چوگلامسر‘ واري حصي ڏانهن وٺي ويا، جتي منالي‌ءَ کان ايندڙ ’سنڌو درياهه‘ ليه ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ اگيان وڌندو رهي ٿو. ٻنهي پاسن کان ٻن اوچن پهاڙن جي وچ تي وهندڙ سنڌو درياهه زبردست سونهن پسائي رهيو. پر سنڌو درياهه اُتي ڪجهه ڪجهه خاموش ۽ ننڍي دائري ۾ وهي رهيو هئو جڏهن ته اهو ساڳيو درياهه سنڌ ۾ پهچڻ سان ايترو ته وشال ٿو ٿئي، جو اُتي ’سنڌو نديءَ‘ جي هڪ ڪناري تي بيهي ته ٻيو نظر ئي ڪونه اَچي. حيدرآباد ۽ ڄامشورو وچ ۾ ناهيل ’ڪوٽڙي بيراج‘ **1.6** ڪلوميٽر لنبي آهي؛ جتي پاڻيءَ کي جمع ڪندي ڪيتي ٻاريءَ لاءِ ڪم آندو ويندو آهي.

ليه کان **39.6** ڪلوميٽرن جي دوريءَ تي هڪ پهاڙيءَ جي چوٽي آهي ’کاردونگرا‘؛ جنهن جي لاءِ عام طور چيو ويندو آهي ته اُن جي اوچائي سمنڊ جي سطح کان **18280** فوٽ آهي پر اُتي مشهور آهي ته اُهو اوچائي ايڏي مٿانهين نه آهي پر **17582** فوٽ آهي. اُتي پهچڻ لاءِ رستو ايترو ته خطرناڪ آهي جو وهيڪل لاءِ سنڀالي هلڻ هڪ پاسي ته مٿانهينءَ تي چڙهندي چڙهندي آڪسيجن جي کوٽ جو پڻ احساس ٿئي ٿو. ڪيترن ماڻهن جي ته مٿي ويندي ويندي دل ڪچي ٿيڻ لڳندي آهي ۽ نه ڪاڏو وڃندو آهي نه ڪنهن ڳالهه ۾ من ٿي لڳندو آهي. ان لاءِ سياحُ جيڪڏهن اڳ ئي ان جو انتظام ڪري نڪرندو ته صحيح طور انهن نظارن جو لطف ماڻي سگهندو.

جڏهن ڪار ليه کان ٻن ڪلاڪن جي مسافريءَ کان پوءِ ’کاردونگلا پاس‘ تي پهتي ته هر طرف کان برفاني پهاڙ ئي پهاڙ هئا. رُڳي اَڇ ئي اَڇ لڳي پيئي هئي. ايڏو ته حسين درشيه اکين سامهون هئو، جيئن ڌرتي ۽ آسمان گڏجي سرٻ پوريءَ جو درشن پسائي رهيا هجن.

اُتي آڪسيجن جي کوٽ سبب سڀ ائين ٿڪا پيا هئا، جو ڪنهن کان به هڪ مندر جا صرف ڏهه ڏاڪا به مٿي چڙهڻ ڪونه پئي پڳا. ٻلديو مٿلاڻي هڪ دوست کي ڪئميرا ڏيندي پنهنجا فوٽو ڪڍڻ لاءِ عرض ڪيو. اجا هُن ڪئميرا سنڀالي ئي مس ته سائينءَ جي مهر سان ٿوري ٿوري سِنوفال شروع ٿي ويئي. هوُ پنهنجي پوري زندگيءَ ۾ اُهو برفاني بوندا بانديءَ وارو نظارو پهريون دفعو ئي ڏسي رهيو هئو. نظارن جي خوبصورتيءَ ۾ هوُ ايترو ته محو هئو جو ٿڪ توڙي آڪسيجن جي کوٽ سڀ وسري ويئي. هوڏانهن ڊرائيور جو نياپو پئي آيو ته ان مهل ٽيمپريچر ڪرندو پئي ويو ۽ جلد واپس هلڻو پوندو. هنن جي دل ته ڏاڍو پئي چيو ته ان برفاني سر زمين جي موڄ جو اڃا به لطف وٺجي پر بار بار ايندڙ نياپن تي کين بس ڪرڻي پيئي ۽ اچي پنهنجي ڪار ۾ وينا. بقول ڊرائيور ان مهل اُتي اندازن (-4°C) ٽيمپريچر هئو.

هوُ اُتان سڌو ئي ’گردوارا پٿر صاحب‘ جو درشن ڪرڻ ويا. اُهو نالو اُن گردواري تي ان لاءِ پيل آهي جو چيو ويندو آهي ته ڪڏهن بابا گرونانڪ جن جو اُتي وڃڻ ٿيو، تڏهن اُن جي پلمانسائيءَ جا قصا جڏهن آسپاس ۾ مشهور ٿيا ته پرسان پهاڙيءَ تي وينل هڪ پوڄاريءَ اهنڪار وس ٿي بابا نانڪ جو نالو

نشان مٽائڻ لاءِ هڪ وڏي چپ مٽائنس ڦٽو ڪيئي. پر جيسين اُهو ٻلا جيڏو پٿر بابا وٽ پهچي پهچي؛ اچا بابا گرونانڪ پنهنجو هٿ مٿي مس ڪنيو تہ اُها چپ موم ٻڄندي نانڪ ديو جي هٿ وٽ پهچي بيهجي ويئي. پوءِ ڏٺائون تہ ان پٿر تي گرونانڪ جي هٿ جو نشان اُڪرجي ويو هئو؛ جيڪو اڄ تائين ڪيترا ئي شرڌالوُ اُتي ڏسڻ ويندا آهن. ليه ۾ جيتوٽيڪ ٻڌ ڌرم جا پوئلڳ وڌيڪ رهندڙ آهن، پوءِ بہ اُتي بابا گرونانڪ لاءِ بيحد عقيدت آهي ۽ ڪين ’گرو گومپڪا مهراج‘ ۽ ’نانڪ لاما‘ ڪري سڏيو ويندو آهي.

ليه ۾ ’پون گونگ ڍنڍ‘ بيحد مشهور آهي، جيڪا پڻ ليه کان **4350** ميٽرن جي اوچائيءَ تي آهي. اُها ڍنڍ ايترو تہ وسيع ۽ ويڪري آهي، جو تقريبن ٻارهن ڪلوميٽرن جي لنبائيءَ ۾ تبت تائين ڦهليل آهي. چيو ائين ويندو آهي تہ ان ڍنڍ جا ٻہ حصا تبت جي ايراضيءَ ۾ اچن ٿا ۽ ليه ۾ تہ صرف ان جو ٽيون حصو ئي نظر ايندو آهي. پهاڙيءَ جي دامن ۾ ان حسين ڍنڍ جي انفراديت اها آهي تہ ان جو پاڻي سج جي روشنيءَ تي رنگ برنگي ٿيندو نظر اچي ٿو.

ان وقت سموري ڍنڍ جو پاڻي نيرو نيرو هوندي بيحد خوبصورت لڳي رهيو هئو. ان طرح هڪ ئي ڏينهن ۾ اهو پاڻي ڪڏهن ساوو تہ ڪڏهن آسماني رنگ جو نماءُ ڪندو آهي. سياري جي موسم ۾ اُتي (-10°C) ٽيمپريچر ٿي ويندو آهي ۽ سمورو پاڻي جمي برف ٿي ويندو آهي.






## لفظن جو خزانو

- **بقول** = چوڻ موجب
- **تعمير ڪرڻ** = ٺهرائڻ
- **هڙپ ڪرڻ** = ڦٻائڻ
- **پايو وجهڻ** = بنياد رکڻ
- **ماتحت** = زيردست
- **سياح** = سيلاني
- **استقبال** = سواڳت
- **قديم** = جهونو
- **مانوس ٿيڻ** = ٺهڪڻ
- **منتظم** = اِنتظام سنڀاليندڙ
- **انفراديت** = بي مثل خاصيت
- **عقيدت** = وشواس
- **معطر** = خوشبودار

# اَڀياس

سوال 1. هيٺين جملن ۾ جواب لکو.

1) لداخ کي مرڪزي ايراضيءَ جو درجو ڪڏهن ۽ ڪيئن مليو؟
2) ’سنڌو درشن‘ ليهه ۾ ڇو ملهايو ويندو آهي؟
3) سنڌو نديءَ ڪٿان شروع ٿئي ٿي؟
4) ’پون گونگ ڍنڍ‘ ڪهڙين ايراضين جي وچ ۾ اَچي ٿي؟

سوال 2. ٿوري ۾ جواب لکو.

1) منتظمين طرفان مُسافرن کي ڇا ٻڌايو ويو؟
2) چوگلامسر جي خوبصورتيءَ جو ٿورو بيان ڪريو.
3) ’کار ڊونگلا‘ چوٽيءَ جي نظارن جو لُطف ماڻڻ لاءِ اڳ ئي انتظام ڇو ڪرڻ گهرجي؟
4) ’گردوارا پٿر صاحب‘ بابت ٿوري ڄاڻ ڏيو.

سوال 3. (I) ضد لکو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| خوشي | | ٻاهر | |
| ويجهو | | ڪوٽ | |
| گرمي | | | |

(II) صِفتون ٺاهيو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| مضبوطي | | برف | |
| خاندان | | قدرت | |
| خطرو | | حُسن | |

سوال 4. توهان پنهنجي ڪيل ڪنهن به سير جو بيان ڪريو.

سوال 5. ڀارت جي ڪن مشهور هنڌن بابت ٿوري ۾ ڄاڻ ڏيو.

## مشغُولي - 1

ٽڪر پڙهي عملي ڪم پورو ڪريو.

ليهه ايئرپورٽ ڪُجهه قديم طرز جو ٺهيل هو ...................... آڪسيجن جي ڪميءَ جو احساس به گهٽ ٿي سگهي.

(1) ساڳي معني وارن لفظن جا جوڙا ملايو.

| | |
|---|---|
| 1) قديم | 1. سچو |
| 2) سمورو | 2. جهونو |
| 3) مُسافر | 3. جُڙيل |
| 4) وابستہ | 4. ياتري |

(2) ’ٿڌو‘ لفظ ۾ ’آڻ‘ پڇاڙي جوڙڻ سان ’ٿڌاڻ‘ لفظ ٺهي ٿو. اهڙيءَ ريت هيٺين مان اُهي لفظ ڳوليو جن ۾ ’آڻ‘ پڇاڙي جوڙي سگهجي.

ٿڌو ڪارو گرم ڏگهو
نرم آلو سائو مٺو
لنبو ٽپ

(3) ٽڪر مان مناسب لفظ ڪڍي هيٺيان ڪالم پورا ڪريو.

| صفت | اِسم |
|---|---|
| قديم | طرز |
| اچا | ............. |
| ........... | خاندان |
| گرمجوش | ............. |
| ........... | ڪلاڪ |

(4) مثال سمجهي خاڪو پورو ڪريو.

| | عدد واحد (Singular) | | عدد جمع (Plural) | |
|---|---|---|---|---|
| | لفظ | معني | لفظ | معني |
| مثال | ڪيس | هن کي | ڪين | هنن کي |
| | سنڌس | .......... | ......... | هنن جو |
| | ........ | هن کان | ......... | هنن کان |
| | ساڻس | .......... | ......... | هنن سان |
| | هن ۾ | .......... | منجهن | ........... |

(5) مثال سمجهي خاڪو پورو ڪريو.

| | مڪاني ٻولي | اَدبي ٻولي |
|---|---|---|
| مثال | پاڻس | هنجو پاڻُ |
| | .............. | هن جي پيءُ |
| | پٽس | هن جو پٽُ |
| | .............. | هن جي ماءُ |

## مشغُولي - 2

(1) هيٺ ڪن سير سفر جي هنڌن جا اَڌورا نالا ڏنل آهن. چؤڪنڊي مان مناسب اکر/لفظ کڻي نالا پورا ڪريو.

ٺا جٺ برگ ملا منا
ٿي بليشور تال

| | |
|---|---|
| گو.......... | او......... |
| .........لي | .........پور |
| گل......... | نٿني...... |
| ش......... | مها........ |

❖❖❖❖

# نظم

# 1. گيت

پريو ’وفا‘

پريو جوتومل ڇڄاڻي ’وفا‘ (1915-2012) پنجو ديرو، لاڙڪاڻا سنڌ ۾ ڄائو ۽ بعد ۾ ممبئيءَ ۾ اچي رهيو. هيءُ ڪوي بيوس جي پرمپرا جو شاعر آهي. هن کي ’سرخ-گلاب-سرها خواب‘ سنگرهه تي ساهتيہ اڪادميءَ انعام عطا ٿيو هو.

ڌيرج ڌر من کيڏُ نہ ڪر من!
ڪشت ڪشالا ڪٽبا ويندا - هڪ هڪ ٿي هڪ هڪ ٿي.
ڌانهن نہ ڪر من - آهہ نہ ڀر من،
درد خوشين ۾ مٽبا ويندا - هڪ هڪ ٿي هڪ هڪ ٿي.

خشڪ خزائون پوريون ٿينديون، نيٺ بهارون اينديون،
مکڙيون اڄ جي آتيون آهن  آخر گل پي ٿينديون،
پوش ڪلين جا پٽبا ويندا - هڪ هڪ ٿي هڪ هڪ ٿي.

ڪنڊن جي سيجا تي پُشپ ڪليون پيون ليٽيل آهن،
ڪکرن جي آنچل ۾  ڪرڻا پيا تہ سميٽيل آهن،
غم جا بادل گهٽبا ويندا - هڪ هڪ ٿي هڪ هڪ ٿي.

مُرڪي مُرڪي لُڙڪ ’وفا‘  اکڙين ۾ پي جي ويندين،
راهن جي گهٽ گهيرن کان تون  واقف ٿي جي ويندين،
پيڙ پاڙهي هٽبا ويندا - هڪ هڪ ٿي هڪ هڪ ٿي.

## لفظن جو خزانو

ڪيڏُ = افسوس
پوش = ڍَڪُ
ڪليون = مُکڙيون
پيڙ = ڏُک
ڪشت ڪشالا = تڪليفو
خزان = سَرَءُ
گهٽ گهير = هينيون مٿانهيون

## اَڀياس

### سوال 1. هيٺين جملن ۾ جواب لکو.

1) ڪشت ڪشالا ڪيئن ڪٽبا ويندا؟
2) خزان جي پوري ٿيڻ سان ڇا ٿيندو؟
3) ڪڪرن جي آنچل ۾ ڇا سميٽيل آهن؟
4) مُرڪي لُڙڪ پيئڻ سان ڇا ٿيندو؟

### سوال 2. خال ڀريو.

1) ڌيرج ڌر من ............. نہ ڪر من!
2) درد ........ ۾ متبا ويندا
3) ........... ڪلين جا پٽبا ويندا.
4) ڪڪرن جي آنچل ۾ ڪرڙا ......... آهن.

### سوال 3. سِٽون پوريون ڪريو.

1) مُکڙيون اڄ ........................ ٿينديون.
2) ڪَندَن جي .................. ليٽيل آهن.
3) پيڙ پاڙهي ................. هڪ هڪ ٿي.

### سوال 4. 'ڪ' سان شروع ٿيندڙ ڪي بہ چار لفظ لکو.

........................

........................

........................

........................

## مشغُولي - 1

شعر - بند پڙهي عملي ڪم پورو ڪريو.

”خشڪ خِزائون ............................

غم جا بادل گهٽبا ويندا هڪ هڪ ٿي، هڪ هڪ ٿي.

1) هڪ لفظ ۾ جواب لکو.

(I) ڪير آخر گُل ٻٽجنديون؟
(II) ڪنهن تي پشپ ڪليون ليٽيل آهن؟
(III) ڪڪرن جي آنچل ۾ ڇا لڪل آهي؟
(IV) ڪهڙيون خزائون ختم ٿينديون؟

2) چوڪنڊي مان مناسب لفظ ڳولهي خال ڀريو.

| |
|---|
| خشڪ، سيڄا، |
| ڪرڙا، |
| گُل، بادل |

1. روشنيءَ جا .............. موت ڪائين ٿا.
2. باغ ۾ جُدا جُدا رنگن جا ............... ڏسي مان خوش ٿِيُس.
3. ............ مينهن وسائن ٿا.
4. ........ هوائن ۾ گِهمَ موجود نہ هوندي آهي.

3) سٽن مان لاڳاپو رکندڙ لفظ ڳولهي گولن ۾ جواب لکو.

1. سِچُ
2. ’بهارون‘ جو ضد
3. ’گل‘ جو ساڳي معنيٰ وارو لفظ
4. گلاب ٻوٽي ۾ سمايل

4) سِٽ سمجهايو.

غم جا بادل گهٽبا ويندا .....

## مشغولي - 2

1) سِٽون پوريون ڪريو.

1. سيني جاڏُک ................ هڪ هڪ ٿي، هڪ هڪ ٿي.
2. کيت ۾ .......... هڪ هڪ ٿي، هڪ هڪ ٿي.
3. باغن ۾ .......... هڪ هڪ ٿي، هڪ هڪ ٿي.
4. هرهڪ ٻار ............... هڪ هڪ ٿي، هڪ هڪ ٿي.

2) ”اُميد اسان جو هڪ مددگار دوست آهي“ سمجهايو.

3) ڇوڪندي مان مناسب لفظ ڳولهي ڪالم پورا ڪريو.

| ٻَهارون، خزائون، ڪنڊا، ڪرڙا، غم، ڪليون | |
|---|---|
| شفي لفظ (Positive words) | نفي لفظ (Negative words) |
| ................ | ................ |
| ................ | ................ |
| ................ | ................ |

# 2. پرين پَسُ پاڻَ ۾

دلپت

سائين دلپتراءِ صوفي جو جنم 1769 ۾ سيوهڻ سنڌ ۾ ٿيو. نرگُڻ ڀڳتي پرمپرا کان بيحد متاثر ٿيل ڪوي دلپت تي پنهنجي دؤر جي هڪ اهم ڪوي ’سامي‘ صاحب جو چِٽو اَثر نظر اَچي ٿو. صوفي ۽ ويدانتي موضوعن تي هِن قابل تعريف قلم هلايو.

ڀيائي ڀولي ڪري ڀوري ڀرم نہ ڀل
هوت تنهنجي هنج ۾ ناحق روهہ نہ رل
ڀڃي ڇڏ ڀنيور کي ڪاهي ڪيچ نہ چل
هيءُ هنگامو هل، دلپت هڪ حبيب جو.

پرين پس پاڻ ۾ ڀوري ڀرم ڀڃ
جدا ٿيءُ جهان کون جيئندي مرڻ مڃ
پئي تون پاڻيءَ ۾ موڳي مرين اُڃ
پهہ لڳي پرين جي ناحق رلين رڃ
ڇا کي سهڪين سڃ، دلپت ڇڏي پرين کي.

ڀوري ڀرم ڇڏ پرين پس پاڻ ۾
وٽ نہ آهي وار جي تو حبيبن هڏ
جن ناهي نينهن نام سان تن سڏڙين کي نہ سڏ
جن کون خلل ڀوي خيال ۾ تن لُڏن وتون لڏ
غير سان نہ گڏ، دلپت دل ڏارون دوست جي.

## لفظن جو خزانو

ٻيائي = دوئي
پرم = وهم
پوري = اَبوجهه
هوتُ = مُڙس
روه = پٽر
حبيب = محبوب
ڪيچ = شهر جو نالو
ڄُلُ = هَلُ
پَهُه = اِرادو

# اَڀياس

**سوال 1. هيٺين جملن ۾ جواب لکو.**

1) شاعر پٽرن تي رُلڻ کان منع ڇو ڪئي آهي؟
2) شاعر غير ذاتهن نه وڃڻ لاءِ ڇا چيو آهي؟
3) شاعر سڏڙين کي سڏ نه ڪرڻ لاءِ ڇو چيو آهي؟

**سوال 2. ٿوري ۾ لکو.**

1) هن بيت ۾ پرينءَ بابت ڇا چيل آهي؟
2) نام سان نينهن نه رکندڙن لاءِ شاعر ڇا چيو آهي؟

**سوال 3. خال ڀريو.**

1) ڀيڇي ڇڏ ............ ڪي ڪاهي ڪيچ نه ڄل.
2) ڀئي تون ڀاڪيءَ ۾ ............ مرين اُڃَ.
3) وِٽ نه آهي ............ جي تو حبيبن هڏ.

**سوال 4. سٽون پوريون ڪريو.**

1) هيءُ .................. حبيب جو.
2) ڇا .................. پرين ڪي.

## مشغولي

**شعربند پڙهي عملي ڪم پورو ڪريو.**

پِرين پَسُ پاڻ ۾ ................ دلپت ڇڏي پرين ڪي.

1) ڇوڪندي مان مناسب لفظ ڳولهي خال ڀريو.

| |
|---|
| ڀَڄُ، مَڇُ، اُڃَ، رُڃَ، سُڄَ |

اُن تي سواري ڪندي رامچند جو پريوار ڪڇ جي ............ ۾ پهتو. تمام گهٽي گرميءَ سبب ننڍڙي ڪڪي کي ڏاڍي ............ لڳي، يڪدم هن پاڻي پيتو. رامچند جي وڏي پٽ چوطرف نهاري چيو:

”پري پري تائين ڪوبه ماڻهو نظر نٿو اَچي. چوڌاري ................ لڳي پيئي آهي.“

رامچند ڪمنڊ ڏيندي ......... وڏي پٽ کي چيو:

”پُٽَ، ڪمند کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ............ ۾ اُهي سيني کي ڏي.“

2) ناحق = نا + حق

لفظ جي اڳيان ’نا‘ اکر لڳائڻ سان اُبتڙ معنيٰ ملي ٿي.

چوکندي مان اُهي مناسب لفظ ڳولهيو، جن ۾ ’نا‘ اکر لڳائڻ سان لفظ جي اُبتڙ معنيٰ ملي.

| |
|---|
| سنتوش، اُميد، پاڪ، بالغ، غم، چاڪ، پيار، ممڪن، نفرت |

3) سِٽ سمجهايو.
’پِرين پَسُ پاڻَ ۾‘

4)

| |
|---|
| ”جُدا ٿيءُ جهان کون، جيئندي مرڻ مڇ“ |

مٿي ڏنل سِٽ پڙهو ۽ هڪ لفظ ۾ جواب لکو.

1. ’فدا‘ جو هم آوازي لفظ
2. ’سنسار‘ جو ساڳيءَ معنيٰ وارو لفظ
3. ’م‘ اکر سان شروع ٿيندڙ لفظ
4. ’ڪان‘ جي بدران ڪم آندل لفظ

# 3. سنڌ ۽ سنڌي

کرشن ’راهي‘

کرشن وچاڻي ’راهي‘ (1932-2007ع) برک شاعر، ڪهاڻي نويس ۽ آلوچڪ رهي چُڪو آهي. ’ڪماچ‘ ۽ ’وسڻ سندا ويس‘ هن جا ٻه شعريه مجموعا شايع ٿيل آهن.
موجوده شعر ۾ سنڌين جي مانسڪ پيڙا جو دلڪش بيان ٿيل آهي.

وطن جي لاءِ جان گھوري پوءِ ٻه ٿوري
سنڌين جانِ نه گھوري وطن گھوري آيا!

وطن گھوري آيا هاڻي رَتُ روئن
پنهنجا وري پسڻ لاءِ تن جا نيڻ سِڪن
ٻيريون ڪَٻر ڪجيون هِت ٻُولهيندي نه مِلن
ماڻهوُ هِت ٻه ٿين پر اسان جا ڪي ٻيا هئا!

اسان جا ڪي ٻيا هئا جن سان هئا نينهن
اوسيئڙا ٿِي اُنهن جا ٿا رهن راتيان ڏينهن
اڪين سندا مينهن مُند نه ڏسن مهل ڪا!

مُند نه ڏسن مهل ڪا، اندر جون آهون
ملڪ موتي وچڙ جون بند ٿيون راهون
سي دليون ڪن دانهون وطن ويو جن هٿان!

وطن ويو جن هٿان ناهي تن آرامُ
ڪڏهن وسري ڪين ڪي ڪنهن کان پنهنجو ڳامُ
نديون هِت ٻه جامُ پر سنڌوءَ ۾ ڪو ساهُه تن!

سنڌوءَ ۾ ڪو ساهه ٿن، سنڌوءُ پاڻئِن ماءُ
پنهنجا نيت بہ پنهنجا ڏارين کهڙو ساءُ
اهڙو لڳو واءُ، هڪڙا هِت پيا هُت ٿيا!

هڪڙا هِت پيا هُت سنڌي ٿيا پيئي
پر هڪڙا سنڌي ڏيهي، پيا ٿيا پرڏيهي
ماڻهوُ هڪڙا ئي، پر رهن راڄن ۾!

رهن راڄن ۾ ڪي سنڌ تہ ڪي هند
مِٽي جا هڪ ملڪ جي جُڙيل تن جي جندُ
سي ڇا ڄاڻن سنڌ جيڪي هِتي ڄميا!

جيڪي هِتي ڄميا سي بہ ’سنڌي‘ سڏبا
سنڌي ٿي بہ سنڌ ڪي ڏسڻ ڪان سِڪندا
ڏارين وانگر جڏهين سنڌ وڃي ڏسندا
ماڻهو ائين چوندا تہ ’سنڌي آيا سنڌ ڏسڻ!‘‘

## لفظن جو خزانو

رَتُ روئڻ = پڇتائڻ
پَسڻ = ڏِسڻ
اوسيئڙو = اِنتظارُ
ڳامُ = ڳوٺ
نينهن هڻڻ = پيارُ هڻڻ

# اَڀياس

**سوال 1.** هيٺين جملن ۾ جواب لکو.

1) ماڻهن جا نيڻ ڪنهن لاءِ سِڪَنِ ٿا؟
2) اندر جون آهون ڇو ٿيون نڪرن؟
3) سنڌي ڇا نہ وساري سگهندا؟
4) سنڌي ماڻهون ڇا لاءِ سِڪندا؟

**سوال 2.** سِٽون پوريون ڪريو.

1) وطن جي لاءِ ............ وطن گهوري آيا.
2) اَسان جا ڪي ٻيا ......... رهن راتيان ڏينهن.
3) ڪڏهن وسري ڪين ......... ڪو ساهُہ تَنِ.
4) رهن راڄن ۾ ......... تن جي جِندُ.
5) جيڪي هتي ڄميا ......... ڏِسڻ ڪان سڪندا.

**سوال 3.** خال ڀريو.

1) سنڌين ........... نہ گهوري، وطن گهوري آيا!
2) ........... سندا مينهن، مُندَ نہ ڏسن مَهل ڪا!
3) نديون هت بہ جام، پر ........... ۾ ڪو ساهُہ تن.
4) ............. وانگر جڏهين، سنڌ وڃي ڏسندا!

**سوال 4.** هم آوازي لفظ ڳولهي لکو.

سِڪَنِ، آهون، مينهن، ساءُ، ڏيهي

## مشغولي

**شعر - بند پڙهي عملي ڪم پورو ڪريو.**

”مُندَ نہ ڏِسن مهل ڪا ................ پر سِنڌوءَ
۾ ڪو ساهُ تَنِ!“

1) ڏنل سِٽن جو نثري روپ لکو.

1. بند ٿيون راهون.
2. وطن ويو جن هٿان.
3. سي دليون ڪن دانهون.
4. مُندَ نہ ڏِسن مهل ڪا.

2) چؤڪنڊي مان مناسب لفظ ڳولهي هم آوازي لفظ پورا ڪريو.

ڏامر، ڇهل، چاهون

1) راهون ..........
2) مهل ..........
3) جامُ ..........

3) سِٽن مان مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو.

1. منهنجي .............. جو نالو ڀارت آهي.
2. گنگا، جمنا ۽ سرسوتي ڀارت جون مشهور .............. آهن.
3. ماءُ جو ٻارن ۾ .............. هوندو آهي.
4. بَهارَ جي .............. ۾ ڪوئل گيت ڳائيندي آهي.

4) و + ط + ن = وطن

مثال ۾ 'ط' اکر وچ ۾ آهي. برئڪيٽ مان مناسب اکر ڳولهي لفظ ٺاهي لکو.

1. و ..... ن (گ، گهہ، پ)
2. و ..... ن (ڪ، چ، پ)
3. و ..... ن (ت، الف، گ)
4. و ..... ن (ڊ، ي، ن)
5. و ..... ن (ڳ، ج، پ)
6. و ..... ن (ر، ڙ، ڪ)
7. و ..... ن (س، ش، ب)
8. و ..... ن (ڀ، ب، ٺ)

❖❖❖❖

# 4. مِان بہ هڪ باغي!

پرسرام ’ضيا‘

پرسرام هيرانند ’ضيا‘ (1911-1958ع) سنڌ ۾ پهرين ’رنجور‘ تخلص سان شعر لکيا؛ جيڪي ’تصوير احساس‘ مجموعي ۾ ڇپيا ۽ اُن ڪتاب تي سنڌ سرڪار کيس انعام پڻ ڏنو. هن مزاحيہ ڏانءَ جا شعر بہ چيا، جهڙوڪ : ’پِٽي تي پوهوءَ ماءُ‘ ۽ ’سوٽائيءَ جا سوٽا‘. هن ڪي ٻال ڪوتا سنگره ’باغ بهار‘ تي پارت سرڪار جي تعليمي وياڳ انعام ڏنو هئو. هن جي ديهانت بعد سندس شعرن جو هڪ بيو بہ مجموعو ’آلاپ ضيا‘ پڻ شايع ڪيو ويو.

جي تن من ديس تان صدقي ڪرڻ پِي هڪ بغاوت آ
جي پنهنجي ملڪ جو شيوڪ ٿيڻ پي هڪ بغاوت آ
جي ماتر ڀوميءَ سان اُلفت رکڻ پي هڪ بغاوت آ
جي اُن جي حال تي ماتم ڪرڻ پي هڪ بغاوت آ
بغاوت جي اها آهي تہ مان پي آهيان هڪ باغي!

جي سوديشي شين کي واپرائڻ هڪ بغاوت آ
جي کاڌيءَ جي پوشاڪ پائڻ هڪ بغاوت آ
وديشي مال کان جي منهن متائڻ هڪ بغاوت آ
سنيهو ملڪ جو گهر گهر پُڄائڻ هڪ بغاوت آ
بغاوت جي اها آهي تہ مان پي آهيان هڪ باغي!

جي هندو ۽ مسلمان کي ملائڻ هڪ بغاوت آ
جي پنهنجي ڀائپي اُلفت وڌائڻ هڪ بغاوت آ
جي نفرت ۽ عداوت کي هٽائڻ هڪ بغاوت آ
جي ڇاتيءَ سان هريجن کي لڳائڻ هڪ بغاوت آ
بغاوت جي اها آهي تہ مان پي آهيان هڪ باغي!

’ضيا‘ انياءُ جي سامهون ٿيڻ پي هڪ بغاوت آ
اگر پنهنجو وڃايل حق گهرڻ پي هڪ بغاوت آ
جي ڪنهنجي ظلم جو شڪوو ڪرڻ پي هڪ بغاوت آ
جي پنهنجي زخمي حالت تي رئڻ پي هڪ بغاوت آ
بغاوت جي اها آهي تہ مان پي آهيان هڪ باغي!

## لفظن جو خزانو

صدقي وڃڻ = قربان ٿيڻ    اُلفت = پيار    مُنهن متائڻ = پري وَڃڻُ
باغي = بغاوت ڪندڙ    عداوت = دشمني    شڪوو = شڪايت

# اَڀياس

سوال 1.   هيٺين جملن ۾ جواب لکو.

1) ڪنهن تان صدقي ٿيڻ جو پيغام ڏنل آهي؟
2) اُلفت ڪنهن سان رکڻ گهرجي؟
3) اَسان کي ڪهڙيون شيون واپرائڻ گهرجن؟

سوال 2.   ٿوري ۾ جواب لکو.

1) اُلفت جي اَهميت سمجهايو.
2) شاعر اَنياءُ حق ۽ ظلم بابت ڇا چيو آهي؟

سوال 3.   خال ڀريو.

1) جي پنهنجي .......... جو شيوڪ ٿيڻ پيو هڪ بغاوت آ.
2) ............... مال کان جي منهن متائڻ هڪ بغاوت آ.
3) جي پنهنجي ........... حالت تي رُئڻ پيو هڪ بغاوت آ.

سوال 4.   سِٽون پوريون ڪريو.

1) سنيهو .................... هڪ بغاوت آ.
2) جي ڇاتيءَ ................... بغاوت آ.
3) اگر پنهنجو ................... بغاوت آ.

سوال 5.   ڪوٺا ماں هم آوازي لفظ لکو.

اُلفت، سوديشي، پنهنجي، حال

## مشغولي - 1

شعربند پڙهي عملي ڪم پورو ڪريو.

”جي سوديشي شين کي واپرائڻ هڪ بغاوت آ ..........
جي ڇاتيءَ سان هريجن کي لڳائڻ هڪ بغاوت آ!“

(1)   خاڪو پورو ڪريو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ........ | نفرت | ........ | منهن | پوشاڪ |
| پيچائڻ | ......... | وڏائڻ | ......... | پائڻ |

(2)   سٽن سان لاڳاپو رکندڙ سٽون ڳولهي لکو.

1. ماں هندو ۽ مسلمانن کي ملائڻ چاهيان ٿو.
2. هر گهر ۾ پيار پهچائڻ چاهيان ٿو.

(3)   چوکنڊي ماں مناسب لفظ ڳولهي خال ڀريو.

سوديشي، نفرت، اُلفت، پوشاڪ، ملڪ

1. منهنجي ............ جو نالو ڀارت آهي.
2. اَسان کي ......... سامان خريد ڪرڻ گهرجي.
3. رامُ سپاهيءَ جي .......... پائي فوٽو ڪڍايو.
4. اَسان کي ڪنهن سان بہ ............ نہ ڪرڻ گهرجي.

(4) چوڪنڊن ۾ جواب لکو.

1. هڪ جوڙو ضدن جو - [ ] 2. ساڳيو لفظ گڏ ڌھرايل - [ ]

3. بغاوت جي صِفَت - [ ] 4. ديش جو ساڳي معنيٰ وارو لفظ - [ ]

## مشغولي - 2

مثال سمجهي ڪالم پورا ڪريو.

| مثال | جي ڀين جي مدد ڪرڻ بغاوت آ | مان ڀين جي مدد ڪرڻ چاهيان ٿو |
|---|---|---|
| 1) | جي نوان اِسڪول کولڻ بغاوت آ | ...................................... |
| 2) | جي ديش ڀڳتي ڪرڻ بغاوت آ | ...................................... |
| 3) | ...................................... | مان سنا سنديش ڏيڻ چاهيان ٿو |
| 4) | جي بزرگن جي سيوا ڪرڻ بغاوت آ | ...................................... |
| 5) | ...................................... | مان وڻ ٻوٽا پوکڻ چاهيان ٿو |
| 6) | جي وڏن جي عزت ڪرڻ بغاوت آ | ...................................... |
| 7) | ...................................... | مان پاڻي بچائڻ چاهيان ٿو |
| 8) | جي پلاسٽڪ تي بندش ڪرڻ بغاوت آ | ...................................... |

# 5. بيت

**سچل سائين**

سچل سائين (1829-1739ع) جو اَصل نالو عبدالوهاب هئو. هن جو جنم خيرپور رياست جي ڳوٺ درازن ۾ ٿيو. هڪ دفعي شاه عبداللطيف جو درازن ۾ اَچڻ ٿيو، تہ هُن اُن بانبڙا پائيندڙ ٻار کي ڏسندي ئِي چيو تہ ''اَسان جيڪو کُنو چاڙهيو آهي، اُن جو ڍڪڻ هيءُ نينگر لاهيندو.''

ڪيچان آيو قافلو، ڪٺي عطر عنبير
تِهين جي تاثير، واسيو شهر ڀنڀور کي.

هوُ سياڻو سُپرين، عاجز آءٌ اجاڻ
ڪيچي ڪوهياري ڪاڻ متي راهہ روئان گهڻو.

شال نہ وسرين تون، لوڪ سيوئِي وسري
مطلب اهو مون جو پاڻئون پري نہ ڪرين.

ڏکن منجهان سُک مون تا لڌا جيڏيون
ڏوريندي کي ڏک سونهان تِيڙا سڄڻان.

ساري شهر ڀنڀور جي ڇڏي لوڪ لذت
توريءَ ڏِئي ڪونہ ڪو ماڻهو عام عزت
تئي ساهہ صحت جي ٻيهر ٻاروچا اچين!

## لفظن جو خزانو

ڪيچان = ڪيچ شهر مان
عطر عنبير = خوشبوئدار شيون
ڏورڻ = ڳولهڻ

عاجز = بيوس
اَجاڻ = اَڻ ڄاڻ
سونهون = رهبر

ڪوهياري = جبلن ۾ رهندڙ
پاروچو = پروچ ذات وارو (پنهون)

# اَڀياس

سوال 1. هيٺين جملن ۾ جواب لکو.

1) ڪنهن پنهور شهر کي واسيو؟
2) شاعر ڪنهن کي ياد رکڻ چاهي ٿو؟
3) پاروچي جي اچڻ سان ڇا ٿيندو؟

سوال 2. سچل سائين ڄِمُئِي ۾ پنهونءَ بابت ڇا چيو آهي؟

سوال 3. خال ڀريو.

1) تهين جي تاثير واسيو شهر ............ کي.
2) شال نه وسرين تون، ......... سيوئي وسري.
3) ڏکن منجهان سُک مون تا لڌا ..............

سوال 4. سٽون پوريون ڪريو.

1) ڪيچي ...................... روئان گهڻو.
2) ڏوريندي ..................... سڄڻان.
3) ساري ......................... لِذت.

## مشغولي - 1

شعربند پڙهي عملي ڪم پورو ڪريو.

هو سياڻو ..................................................
................................ جو پاڻئون پري نه ڪرين.

(1) ڏنل لفظ ڪنهن لاءِ ڪم آندل آهن. ڏنگين مان جواب ڳولهي لکو.

(I) تون (سنسار، ايشور، دوست)
(II) آءٌ (شاعر، دوست، مائٽ)
(III) لوڪ (ڀڳوان، دنيا، شاعر)
(IV) هوُ (ايشور، شاعر، سنسار)

(2) ضدن جا جوڙا ملايو.

| | |
|---|---|
| 1) سياڻو | 1. ٿورو |
| 2) پري | 2. ڄاڻُو |
| 3) اَجاڻ | 3. ويجهو |
| 4) گهڻو | 4. اَياڻو |

(3) ست سمجهايو.

’شال نہ وسرين تون، لوڪ سپوئي وسري‘‘

(4) ’مطلب‘ لفظ ۾ سمايل اکرن مان هيٺيان لفظ تيار ٿي سگهن ٿا. انهن سان لاڳاپو رکندڙ لفظ ڳولهي خال ڀريو.

| |
|---|
| ميراڻ، طاقت، چپ، گهرج |

1) بل ..................... ٣) مل ...............

2) لب ..................... ٤) طلب ............

(5) خاڪو پورو ڪريو.




## مشغولي - 2

(1) سنڌي تمام شاهوڪار ٻولي آهي. ان ۾ هڪ لفظ لاءِ گهڻيئي معنائون آهن تہ هڪ معنيٰ لاءِ پڻ ڪيترا لفظ ڪم آڻي سگهجن ٿا. سچل سائينءَ ’عاجز‘ لفظ ڪم آندو آهي. اچو تہ ان لفظ جون ٻيون معنائون بہ سمجهون.

عاجز

| |
|---|
| ڪمزور - هيڻو - نِستو - محتاج - بيوس - لاچار - مجبور - ٽڪل - ويچارو - پريشان - ستايل - غريب - مسڪين |

اهڙي نموني مٿيون مثال سمجهي بيت جي سٽن مان لفظ ڳولهي لکو.

(I) رستو - واٽ - ڏڳ

(II) عقلمند - عاقل - سمجهو

(III) ڏولڻ - پيارو - دلبر

(IV) عوام - جڳ - جنتا

(V) خلق - پنهان - جڳت

# 6. ناصحاڻو ڪلام

شاه عبداللطيف ڀٽائي

شاه عبداللطيف ڀٽائي (1689-1752ع) سنڌيءَ جو وڏي ۾ وڏو ۽ دنيا جي چونڊ شاعرن مان هڪ آهي. جيتوڻيڪ شاه جو ڪلام ٽي سؤ سال پراڻو آهي، پوءِ به مواد جي لحاظ کان اڄ به بيحد جاذب آهي.

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاه ڪانهي ويل ويهڻ جي
متان ٿئي اونداه پير نه لهين پرينءَ جو.

ڏک سکن جي سونهن گهوريا سکن ڏکن ريءَ
جَنين جي ورونهن سڄڻ آيو مون ڳري.

اَلا! ڏاهي مَ ٿيان ڏاهيون ڏک ڏسن
مون سين مون پرين پوراڻيءَ ۾ پال ڪيا.

خوديءَ خدا ڪين ماڻهن هڪ من ۾
جيئن ٻن ترارن جاءِ ناهي هڪ مياڻ ۾

ستا اُٿي جاڳ ننڊ نه ڪجي ايتري
سلطاني سهاڳ ننڊون ڪندي نه ملي!

## لفظن جو خزانو

تتي تڏي = اُوکي سوکي | ويل = وقت | پورائي = اڻ ڄاڻائي | ڏاهو = سياڻو
گهورڻ = قربان ڪرڻ | ري = کان سواءِ | خودي = خودداري | سهاڳ = گهوٽ

# اَڀياس

**سوال 1.** هيٺين جملن ۾ جواب لکو.

1) پرين ڪيئن پال پاليا؟
2) مياڻ ۾ ڪڏهن جاءِ نه هوندي آهي؟
3) سلطاني سهاڳ جو نتو ملي؟

**سوال 2.** مطلب سمجهايو.

1) تتيءَ تڏيءَ ڪاه
2) ڏک سکن جي سونهن

**سوال 3.** خال ڀريو.

1) متان ٿئي ............ پيرُ نه لهين پرينءَ جو.
2) جنين جي ورونهن ............ آيو مون ڳري.
3) ............ اُتي ڄاڳ ننڊ نه ڪجي ايتري.

**سوال 4.** سٽون پوريون ڪريو.

(I) تتيءَ تڏيءَ ڪاه ........................
(II) الا! ڏاهي مَ ٿيان ........................
(III) خوديءِ خدا ........................

**سوال 5.** شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جا ٻيا بيت پڙهو.

## مشغولي - 1

**شعر بند پڙهي عملي ڪم ڪريو.**

سُتا اُٿي جاڳ ................. ننڊون ڪندي نه ملي.

**(1) سمجهايو.**

سلطاني سُهاڳ، ننڊون ڪندي نه ملي.

**(2) هيٺين جملن جو سلسلو ٺاهي لکو.**

1. ننڊ مان ڪجهه نه ٿيندو.
2. ڏٺيءَ جو وصل نه ٿيندو.
3. گهڻي ننڊ نه ڪر.
4. اي ستل، هاڻي جاڳ

**(3) 'سلطاني سهاڳ' ۾ 'س' اکر سان شروع ٿيندڙ لفظ گڏ ڏنل آهن. اهڙي نموني هيٺ ڏنل چوڪنڊي مان مناسب لفظ چونڊي گولن ۾ جواب لکو.**

| |
|---|
| ڪڪر، سارنگ، ڪانءُ |
| وقت، سور، وارو |
| درياھ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| سهسين | | ڪچاڙو | |
| ڪارا | | دهشت | |

❖❖❖❖

## وڌيڪ ڄاڻ

شاه عبداللطيف کي سنڌ جي شاعريءَ جو سرتاج ۽ سنڌ جو هڪ ناليرو درويش ڪري ليکن ٿا، پر درجو اُن کان گهڻو اوچو آهي. شاه جي حقيقي جڳهه اُتر پرديش جي ڪبير، راجستان جي ميرا بائي، مهاراشٽر جي رامداس ۽ تُڪارام، بينگال جي چيتنيه مهاپريو، آسام جي شنڪر ديو، گجرات جي نرسي مهتا جهڙن نامور سنت، ڪوين ڏٽيءَ جي نماڻن پيڱتن ۽ درويشن جي قطار ۾ آهي.

شاه صاحب پنهنجي روحاني ڪلام کي سنڌي زبان جو ويسُ پهرايو. اُن زماني ۾ سنڌي بولي ماڻهن جي چپن تي هئي، اُها ئي بولي پنهنجن بيتن لاءِ ڪتب آندائين.

سترهين ارڙهين صديءَ جي عوامي بوليءَ وارو اَمُلهه خزانو شاه صاحب اَسان لاءِ ڇڏي ويو آهي. سندس رسالي جي آڌار تي ئي سنڌي بوليءَ صورتخطي ۽ اَصل نَسل بابت اِنسانيت جا ماهر ڪجهه چئي لکي سگهيا آهن.

ڪئپٽن جارج اِسٽئڪ، ڊاڪٽر ٽرمپ، هوتچند مولچند گربخشاڻي، پيرومل مهرچند آڏواڻي، خانبهادر محمد صديق ميمڻ ۽ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ شاه جي رسالي مان چڱو ئي مال هٿ ڪري گهڻو ئي لکيو آهي.

اَچو ته شاه صاحب جي ڪجهه شعرن کي سمجهون :

1) جانب! منهنجي جيءَ ۾، آ زار جا اَنوا
صاحب! ڏِج شفا، مِيان، مريضن کي.

(سر يمن ڪلياڻ)

اي جاني، منهنجي جيءَ ۾ انيڪ قسمن جا عذاب ۽ پيڙائون آهن. اي صاحب، تون ئي اگهن کي اگهائيءَ کان چوٽڪارو بخش.

2) ڏوري لَڌ ڏاتارُ جم وهين ويسرو،
هَڪيو هوئِج هوشيار، کِنوڻ کِنوندي اوچتي.

(سُر سِريراڳ)

ڏٽيءَ کي ڳولهي لَڌُهه، متان غافل ٿي وِهين. تون هر ساعت سُجاڳ رهج، چو ته توتي وِڄُ (اَجل جي آفت) اوچتو اَچي ڪڙڪندي.

3) تڙين تنوارين، ماءُ! سامونڊي آئيا،
مونکي جِيارين، وايون وڻجارن جون.

(سُر سامونڊي)

اي اَمڙ! سامونڊي اَچي سَهڙيا آهن ۽ تڙَ تي تنوارون (يادوُن) پيا ڪَنِ. مونکي وڻجارن جون ڳالهيون نئين سِر جيئارِن ٿيون.

4) جي تو بيت ڀانيا، سي آيتون آهن،
نيو مَنُ لائين، پريان سندي پارَ ڏي.

جي تو بيت سمجهيا، سي آيتون (روحاني هدايتون) آهن. اُهي مَن کي وجيو محبوُب (ڏٽي) جي طرف لڳائين.

(ورتل شاه جو رِسالو (مُجمل) : ڪلياڻ بولچند آڏواڻي)

(اِنٽرنيٽ جي لئبرريءَ تان 'شاه جو رِسالو' حاصل ڪري پڙهو ۽ محسوس ڪريو ته سنڌي ادب جو سرتاج شاه صاحب آهي.)

أَدب

# علم ادب

## اَفسانو

لغت جي لحاظ کان ’ادب‘ جي معنيٰ آهي ’ريڙهيون ڏيندڙ ٻار کي پنڌ سيکارڻ‘. اِئين به چئي سگهجي ٿو ته اَڻ گهڙيل ڪاٺ کي رندو هڻي سڌو ڪرڻ. دنيا جي تمام ٻولين جي شروعات پهريائين پهريائين شعر سان ٿئي ٿي. سنڌيءَ به اُن ئِي سفر کي اپنايو آهي.

قدرت جي من موهيندڙ نظارن پسڻ سان جا خوشي ٿِئي ٿي، اُن جو اظهار ڪرڻ لاءِ شعر ئي هڪ مناسب وسيلو آهي. جهڙي طرح دل مان نڪتل سُخن دل تي اثر ڪن ٿا، شعر پڻ دل تي سڌو سنئون اثر ڪري ٿو. ان لاءِ ابتدائِي حالت ۾ نثر کان اڳ نظم وجود ۾ آيو.

ڪنهن به قوم جو علم ادب پنهنجي تاريخ جي جدا جدا دور موجب ان جي جذبن ۽ خيالات جو آئينو هوندو آهي. ڪنهن به مخصوص عرصي جو اتهاس معلوم ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهريائين ان ئي دور واري علمي خزاني کي کولڻو پوندو. وقت ۽ حقيقتون تاريخ کي جسم ته بخشين ٿيون پر انهن رڳن ۾ روح تڏهن پوندو؛ جڏهن سندس ادبي تاريخ جو ذخيرو موجود هوندو.

ادب جو سڌو سنئون سنبنڌ ٻوليءَ سان آهي. ان جا ٻه وري ٻه حصا آهن؛ تخليقي ۽ تحقيقي. تخليقي ادب ٻن نمونن جو هوندو آهي ’نثر‘ ۽ ’نظم‘. نثر ۾ ليک، مضمون، افسانا، ناٽڪ ۽ مضمون ته نظم ۾ بيت، گيت، ڏوهيڙا، لاڏا، ترائيل، غزل ۽ پنجڪڙا وغيره اچي وڃن ٿا.

افساني لاءِ هڪ پلاٽ ۽ رٿا، ٻيون ڪردارنگاري تمام ضروري هوندا آهن. ان ۾ وشيه جي ڪا به پابندي ناهي. دنيا جي هر شيءِ ۽ ڪائنات ۾ پکڙيل هر چيز افساني جي دائري اندر سمائجي سگهي ٿي، جنهن ۾ اختصار جي باوجود انساني زندگيءَ جو حقيقي، واضح ۽ جامع عڪس ملي ٿو.

**سنڌي ادب ۾ ڪهاڻيءَ جا دور :**

1. قديم دور
2. ورهاڱي وارو دور
3. ترقي پسند دور
4. رومانوي دور
5. نئون دور

**ڪهاڻين جا قسم :**

1. سماجي
2. مزاحيه
3. جيوني
4. آتم ڪٿا
5. تاريخي

سنڌي ٻوليءَ جون اهم ڪهاڻيون :

| | |
|---|---|
| 1) ادو عبدالرحمان | امر لال هنڱوراڻي |
| 2) احسان منڌي | گوبند 'مالهي' |
| 3) ملڪيت | ايشور چندر |
| 4) ڪلير | نارائڻ 'ڀارتي' |
| 5) وساريان نہ وسرن | لوڪنات جيتلي |
| 6) شري گانءُ | منوهر چگهہ |
| 7) محمدرام | ڪيرت ٻاٻاڻي |
| 8) محمد ڳاڌيءَ وارو | رام پنجواڻي |

## وڌيڪ ڄاڻ

اَسان جي مادري زبان سنڌي، ادبي ٻولي هئڻ سان گڏوگڏ دنيا جي سٺريل ٻولين مان هڪ آهي، جنهن ۾ اَدبيءَ ساهتڪ ٻولي هئڻ جون لياقتون ۽ خوبيون موجود آهن.

## ٻولين جا قسم :

1) **عام ٻولي :** جيڪا صرف باهمي رابطي واري ٻولي آهي، جنهن وسيلي هڪ انسان پنهنجا اڌما ۽ جذبات ڪنهن بہ ٻئين ساٿي ٻولي ڄاڻندڙ شخص تائين پهچائي سگهي ٿو.

2) **ادبي ٻولي :** جيڪا باهمي رابطي جون خوبيون ۽ خصوصيتون رکڻ سان گڏوگڏ ادب ۽ ساهت ۾ پڻ مالامال هوندي آهي. ادبي ٻوليءَ ۾ اُهو سڀ سامان موجود هوندو آهي؛ اهي سڀ ماندڻ منديل هوندا آهن، جن سان ادبي گلزار ۾ بهار پيئي ايندي آهي. محنت ڪشيءَ جا اوزار هجن يا سرمايدارن جون شيون، شاهي تخت هجي يا غربت جو تختو، بادشاهي تخت هجي يا گدائيءَ جو پيالو. سڪندري بخت هجي يا دارا جو اقبال؛ اهڙي هر حالت ۾ پرزور بيان ۽ اثرائتي اظهار لاءِ ادب هڪ بهترين وسيلو آهي.

## اَدبي ٻوليءَ جون لياقتون

1) ادبي زبان اُها چئبي، جنهن ۾ حرفن ۽ لفظن جا آواز؛ بد آواز نہ پر سُريلا ۽ سوادي هوندا آهن.

2) ادبي زبان ۾ اصطلاح ۽ محاوره، تشبيهون ۽ پهاڪا گهڻا هوندا آهن؛ جيڪي تمام قدرتي نظارن ۽ رسمن رواجن موجب ماڻهن جي طبيعت ۽ سُڀاءَ جي ترجماني ڪندا آهن.

3) ادبي ٻوليءَ ۾ دنيا جي هرهڪ شيءِ جا نالا ۽ معنيٰ لاءِ لفظ موجود هوندا آهن. جيڪڏهن ڪٿي ڪنهن نالي جي کوٽ هوندي آهي تہ اها ٻولي خوشيءَ سان ٻئي هنڌان اهڙا لفظ هٿ ڪري پورائو ڪندي آهي.

4) ادبي زبان ۾ هڪ معنيٰ لاءِ گهڻا لفظ ۽ هڪ لفظ جون گهڻيئي معنائون ڏيندڙ آهن.

5) ادبي ٻوليءَ ۾ جذب ڪرڻ ۽ هضم ڪرڻ جي طاقت هوندي آهي. اها پنهنجي ذخيري ۽ خزاني مان ٻين ٻولين کي مدد ڪرڻ ۾ ڪنجوسي ڪونہ ڪندي آهي ۽ بنا ڪنهن هٻڪ جي مدد وٺڻ بہ عيب ڪونہ سمجهندي آهي.

6) ادبي ٻوليءَ ۾ وياڪرڻ جي اصولن جو پورو پورو خيال ڪيو ويندو آهي.

7) ادبي زبان مخصوص ڏيل نيمن پٽاندڙ هلندي آهي.

اهڙي طرح سنڌي ٻوليءَ ۾ اهي سڀ لياقتون موجود آهن، جيڪي ڪيس هڪ شاهوڪار ادبي ٻولي هئڻ جو درجو عطا ڪن ٿيون!

# سنڌي اديب جيئن تہ ......

## ● پيرومل مهرچند آڏواڻي

پيرومل آڏواڻي سنہ 1875ع ۾ حيدرآباد (سنڌ) ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي ۽ سيڪنڊري تعليم اُتي ئي ورتائين؛ جتي ساڌو شوڪيرام آڏواڻي ۽ تاراچند شوقيرام آڏواڻي سندس اُستاد هئا. انهن جي قربت ۾ پيرومل سنڌي ادب ۽ خاص طور شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ جي مطالعي ڏانهن راغب ٿيو. هو مورخ، محقق ۽ ماهر لِسانيات هئو. هُن 'غريب' تخلص سان ڪجهہ شعر و شاعري بہ ڪيئي؛ خاص طور ٻارن لاءِ لکيل گيت، جيئن تہ 'مون کي ڪنهن تي ڪير پيئاريو....' ۽ 'وقت چوي آءٌ بادشاهہ' وغيره.

پيرومل آڏواڻي ۽ جا مشهور شاهڪار آهن 'قديم سنڌ'، 'پهاڪن جي پيڙهہ'، 'سنڌي وياڪرڻ' ۽ 'سنڌي ٻولي ۽ جي تاريخ' وغيره. هُن ورهاڱي بعد بمبئي ۽ اچي پنهنجو آشيانو اڏيو پر زندگي ۽ ساڻس وفا ڪونہ ڪيئي ۽ هو جولاءِ 1950ع ۾ حق سان هڪ ٿيو.

## منشي اُڌارام ٿانورداس

منشي اُڌارام ٿانورداس سن 1833ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو. هُن انگريزن جي شروعاتي دور ۾ ڪيترا ئي ڪتاب لکي سنڌي نثر کي مالامال ڪيو. هُن انگريزي ٻولي ۽ جو پڻ علم پرايو ۽ ڪشمير جي آفيس ۾ ملازمت ڪيئي. هو 'عربي - سنڌي صورتخطي' ٺاهڻ واري ڪاميٽي ۽ جو هڪ ميمبر پڻ هئو. هُن جون تصنيفات (رچنائون) 'دنيا جي تاريخ'، 'راءِ ڏياچ جو قصو'، 'طوطي نامو' ۽ ڪجهہ ٻيا قصا مشهور آهن.

❖❖❖❖



# هِڪ شَرطُ

منوهر چگهه

منوهر چگهه، ’آڪاشواڻي` ممبئي اسٽيشن تي سنڌي سيڪشن جي پروگرام ايگزيڪيوٽو آفيسر طور خدمات انجام ڏنيون ۽ سنڌي ڪلچر کي فروغ ڏيڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندي اُتان رٽائرمينٽ ورتي. هن جون ڪيترييون ئي ڪهاڻيون ريڊيو تان نشر ٿي چڪيون آهن ۽ سندس ٻه ڪهاڻي سنگره ’نئون يگ` ۽ ’رات گذري ويندي` پڻ ميدان ادب تي ظهور پذير ٿيل آهن.

سيٺ لڇمڻ داس ممبئيءَ جي سنڌي جڳت ۾ رچ مڙس ليکيو ويندو آهي. ممبئي ۽ بينگلور ۾ پنهنجون پيڍيون اٿس. ڏيساور سان ڏنڌي ۾ چڱو ڪمايو اٿائين. باندرا ۾ پالي هل تي اٺ ڪمرن جي پنهنجي عمارت، موٽر گاڏيون، نوڪر چاڪر؛ مطلب تہ مانَ شانَ جي زندگي ماڻي رهيو آهي. لڇمي ماتا پل تہ هن تي ڏاڍي مهر ڪئي هجي پر ايشور ڪيس گرهستيءَ جي سک کان وانجهيل رکيو آهي. هن جي زال ويهہ سال اڳ سڪيلڌي پٽ روشن کي جنم ڏيندي ساسين سڪالي تي ويئي هئي. لڇمڻ داس چاهي ها، تہ ٻي شادي ڪري جيون جو آنند ماڻي سگهي ها، پر ماٽيجي ماءُ جي ڏکن جو ويچار ڪري هُن آيل انيڪ سڄهاوَ موٽائي ڇڏيا. روشن کي هن ڪڏهن بہ ماءُ جي کمي محسوس ٿيڻ ڪونہ ڏني. روشن تہ هن جي اکين جو نور آهي.

روشن، هن وقت ممبئيءَ جي مشهور ڪاليج ۾ بي.اي. (B.A.) جي ڊگري اِمتحان لاءِ پڙهي رهيو آهي. روشن، شڪل جو سهڻو، قد جو ڊگهو، بدن جو پورو پنو ۽ ڪسرتي جوان آهي. ڪاليج جي اسٽوڊنٽ ڪائونسل جو ليڊر آهي. ڪاليج جو هر پروفيسر هن سان پيار ڪندو آهي ۽ هر وديارٿي هن جي سڏ ۾ سڏ ڏيندو آهي.

هڪ ڏينهن ڪاليج جي سنڌي ڊپارٽمينٽ جي پروفيسر گرناڻيءَ روشن کي پنهنجي ڪمري ۾ سڏايو ۽ کيس پنهنجائپ واري نوع ۾ چيائين ”مسٽر روشن! منهنجي بدلي پوني مان هت ممبئيءَ تي آهي. مان، منهنجي پتني ۽ ڌيءَ سڄني، هڪ هوٽل ۾ رهيا پيا آهيون. سڄني، انٽر آرٽس لاءِ پڙهي رهي آهي. هن جي پڙهائيءَ جي مونکي چنتا آهي. ممبئي جهڙي شهر ۾ مڪان ملڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهہ آهي. تون جي مونکي ان ڏس ۾ مدد ڪرين تہ تنهنجي وڏي مهرباني ٿيندي.`` روشن، پروفيسر کي پوري ڪوشش جو دلاسو ڏيئي پنهنجي گهر موٽيو، پر سڄو ڏينهن ان مسئلي تي سوچيندو رهيو. رات جو پيءُ ۽ پٽ گڏجي ماني کائي رهيا هئا. اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪندي روشن پروفيسر گرناڻيءَ جو مسئلو پنهنجي پيءُ اڳيان رکيو ۽ پاڻ ئي سجهاءُ ڏنو تہ ڇو نہ پروفيسر هنن جي مڪان جي ٻن ڪمرن ۾ اچي رهي. پروفيسر صاحب جي پريشاني بہ دور ٿي ويندي ۽ هن سنسان گهر ۾ ڪا ڇهل پهل بہ ٿي پوندي. سيٺ هڪ منٽ لاءِ ڪجهہ سوچيو پر روشن جي چهري تي اُداسي ڏسي روشن کي نہ ڪونہ ڪري سگهيو. ٻئين ڏينهن ئِي پروفيسر جو پريوار اَچي سيٺ لڇمڻ داس جي عاليشان عمارت جي گرائونڊ فلور جي ٻن ڪمرن ۾ ٽانئيڪو ٿيو.

ائين ئي ٿيو جيئن روشن سوچيو هو. سنسان گهر ۾ ڇهل پهل ٿي ويئي. سويل صبح جو جڏهن سڄني تانپري تي سنگيت جو رياض ڪندي هئي ۽ سر پرياتي آلاپيندي هئي تڏهن چڻ سيٺ لڇمڻ داس جو گهر هڪ مندر بڻجي پوندو هو. سيٺ پڻ پنهنجي بستري تي ليٽئي ليٽئي سنگيت جو آنند ماڻيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن بستري جي پاسي ۾

رکيل پنهنجي پتنيءَ جي فوٽو سان روح رهاڻ ڪندي چوندو هو ”روشن ماءُ! هيءُ سُر پرياتي ٻڌين پيئي. ويهہ سالن کان پوءِ هن گهر ۾ هيءُ پرياتي سُر گونجيا آهن. تون هئين ءَ جو روز صبح جو سويل اُٿي سڪمنيءَ جو پاٺ ڪندي هئينءَ. ڪيترو نہ آنند ايندو هو.“

سيٺ تہ صبح جو 9.00 بجي پنهنجو گهر ڇڏيندو هو ۽ رات جو 9.00 بجي ڏنڌي تان موٽندو هو. باقي روشن ۽ سجنيءَ جي ٺهڪن مان سڄو ڏينهن گهر پيو گونجندو رهندو هو.

وقت گذرندو رهيو. روشن بي.اي. پاس ڪري وڃي پيءُ سان ڏنڌي ۾ ٻانهن ٻيلي ٿيو. سجنيءَ جي پڙهڻ ۾ رچي گهٽ پر سنگيت ساڌنا سان موهہ وڌيڪ هوس. سنگيت جڳت ۾ چڱو نالو ڪڍيو هئائين. هفتي ۾ ٻہ يا ٽي پروگرام وڏن هالن ۾ ڏيندي آهي. ڪيترين فلمن ۾ پلي ٻئڪ ٻہ ڏني اٿائين ۽ ڪيترين فلمن جي پلي ٻئڪ لاءِ ڪانٽريڪٽ صحي ڪيا اٿائين. هميشه اخبارن جي سرخين ۾ هن جو نالو رهيو آهي. سجنيءَ جي سنگيت جڳت ۾ اُنتيءَ لاءِ پروفيسر صاحب جو هٿ گهٽ پر روشن جو سهارو وڌيڪ آهي. روشن نوجوان آهي. ڏنڌي جي سوجهہ ٻوجهہ اٿس. ڪنهن سان ڪهڙيءَ ريت پيش اچجي. ان جو ڪيس هنر آهي ۽ سڀ ڪان وڌيڪ سجني ۽ پروفيسر صاحب جو هن ۾ پورو وشواس آهي. سجني ڪهڙو ڪانٽريڪٽ صحي ڪري؛ ڪنهن کان ڪيترا پيسا وٺي؛ ڪهڙي ڏينهن هن جي راڳن جي رڪارڊنگ ٿئي؛ اُنهن سڀني ڳالهين جو فيصلو روشن ئي ڪندو هو.

سجني تہ روشن جو سهارو پائي سنگيت جڳت ۾ تڪڙو تڪڙو سڦلتا جي ڏاڪڻ چڙهندي ويئي؛ پر ساڳئي وقت روشن ڏينهون ڏينهن ويو پنهنجي ڏنڌي ڏانهن لاپرواهہ ٿيندو. هن جي اُها لاپرواهي سيٺ لڇمڻ داس کي ڪيترن ڏينهن کان کٽڪي رهي هئي پر پنهنجي جوان پٽ سان ڪهڙو سينو ساهي! هڪ ڏينهن سيٺ صاحب روشن کي پنهنجي پاسي ۾ ويهاري تمام نرمائيءَ سان ڪيس چيو، ”پٽ روشن! تون منهنجي هن سموري سمپتيءَ جو اڪيلو وارث آهين. مان تمام محنت ڪري هيءُ ڌنڌو اَڏيو آهي. اِهو هاٽي ٽوڪي ٽِي سنڀالڻو آهي. مان ڏسان وينو تہ ڪجهہ مهينن کان تون ڌنڌي ڏانهن لاپرواهہ ٿيندو پيو وڃين. هن ڇوڪريءَ کي مدد ڪرين پيو، سٺي ڳالهہ آهي، پر اُن جي بہ ڪا حد هئڻ گهرجي. تو پروفيسر کي ڄڃهہ ڏيڻ لاءِ ضد ڪيو، مان تنهنجي دل رکي ۽ ها ڪئي. پر هاڻ ويچاريان پيو تہ شايد مونکي اها پروانگي نہ ڏيڻ گهربي هئي.“

روشن ڪنڌ جهڪائي سڀ ٻڌندو رهيو. ڪجهہ وقت ترسي پيءُ ڏانهن مخاطب ٿيندي چيائين، ”بابا! مان اوهان سان سجنيءَ بابت ڳالهائڻ وارو هوس. هاڻ اوهان خود ئي ڳالهہ ڇيڙي آهي تہ مان اوهان کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ مان سجنيءَ کي پيار ڪريان ٿو. مان پنهنجي پيار جو اجا سجنيءَ سان بہ اظهار ڪونہ ڪيو آهي. مان هن سان جلد شادي ڪرڻ چاهيان ٿو.“

سيٺ لڇمڻ داس پٽ وٽان هيءُ ڪليو بيان ٻڌي هڪ ڪڻ لاءِ دهلجي ويو. گلاس مان ٻہ ڍڪ پاڻيءَ جا پي پٽ کي چيائين، ”تنهنجو دماغ تہ ٺيڪ آهي! تون اُن ڇوڪريءَ سان لائون لهڻ ٿو چاهين جيڪا ميراڻ ٻڻجي چڪي آهي. کُل-عام اِسٽيج تي ويهي پيئي ڳائي ۽ جهومي. پبلڪ جي تاڙين وڄائڻ تي پيئي مسڪرائي ۽ ناز نخرا ڪري. اها ڇوڪري ٿيندي منهنجي نونهن! نہ ڪڏهن بہ نہ! تون سجنيءَ سان لائون لهڻ جو خواب وساري ڇڏ ۽ سياڻي ڪان اَچي پنهنجي ڏنڌي تي ويهہ.“ روشن جو منهن ٽامڻي هڻي ويو. پيءُ کي ٿورو تنديءَ سان جواب ڏنائين ”بابا! سجني هڪ ڪلاڪار آهي. هن سنگيت جي ساڌنا ڪئي آهي. سنگيت جڳت ۾ هن جو خاص مقام آهي. پروگرام ڏئي ٿي. پنهنجي حق جا پئسا وٺي ٿي. اُن ۾ اوهان کي ڪهڙو اعتراض آهي. اَڄ

يگ بدليو آهي. جڏهن ڪالهه سنگيت فقط ڪوٺن، مندرن يا درگاهن جي چئن ديوارين تائين محدود هو ۽ سنگيت تي ڪن ٽورن جو موروثي حق ليکيو ويندو هو؛ تڏهن هاڻي اُهو سنگيت سڀاڳرهن، محفلن ۽ اسٽوڊيو ۾ ڳايو وڃي ٿو. هاڻ اهو سڀ عوام جي وراثت آهي. ڪلاڪار کي ته ڪلا پريمين جي لهر و چڙهه ۾ اچڻو ئي پوندو. اهو اوهانکي چئو ٿو ڪٽڪي! سڄني اوهان جي نونهن ٿئي تنهن لاءِ اوهانکي فخر هئڻ گهرجي.''

سيٺ لڇمڻ داس پنهنجي پٽ جي لنبي تقرير ٻڌي اُٿي ڪڙو ٿيو. ويندي ويندي پٽ کي چيائين، ''پٽ! سنگيت ته تنهنجي ماءُ به سکي هئي. ڳائيندي هئي ته پنهنجي گهر جي اندر. سويل صبح جو اُٿي گرٻاڻي ڳائيندي هئي. شام جو ڀڳوان جي مورتيءَ اڳيان ڏيو ٻاري ميرا ۽ سورداس جا ڀڄن ڳائيندي هئي. مونکي گهر ۾ نونهن گهرجي، نه اسٽيج ڪلاڪار.'' سيٺ هڪ ڪڻ لاءِ رڪيو. ڪجهه سوچيائين ۽ وري ڳالهائڻ جو سلسلو جاري رکيائين، ''تو چيو ته تون هن ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ چاهين ٿو. ڀلي ڪر پاڻ مون کي ڪو اعتراض ڪونهه آهي. هر ڪنهن کي پنهنجي زندگي جيئڻي آهي. ها! پر منهنجو هڪ شرط آهي. سڄني شاديءَ کان پوءِ ڪڏهن به پبلڪ ۾ پروگرام ڪونه ڏيندي ۽ نه ئي فلم ۾ ڳائڻ لاءِ ڪو ڪانٽريڪٽ صحي ڪندي. تون سڄنيءَ کي اُن لاءِ راضي ڪر ۽ مونکي هن جي فيصلي کان واقف ڪر.''

سيٺ لڇمڻ داس پنهنجي سمهڻ واري ڪمري ۾ هليو ويو. روشن ڇگو وقت اُتي ئي خيالن ۾ وينو رهيو. ٻئي ڏينهن صبح جو روشن چانهه پي رهيو هو ته سڄني هن جي ڪمري ۾ گهڙي آئي.

''روشن! ڪهڙن خيالن ۾ غلطان آهين! اَسان کي اڄ هڪ ڏينهن لاءِ ڪنڊالا هلڻو آهي. ڀلجي ويو آهين ڇا! مان ته تيار ٿي آئي آهيان.'' روشن چرڪ ڀري پنهنجن خيالن جي دنيا کان ٻاهر آيو ۽ چيائين، بس اَڌ ڪلاڪ ۾ تيار ٿي هيٺ اَچان ٿو''.

ڪار روشن هلائي رهيو هو. سڄنيءَ سان ڳالهين جو سلسلو جاري رکندي چيائين، ''سڄني! مان ڪالهه کان ڇگو پريشان آهيان. بابو سائين مون تي ڏاڍو ناراض آهي''. ''ڇو؟'' سڄنيءَ پڇيو. روشن نهر سان پنهنجي پتا شري سان ٿيل وارتالاپ، اکر به اکر سڄنيءَ کي بيان ڪري ٻڌايو. سڄني روشن کي ٻڌندي رهي ۽ سوچيندي رهي. ڪنڊالا پهچڻ تائين هڪ اکر به ڪونه ڳالهايائين.

ڪنڊالا ۾ هوٽل ۾ ماني کائيندي سڄنيءَ جي اکين ۾ انوکي چمڪ هئي ۽ هن جي چپن تي نرالي مسڪراهٽ. چيائين ''روشن تون ته ڊرپوڪ نڪتين! من ئي من ۾ مون سان پيار ڪرين ٿو ۽ پيار جو اظهار به نٿو ڪري سگهين. تون جي منهنجو هٿ پڪڙي مونکي پروپوز ڪرين ها ته مان شايد پاگل بڻجي نچڻ شروع ڪري ڇڏيان ها. خير! تنهنجي اِن انوکي ڊنگ سان ڪيل اظهار به منهنجي تن بدن ۾ خوشيءَ جي لهر پيدا ڪئي آهي.'' سڄنيءَ روشن جو هٿ پڪڙيو ۽ ان کي سڪ سان چمندي چيائين ''باقي ڳالهه رهي منهنجي پبلڪ ۾ نه ڳائڻ جي، سا وڏي ڳالهه نه آهي. هن سنسار ۾ ڪجهه پائڻ لاءِ ڪجهه ڏيڻو به پوي ٿو. مان تنهنجو پيار پائڻ لاءِ ۽ تنهنجي خوشين لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. پبلڪ ۾ نه ڳائڻ ڪا وڏي تقاضا ته ڪونه آهي! مان ايندڙ آرتوار تي انڌيري اسپورٽس ڪامپليڪس ۾ رٿيل پروگرام کان پوءِ ڪڏهن به پبلڪ ۾ ڪونه ڳائيندس. اهو اعلان مان سڀاڻي اخبارن ۾ ڪري ٿي ڇڏيان. تون هڪ مهرباني ڪر. منهنجي آخرين پروگرام ۾ پنهنجي بابا کي ضرور وٺي اچ.''

آرتوار ڏينهن سڄنيءَ جي سنگيت جو آنند ماڻڻ لاءِ هزارن ۾ ماڻهو آيل هئا. هر ڪنهن جي زبان تي هڪ ئي واڳي هئي ته سڄني ڳائڻ بند ڇو ٿي ڪري!

سڄنيءَ ان ڏينهن خوب ڳايو. هن جي هر تال تي ماڻهو متوالا ٿي جهومڻ لڳا. پروگرام پورو ٿيو. هزارن ۾ آيل پبلڪ هڪ ئي آواز ۾ پڪاريو، ”سڄني پنهنجو فيصلو واپس وٺ.“ ڪيترين ئي سنستائن جي بانيڪارن اسٽيج تي اَچي هٿ ٻڌي سڄنيءَ کي عرض ڪيو ته عوام کي پنهنجي فن کان محروم نه ڪر. مطلب ته سڄي ميدان تي هر طرف کان سڄنيءَ لاءِ التجا جا آواز ئي آواز هئا. سيٺ لڇمڻ داس ان سموري ماحول لاءِ من ئي من ۾ پاڻ کي جوابدار محسوس ڪري رهيو هو. پنهنجي ڪئي تي پشيمان ٿي رهيو هو. ڪجهه ڪرڻ لاءِ هن جي وويڪ کيس مجبور ڪيو. سيٺ اسٽيج تي تڪڙو تڪڙو چڙهي ويو ۽ وڃي سڄنيءَ اڳيان ٻيهندي چيائين : ”منهنجي ڌيءُ! مونکي معاف ڪر. مان تنهنجي اڳيان شرمسار آهيان. سنگيت ته تنهنجي آتما آهي. مان آتما کي پرماتما کان الڳ سمجهي رهيو هوس. سنگيت ئي ’ستيم شوم سندرم‘ آهي. تنهنجي سنگيت ذريعي هزارين ماڻهن کي هڪ ئي وقت ايشوري درشن پراپت ٿئي ٿو. مان هٿ ٻڌي توکي عرض ٿو ڪريان ته تون پنهنجو فيصلو واپس وٺ.“

سڄني اوچنگارون ڏيئي اچي روئڻ ۾ چٽڪي. سيٺ لڇمڻ داس کيس پاٻوهه سان پنهنجي ڀاڪر ۾ سمائي ڇڏيو.



## لفظن جو خزانو

رڄُ مڙس = وڏو ماڻهو
ٽامڻي هڻڻ = ڪاوڙجڻ
لائون لهڻ = شادي ڪرڻ
پشيمان ٿيڻ = لڄي ٿيڻ
غلطان = مشغول، رُڌل
تقاضا = گُهرج
پاٻوهه = پيار
مِيراثِڻ = خانداني ڳائڪا
ساسين سُڪالو ٿيڻ = ڳذاري وڃڻ
اوچنگارون ڏيڻ = زور سان روئڻ
سُرخين ۾ اچڻ = مشهور ٿيڻ

# اَڀياس

سوال 1. هيٺين جملن ۾ جواب لکو.

1) سيٺ لڇمڻداس ڪٿي رهندو هو؟
2) پروفيسر گُرناٽيءَ جو ڪُتنب ڪٿي ٿانئيڪو ٿيو؟
3) لڇمڻداس جو گهر مندر ڪيئن بڻجي پيو؟
4) سنستائن جي بانيڪارن سڄڻيءَ کي ڪهڙو عرض ڪيو؟
5) لڇمڻداس کي ڪهڙي ڳالهه کٽڪي رهي هئي؟
6) روشن اڳيان لڇمڻداس ڪهڙو شرط رکيو؟

سوال 2. ٿوري ۾ جواب لکو.

1) روشن پريشان ڇو ٿيو؟
2) لڇمڻداس سڄڻيءَ کي پنهنجو فيصلو واپس وٺڻ لاءِ ڇو چيو؟

سوال 3. ڪنهن ڪنهن کي چيو.

1) ”منهنجي بدلي پوني مان هت ممبئيءَ ٿي آهي.“
2) ”ويهه سالن کانپوءِ هن گهر ۾ هيءُ پرياتي سُر گونجيا آهن.“
3) ”شايد مونکي اها پروانگي نہ ڏيڻ گهربي هئي.“
4) ”هن سنسار ۾ ڪجهه پائڻ لاءِ ڪجهه ڏيڻو پوي ٿو.“
5) ”سنگيت تہ تنهنجي آتما آهي. مان آتما کي پرماتما کان الڳ سمجهي رهيو هوس.“

سوال 4. ضد لکو.

جوابدار، زندگي، تکڙو

سوال 5. عدد بدلايو.

اخبار، ڏاڪڻِ، محفلوُن، تقرير

سوال 6. صفتون ٺاهيو.

اُداسي، لاپرواهي، ڏُک، وقت

## مشغولي - 1

ٺڪر پڙهي عملي ڪم پورو ڪريو.

’سيٺ لڇمڻداس پٽ وٽان هيءُ ڪليو بيان ............ نہ استيج ڪلاڪار.‘

(1) خاڪو پورو ڪريو.




(2) چوڪنڊي مان اهي لفظ ڳولهيو جن ۾ ’ڪار‘ پڇاڙي لڳائڻ سان لفظ ٺهي ٿو. مثال - ڪلاڪار

شاهو اَدا زخم سنگيت
راجا ديا پڳتي
آخر قرض چتر

(3) گول مان مناسب اصطلاح ڪٽي ليڪ ڏنل لفظن بدران ڪم آڻيو.

شادي ڪرڻ،
ڪاوڙجي وڃڻ، ناز هئڻ
ڏڪي وڃڻ، خوش ٿيڻ

1. تنهن لاءِ توهان کي فخر هئڻ گهرجي.
2. روشن ٺامٺي هٽي ويو.
3. تون اُن ڇوڪريءَ سان لائون لهڻ ٿو چاهين.
4. سيٺ لڇمڻداس اهو ڪليو بيان ٻڌي هڪ ڪڻ لاءِ دهلجي ويو.

(4) برئڪيٽ مان ساڳي معنيٰ وارا لفظ ڳولهي خال پُريو.

1. ڪِرِڙ، پل .......... (منٽ، سيڪنڊ، ڪلاڪ)
2. پاڻي، جل .......... (نير، سنسار، ڌرتي)
3. ڪروڌ، ڪاوڙ ......... (پريم، غصو، ديا)
4. ڌنڌو، واپار، ............
(نوڪري، واندڪائي، ڪاروبار)
5. پٽ، سپوٽ .......... (فرزند، پيءُ، ڀاءُ)
6. ڏيئو، بتي ........ (چراغ، روشني، اونده)

(5) هيٺ چوڪنڊي مان مناسب لفظ چونڊي ڪالم پورا ڪريو.

پبلڪ پاڻي يڳ جواب
اسٽيج ڪلاڪ موروثي
اسٽوڊيو ساڌنا نونهن پروگرام

| انگريزي لفظ | هندي لفظ |
|---|---|
| ................ | ................ |
| ................ | ................ |
| ................ | ................ |
| ................ | ................ |

## مشغولي - 2

(1) برئڪيٽ ۾ ڏنل لفظ ڪم آڻي جملا ٺاهي لکو.

1. مون هڪُ صوف آندو. (گهٽا)

2. راجيش هڪ مور ڏٺو. (ڊيل)

3. اسان سُياڻي پوني ويندا سين. (ڪالهه)

4. وجيتا سرڪس ۾ شاهي دروازا ڏٺا. (دروازو)

5. اَسان هر روز اخبار پڙهندا آهيون. (توهان)

6. راجا چور کي سزا ڏني. (سزائون)

❖❖❖❖

# وِياڪُل نظرون، وِياڪُل واٽي

ڪلا پرڪاش

ڪلا موتي پرڪاش (جنم 1934) ناول نويس، ڪهاڻيڪار طور مشهور آهي. هُن جا مکيہ ناول آهن ’هڪ دل هزار اَرمان‘، ’شيشي جي دل‘ ۽ ’حياتي هوتن ري‘، هُن کي ’آرسيءَ آڏو‘ ناول تي ساهتيہ اڪادميءَ جو اِنعام بہ مليل آهي. ’مرڪ ۽ ممتا‘ هُن جي ڪهاڻي جو مجموعو آهي.
هيٺ ڏنل ڪهاڻيءَ ۾ استري ۽ ٻار جي ڀاونا کي ليکڪا اَثردار ڍنگ ۾ اظهاريو آهي.

اڄ تنهنجون وياڪل نظرون ڏسي، منهنجي ممتا روئي رهي آهي؛ پر مان تنهنجين نظرن ۾ اکيون نٿي اٽڪايان. نہ ڄاڻ منهنجين اکين جي وياڪلتا بہ تنهنجون اکيون جهٽي وٺن ۽ وڌيڪ وياڪل بڻجي وڃن! من پرجي پرجي ٿو اچيم تہ ڪنڌ پاسيرو بہ لڙڪ لاڙي ٿي ڇڏيان، جئن توکي ڪل نہ پوي. صبح کان وٺي توکان پاڻ کي لڪايو اٿم ۽ خاص ڪري لڪايو اٿم پنهنجين اکين کي؛ ڇو تہ هڪ ڏينهن تو چيو هو.... ”تنهنجون اکيون هرڪو ڀاوُ ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. تو برابر مونکي ڪڏهن مار ڪانہ ڏني آهي. اَما تو ڪڏهن زبان سان ڪاوڙ ڪانہ ڪئي آهي، تہ بہ لنگهندي لنگهندي ڏک يا ڪاوڙ ڀريون نظرون اُڇلي ويندي آهين تہ مان ڪنبي اُٿندو آهيان. سمجهي ويندو آهيان تہ ڪا مڙيئي خطا ڪئي اَٿم. تو خوشي بہ هميشه اکين وسيل ئي ظاهر ڪئي آهي. منهنجي ڪاميابين جو ٻڌي، تنهنجون چمڪندڙ اکيون ٽمڻ لڳنديون آهن. تنهنجي اکين ۾ اهو ڇا آهي، اَما!“

تون انٽر جي امتحان ۾ پاس ٿي آيو هئين، تڏهن اهي لفظ چيا هيئہ. منهنجو ستل اَيمان اُن ويل ڄاڳي اُٿيو هو. مون اهڙي ئي ماءُ بڻجڻ لاءِ ساڌنا ڪئي هئي؛ پر ڄاتم نٿي تہ اها ساڌنا اُن پورٽتا تي پهتي هئي، جو توکي سيکي اکين وسيلي ئي سمجهايو هوم.

اُن ڏينهن مونکي انيڪ يادگيريون آيون هيون. تنهنجي جنم جي ڏينهن کان وٺي اُن ڏينهن تائين، تنهنجي سموري جيوت منهنجي اکين اڳيان تري آئي هئي. تنهنجو جنم ٿيو هو هڪ برساتي رات ۾. رم جهم برسات وسي رهي هئي. ڪاري رات پوري ٿي ۽ پرڀات ٿي تہ بہ چانيل ڪکرن ڪارڻ آڪاس ۾ اونده هئي. پرڀات پرٿويءَ جي گود ۾ آئي هئي. مهان، وشال ڌرتيءَ جي گود ۾. اهڙي ئي وقت تو منهنجي گود ڀري هئي؛ پر جيتري مهانتا، جيتري وشالتا پرٿويءَ جي گود ۾ آهي. اوتري مهانتا، اوتري وشالتا مون وٽ هئي ڪٿي! ليڪن اها ڳالهہ مڃان ٿي تہ تون آئين، مون هڪ اننت جوت جڳيل ڏٺي. سوچيم : ٻاهر ڪيترو نہ انڌڪار آهي، پر هاڻي اُهو نہ رهندو، ڇو جو تون آيو آهين. سهيلين ۽ مائٽن کي چوندي هئس، ”هيءُ گوتم ٻڌ آهي. اوندهہ ڏڙي روشني ڦهلائيندو. دنيا کي شانتيءَ جو پيغام ڏيندو.“

سهيليون مسخري ڪري کلنديون هيون ۽ چونديون هيون، ”هي گوتم آهي! هيترو تو شور مچائي!“ تڏهن تنهنجن پتڪڙن چپن جو امرت پيئندي چوندي هئس، ”گوتم نندي هوندي شور نہ مچائيندو هو ڇا!“

هڪ ڏينهن فخر وچان ڪنڌ اوچو ڪري سهيلين وچ ۾ چيم، ”مان هن کي ڪڏهن بہ مار ڪانہ ڏينديس. ٻار کي مارڻ مان پنهنجي گهٽتائي ٿي سمجهان. مان رڳو ڪيس هرڪا ڳالهہ

سمجهائيندس، سندس رهبري ڪندس؛ پر پنهنجو ڪجهه به مٿس مڙهيندس ڪين. ڪجهه به ڪرڻ چاهيندو ته ان جا فائدا ۽ نقصان سمجهائي ڪيس ٻڌائي تي ڇڏي ڏيندس ۽ پوءِ پنهنجي سمجهه سان درست وات وٺي.“

سهيليون کلي چونديون هيون، ”ٻار ڪي مار کيئن نه ڪديبي! ڪڏهن ڪڏهن تي ڪيس ضرور چينبيندين ۽ ڪڏهن مٿس ڪجهه مڙهيندينءَ به ضرور.“

پر منهنجو ضد قائم. ضد چوان يا ايمان چوان!

اهو ايمان، اهو ضد ڪٺي زندگي گهارڻ لڳيس. سچ چوڻ ويني آهيان ته پاڻ سان به دوکو نه ڪنديس. ڪڏهن ڏاڍي ششدر به ٿي هونديس. شايد صبر وڃائي غصو به ڪري وجهان ها.... پر منهنجو ايمان مون تي پهرو ڏيندو ئي رهيو.

تون ڏهن ٻارهن سالن جو هئين. هڪ ڏينهن جڏهن توکي هلڪو تپ هو، تڏهن تون اسڪول جي پڪنڪ تي وڃڻ جو ضد ڪري وينين. مون توکي سمجهايو، ”ڏس، مون تو لاءِ سڀ تياريون به ڪيون آهن، پر تپ اٿيئي. اچ ڪري نه وڃ.“ منهنجين اکين ۾ ڏک ته ضرور لڪل هوندو شايد ان ڪري ئي پنهنجو سامان سهيڙيندي تو ور ور لڪي مون ڏانهن نهاريو به ٿئي. ۽ ان ڏک کي سمجهيو به ٿئي ته به جيڏن جي سنگت جو لوڀ ان عمر ۾ تون ڪٿن تي ڇڏي سگهئين! تون ضد ڪري هليو ئي وئين! دادهن کي به جڏهن خبر پيئي ته ڏاڍو ڪاوڙيو. مان سندس ڪاوڙ سهي ويس. شام جو جڏهن تون موٽي آئين تڏهن تپ وڌيل هيئه. ايندي ئي اچي مونکي چنبڙئين ۽ چيئه، ”تون مٿان روئين اما! اڳتي مان پڪنڪ تي اصل نه ويندس.“

تنهنجي اکين جا ڳوڙها پيئندي، مون تنهنجي مٿي تي هٿ گهمائي چيو، ”چو نه وڃين! ضرور وڃانءِ. رڳو چئه : اما، مان تپ ۾ نه ويندس.“

اُن بعد، تون وڏو ٿي وئين ته به چوندو هئين، ”اما، تون خوشيءَ سان موڪل ڏيندينءَ ته ويندس نه ته نه.“

اُن ڪانپوءِ، ٻئي دفعي.

تون مئٽرڪ ۾ هئين. پرلم جي امتحان کان ٿورو اڳ ۾ توکي دادهن سوا سؤ خرچي هڪ واچ وٺي ڏني. تون خوشيءَ ۾ نه پيو ماپين. ٿورا ڏينهن ئي ڪين گذريا ته تون واچ پنهنجي هڪ دوست کي ڪن ڏينهن لاءِ ڏيئي آئين. هوُ شايد ڪو امتحان ڏيئي رهيو هو. مونکي اَچي چيئه، ”اِسڪول ۾ ڪِري پيئي ۽ ٻيهي ويئي. هڪ دوست جي پيءُ کي واچن جو دوڪان آهي، سو ڪيس مرامت لاءِ ڏيئي آيو آهيان.“

ٽن چئن ڏينهن بعد تنهنجو اُهو دوست آيو. تون گهر ۾ هئين ڪين. مونکي واچ ڏيئي چيائين، ”... اچي ته ڏجوس. امتحان ۾ ضرورت پيئي سو ورتيمانس.“ هوُ هليو ويو. مونکي چڻ نانگ ڏنگيو. پيلي ٿي ويس. تون ۽ مون سان ڪوڙ ڳالهائين! آخر چو! مان توکي مار ڏيان ها ته دوست کي واچ جو ڏيئي آيو آهين!

من ۾ ڏاڍي بي آرامي هئي. چوان : توکي مونسان ڪوڙ ڳالهائڻ جي ضرورت چو محسوس ٿي!

رات جو تون آئين ۽ منهنجون اکيون ڏسي دهلجي وئين. اهو مان به سمجهي ويس. يڪدم پاڻ سنڀالي ورتم. ٽيبل تي ماني پائي رکيم. تون دادهن کي نيم موجب سڏي آئين. مانيءَ تي توهان سان وينيس. پر ڪاڏم ڪين. چيم : ٿوري تڪليف اٿم، ڪائينديس ڪانه. دادهن کي چئي ڇڏيو هوم. هن ڪائڻ لاءِ زور ڪين پريو. توهين ٻيئي جڏهن ڪائي

اُٿيا، تڏهن مون بلڪل ساڌارڻ نموني توکي واچ ڏيئي چيو، ”تنهنجو دوست ڏيئي ويو. چيائين امتحان پورو ٿيو. پندرهن منٽ ڪن وينو. چانهه پيئاريمانس. پوءِ هليو ويو.“

تنهنجو چهرو زرد ٿي ويو. تنهنجون اکيون شرم جي بار کان هيٺ جهڪي ويون. مان اُنهن ڏانهن ڪوبه ڌيان نه ڏيئي هلي ويس. توکي جاچيم ضرور پئي. تنهنجي مونجهه ۽ پريشاني نه مونکان لڪي ڪين سگهي. ڪجهه وقت بعد اچي چيئه، ’تو ماني چو ڪين کاڌي اما! سچ پچ تڪليف اَٿيئي!“

تنهنجي ان ننڍڙي جملي مان ڪيتري نه پيڙا ظاهر ٿي رهي هئي!

مون رواجي نوع ۾ چيو، ”ڪجهه ڪونهي. تون وڃي پڙه. مان ٿورو ڪم لاهي پوءِ سمهنديس.“

سمهڻ لاءِ مون توکي ان ڪري چيو جو ننڍي هوندي کان تنهنجو نيم آهي ته رات جو سمهڻ کان اڳ پندرهن ويهه منٽ مون وٽ ويهي مونکي ڏينهن جون خبرون چارون ٻڌائيندو آهين ۽ مان توکي ڏينهن جا ڪڙا مٺا آزمودا ٻڌائيندي آهيان.

تون هليو وئين پر تو پڙهيو ڪين. تنهنجون اکيون ڀريايئين ڳجهه ڳوڙهه ۾ ۽ پوءِ ظاهري طور زور زور سان برسڻ لڳيون. نيم انوسار، ننڍ کان اَڳ تو وٽان پڇاڙيءَ جو ڦيرو ڪرڻ آيس ته تون مونکي چنبڙي پئين. تو منهنجي ڪلهي تي ڪنڌ رکي، روئي چيو، ”مونکي معاف ڪر، اَما. مون واچ نسبت توسان ڪوڙ ڳالهايو. مونکي معاف ڪر....“

ڪاليج جي پهرئين سال ۾ پڙهندڙ پٽ ڪلهي تي ڪنڌ رکي ڦٽي هنياءِ روئي؛ مني ماءُ ڪيئن سهي سگهندي!

منهنجين اکين مان به لڙڪ لڙي پيا. مون توکي ڳلي سان لڳائي چيو، ”تنهنجو ڏوهه ڪونهي، پٽ. مونکي اَرمان پنهنجو آهي. مان شايد اَهڙي سني ۽ مهربان ماءُ نه آهيان، نه ته تون مونسان ڪوڙ نه ڳالهائين ها!“

تو سسڪندي منهنجي ڳود ۾ منهن لڪائي چيو، ”ائين نه آهي اما! ائين نه آهي! الائي چو توسان ڪوڙ ڳالهائي وينس. سمجهيم؛ واچ نئين آهي. متان تون ناراض ٿين.“

اَڄ به اُهو ڏينهن ياد آهي. اسان ڳلي ملي رنو هو ۽ پوءِ تو ضد ڪري مونکي ماني کارائي هئي.

اهڙيون انيڪ ڳالهيون دماغ جي ڪنڊن ۾ ڦهليل آهن. اکين ۾ اٽڪيل آهن.

چوندا آهن، ماءُ جو پيار اَعليٰ آهي. اهو مڃيندي به مان چوان ٿي ته تو جيڪو سنيهه مونکي ڏنو سو به اعليٰ هو. اڄ به اها ڳالهه نهايت فخر سان چوان ٿي. تنهنجي شرڌا، تنهنجي سنيهه ۾ ڪا گهٽتائي نه مون کي نظر ئي نٿي اچي، پوءِ تو چو دل ننڍي ڪئي آهي؟

تون ائين نه ڪونه ٿو سمجهين ته اما مونکي نرموهي ۽ بي جوابدار سمجهندي، جو پتنيءَ جي چوڻ تي الڳ ٿي رهيو آهيان، پتنيءَ جي مرضي رکڻ لاءِ ٿن مهنن جي ناتي کي، 27 سالن جي اَٽوٽ ناتي کان وڌيڪ درجو ڏيئي رهيو آهيان ....

پر اهو منهنجي وات مان نڪري چا ويو! جيڪڏهن مائٽ ۽ اولاد جو سنبنڌ اَٽوٽ آهي ته چا پتي پتنيءَ جو ناتو اٽوٽ نه آهي!

سچ ٿي چوان ته توکي لڄي ٿيڻ جو ڪوبه سبب ڪونهي. تون بلڪل درست قدم کڻي رهيو آهين. نرملا کي تو وٽ پل ٿي مهنا ٿيا هجن، پر توکي هن سان نڀاهڻو ته جيون پر آهي نه! جن سان جيئڻ مرڻ

جا ناتا هجن؛ تن سان ڦٽائڻ نٿو سونهي. اسين تہ دنيا ۾ رهي رهي 10-15 سال هونداسين. وڏي ڳالهہ تہ گل، شوپيءَ کي پرڻائڻ جو بار آهي. تون ئي ٻڌاءِ، جن حياتيءَ جو بار هيترا سال کنيو آهي، سي ننڍي جوابداريءَ کان ڊڄي ويندا!

نرملا ڌار رهڻ چاهي ٿي جو هوءَ اڪيلي رهي آهي. وڏو گهر نٿو وڻيس، تہ تنگ آهي. پلي نہ رهي. هوءَ سني آهي، گهر گرهستي سنڀالڻ جي لائق آهي. رڳو گڏ رهڻ نٿي چاهي. منهنجو من دکي ٿي رهيو آهي. من ۾ هاهاڪار آهي پر صرف جدائيءَ ڪارڻ. نرملا کي برو نٿي سمجهان. نرملا جون کي ڳالهيون مونکي پسند ڪونهن تہ پوءِ ڇا! مونکي ياد آهي تہ منهنجيون بہ ڪيتريون ڳالهيون منهنجي سس کي پسند نہ آيون هيون، پوءِ ان ڪري نرملا جيڪو استان منهنجي من ۾ پاتو آهي، تنهن تان ڪِري پوي، سو ٺيڪ ڪونهي. اهو ننڍي ٿهي ۽ وڏي ٿهيءَ جو ٽڪر تہ هلندو ايندو.

تو جڏهن پهرين پهرين مونکي چيو هو، ”اما، نرملا کهڙو نہ سنو ڳايو! غضب جو گلو اٿس“ ۽ وري ٿوري دير ترسي منهنجي گلي ۾ ٻانهون وجهي چيئہ، ”اَما، نرملا جو نالو ئي ڪوتا رکڻ گهرجي. هوءَ خود ڪوتا آهي، سنگيت آهي...“ مون تنهن وقت ئي سمجهيو هو تہ پيار جي اها لهر جيڪا تنهنجي من ۾ اُٻري هئي، سا آخر وڃي نرملا تي ڇانئجي ويندي. جڏهن تو نرملا سان شادي ڪرڻ جو رخ ڏيکاريو، تڏهن ئي مون توکي چيو هو، ”پٽ، هوءَ تنهنجي دل ۾ سمائجي ويئي آهي تہ منهنجن چشمن تي؛ پر هوُ اسان کان گهڻا مٿيرا آهن. هنن جي رهڻ جو درجو اسان کان ڦريل آهي. هوءَ گڏ رهڻ پسند نہ ڪندي، ڇو جو سندس سڀاءَ ۾ خودمختياري بہ گهٽي آهي؛ پر اها پڪ اٿم تہ توسان الڳ رهي، آزاد رهي، هوءَ سنو گهر ٺاهي سگهندي.“

تو ٻارن وانگر کيٽو ڪري چيو، ”اما، اهي لفظ واپس وٺ. هوءَ اهڙي ڪانهي. وڏي ڳالهہ تہ توکان ۽ دادا کان الڳ ٿي ڇا مان رهي سگهندس!“

مون تہ مرڪي ڪٽي مات ڪئي هئي.

اڄ بہ توکي مرڪي موڪل ڏينديس. توکي اصل روئڻ ڪانہ ڏينديس. توکي ڇڏيندي من ۾ ڪوبہ دک نہ ٿيندم. منهنجا لايا سجايا ٿيا آهن. تون لائقيءَ لڳو آهين. هڪ سال بہ ناپاس ٿيڻ ڪانسواءِ تو ڊاڪٽري پاس ڪيئي. اڄ تون اِنسانن جو همدرد ۽ صحيح معنيٰ ۾ ڊاڪٽر بڻيو آهين. تو منهنجا سپ خواب پورا ڪيا آهن. توکي نرملا جهڙي موهڻي، توکي دل جان سان چاهيندڙ ۽ ڪلاڪار جيون ساٿڻ ملي آهي. ڇا رهجي ويو آهي باقي جو توکي ڇڏيندي دکي ٿيان! تون سکي جيون گهارين، لائقيءَ پريو اِنسان ٿين، ان کان وڌيڪ مون چاهيو بہ ڇا هو!

تون سامان سڙو ٻڌي رهيو آهين. اکيون تنهنجون جهڪيل آهن. مانسڪ ڇڪتاڻ سبب، تنهنجي گهوماٽيل چهري تي جيڪي ريکائون آهن، سي مان ڏسي رهي آهيان. سهي نٿي سگهان تنهنجو اهو دک.

توکي ياد آهي تہ هڪ دفعي جڏهن مان سگريءَ وٽ ٻيهي رڌيندي ڪو گيت ڳائي رهي هئس تہ تو اَچي چيو هو، ”اما، تون راڳ برابر نٿي ڳائين. اهو راڳ ائين نہ پر هيئن آهي.“

پوءِ تو درست ٽڪون ڇئي ٻڌايون ۽ مون ڳايو اُهو گيت.

تنهن ڏينهن ئي مون تنهنجي رهبري قبول ڪئي هئي ۽ من ئي من ۾ سوچيو هوم تہ سڄي عمر اها وات وننديس. اجائي موه ۽ ماتاپڻي جي ايمان وس ٿي جيڪڏهن ڪا غلطي ڪري بہ وينيس ۽ تون سمجهائيندين ۽ چوندين، ”اما، تون غلط آهين. اها

ٻالھ ڪانھي، ھيئن آھي`` تہ خوشيءَ سان قبول ڪنديس. من ڪي ڪا ٻالھ بري بہ لڳندم تہ ائين سمجهنديس تہ زمانو اڳتي پيو وڌي ۽ تون جيڪو چوين ٿو سو نئين زماني موجب ضرور نيڪ ھوندو. اِھو وشواس رکي، اُھا ٻالھ خوشيءَ سان قبول ڪنديس ۽ تنھنجي سک ۾ ڪڏھن بہ وگھن نہ وجهنديس. تنھنجي سمجھ ۾ پنھنجيءَ سمجھ کان زيادہ ڀروسو رکنديس ڇو تہ اِنسان جي سمجھ ترقي پيئي ڪري.

منھنجا ڳل، ڏار ٿيڻ جي ٻالھ تي اسان ڳڏجي سوچيو آھي ۽ فيصلو ڪيو آھي. پوءِ ھي ڏک ڇو! اڄ بہ جي ممتا وس ٿي روئي ويھان ۽ منھنجا ڳوڙھا تو لاءِ روڪ ٿي پون تہ ھڪوار وري چئج، ''اما، تون غلط آھين. توکي مرکي موڪل ڏيڻ گھرجي.`` ۽ مان تنھنجي رھبري ضرور قبول ڪنديس. چونديس، ''وڃ پٽ، شل سکيو رھين. اڳتي وڌ. تون آھين ۽ تنھنجي اڳيان حياتيءَ جي شاھراہ آھي!``



## لفظن جو خزانو

| | | |
|---|---|---|
| خطا ڪرڻ = غلطي ڪرڻ | وياڪُلتا = بي چيني | چھرو زرد ٿيڻ = شرمسار ٿيڻ | چِڪتاڻ = تِڪراءُ |
| شَشِدَر ٿيڻ = لڇي ٿيڻ | لُڙڪ لاڙڻ = روئڻ | لايا سجايا ٿيڻ = ڪوشش ڪامياب ٿيڻ | |

# اَڀياس

سوال 1. هيٺين جملن ۾ جواب لکو.

1) ليکڪا جي ممتا ڇو روئي رهي هئي؟
2) ٻالڪ جو جنم ڪهڙين حالتن ۾ ٿيو؟
3) ليکڪا پُٽ جي جنم تي ڇا سوچيو؟
4) ماءُ پُٽ جي رهبري ڪڏهن قبول ڪئي؟

سوال 2. ٿوري ۾ جواب لکو.

1) گوتم ماءُ جي اکين بابت ڇا سوچيو؟
2) پُٽ واپس ملڻ تي شرمسار ڇو ٿيو؟
3) ماءُ پنهنجي پُٽ کي نرملا بابت ڇا سمجهائي ٿي؟

سوال 3. ڪنهن، ڪنهن کي چيو.

1) ”منهنجين ڪامياٻين جو ٻڌي تنهنجيون چمڪندڙ اکيون ٺمڻ لڳنديون آهن.“
2) ”هيترو ٿو شور مچائي.“
3) ”پل پنهنجيءَ سمجهه سان دُرست وات وٺي.“
4) ”امتحان ۾ ضرورت پيئي، سو ورتيمانس.“

سوال 4. (I) صفتون ٺاهيو.

| | |
|---|---|
| پريشاني | شرم |
| جوابداري | رهبري |
| همدردي | |

(II) عدد بدلايو.

| | |
|---|---|
| مٿو | يادگيريون |
| واڇ | ڳوڙهو |
| ڳالهيون | |

(III) اصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.

| | |
|---|---|
| خطا ڪرڻ | چهروزرد ٿيڻ |
| ششدر ٿيڻ | لايا سڄايا ٿيڻ |
| لڙڪ لاڙڻ | |

(IV) ضد لکو.

| | |
|---|---|
| ڪامياب | دُرست |
| دُکي | جنم |

## مشغُولي

ٽڪر پڙهي عملي ڪم پورو ڪريو.

چوندا آهن ؛ ماءُ جو پيار اعليٰ آهي ............
.............. سي ننڍيءَ جوابداريءَ کان ڀڄي ويندا؟

(1) ٽڪنڊي مان ضدن جا جوڙا ڳولهيو.

ڪوڙ، غير درست، مرڻ،
ننڍي، سچ، وڏي،
جيئڻ، جوابداري،
غيرجوابداري،
درست

(2) ڏنل جملن کي ’هاڪاري‘، ’ناڪاري‘ ۽ ’سوالي‘ ۾ ورهايو.

1. ماءُ جو پيار اعليٰ آهي.
2. ڇا پتي پتنيءَ جو ناتو اٽوٽ آهي؟
3. توکي لڄي ٿيڻ جو ڪوبہ سبب ڪونهي.
4. پوءِ تو ڇو دل ننڍي ڪئي آهي؟

(3) ٽڪر مان هيٺ ڏنل لفظن سان لاڳاپو رکندڙ لفظ ڳولهي لکو.

(I) ناز = ..................

(II) رشتو = ..................

(III) زندگي = ..................

(IV) جدا = ..................

(4) ڏنل هدايت موجب زمان بدلايو.

1. تون بلڪل درست قدم کڻي رهيو آهين.
(زمان حال ۾ بدلايو)

2. سي ننڍيءَ جوابداريءَ کان ڊڄي ويندا؟
(زمان ماضيءَ ۾ بدلايو)

3. اهو منهنجي وات مان نڪري ويو.
(زمان مستقبل ۾ بدلايو)

4. چوندا آهن.
(زمان ماضيءَ ۾ بدلايو)

(5) مليل لفظن مان اُهي لفظ چونڊي لکو جن ۾ ’نر‘ يا ’بي‘ اڳياڙي لڳائي سگهجي ٿي.

مثال : نرموهي ۽ بي جوابدار

لڇ، ادب، وگهن،
اثر، ڳڻ، دوش،
آرامي، ايمان

❖❖❖❖

# ڊاڪٽر ڀيمراءُ اَمبيڊڪر

جنم : 14 اَپريل 1891ع

ديهانت : 6 ڊسمبر 1956ع



پيءُ : رامجي مالوجي سڪپال

ماءُ : ڀيمابائي سڪپال

زال : سويتا اَمبيڊڪر

اؤلاد : يشونت اَمبيڊڪر

پيغام :

- اُهي تاريخ ٺاهي نہ ٿا سگهن، جيڪي تاريخ کي وساري ڇڏين ٿا.
- پڙهو، گڏ ٿيو ۽ آندولن ڪاري ٻڌجو.
- مان اُن ڌرم جو پوئلڳ آهيان جيڪو آزادگي، برابري ۽ ڀائيچارو سيکاري ٿو.
- زندگي وڏي هئڻ کان اوُچي هئڻ گهرجي.
- مان ڪنهن بہ سماج جي ترقيءَ جو پئمانو، اُن سماج جي عورتن جي ترقيءَ مان سمجهندو آهيان.

# وِندُرَ

## ف | اَکر جي راند

هيٺ چوکنڊي ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو.

1) مونکي پنهنجي ديش تي ........................ آهي.
2) انگريزن سنه 1843ع ۾ سنڌ .................... ڪئي.
3) جڏهن توکي .......................... ملي ته فون ضرور ڪج.
4) ...................... نه ڪر، سڀ ڪم راس ٿي ويندا.
5) اسان کي رنگ، جاتي، ڌرم ۾ ڪو به ............. رکڻ نه گهرجي.

ف

فتح،
فرق، فکر، فرض،
فخر، فرصت،
فيصلو

## ق | اَکر جي راند

هيٺ چوکنڊي ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو.

1) سڀ واهڻ ................ ڪُلڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا.
2) .............. مصالحي جو هڪ قسم آهي.
3) ڀڳت سنگهه کي انگريزن ................ ڏني.
4) ................. ٿيءُ، اجايو وقت نه وڃاءِ.
5) راجيش کي ته هڪ هنڌ وهڻ نٿو اَچي، ڏاڍو ................... اَتس.

قارُهو،
قاسي، قاتک، قُرت،
قُرٽو، قوتا،
قتکو

ق

# وِندُرَ

## ڪ | اَکرجي راند

هيٺ چوڪنديءِ ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو.

1) اسان کي مڪمل ............... ڪائڻ گهرجي.
2) واري پنو ............... هوندو آهي.
3) جو ............... پيئي سو وير ٿئي.
4) هرڻ جي دُن ۾ ............... سمايل هوندي آهي.
5) اسان کي ............... کان وڌيڪ بچت ڏانهن ڌيان ڏيڻ گهرجي.

ڪپت،
کهرو، ڪاڙو، ڪير،
ڪڙڪبيتو، ڪستوري،
ڪتائڻ

ڪ

## خ | اَکر جي راند

هيٺ چوڪنديءِ ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو.

1) بُري سنگت جو اثر ............... ٿيندو آهي.
2) چقمق جي ............... آهي لوهه کي چڪڻ.
3) هال ۾ ............... ماڻهن لاءِ الڳ ڪرسيون هيون.
4) مونکي ............... آهي تہ مان اَوس ڪامياب ٿيندس.
5) ناٽڪ جي ............... ٿيڻ تي سيني تاڙيون وڄايون.

خراب،
ختم، خارش، خاص،
خاصيت، خاطري،
خبردار

خ

# وِندُرَ

## ڪ | اَکر جي راند

هيٺ چوڪنڊي ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو.

1) ........... مان ڪپڙو تيار ٿيندو آهي.
2) ............. جي سونهن لاجواب آهي.
3) ................ بيماري تمام خوفناڪ آهي.
4) سيٺ هرداسمل ڪي ڏنڌي ۾ ................ ڏک لڳو.
5) خاص وڻن جي ڳپ مان ................ تيار ڪيو ويندو آهي.

ڪائنات،
ڪئنس، ڪپهه،
ڪاني، ڪاپاري،
ڪارنامو، ڪاغذ

ڪ

## ق | اَکر جي راند

هيٺ چوڪنڊي ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو.

1) نياپو پهچائيندڙ کي ................ چئبو آهي.
2) اَسان کي هرهڪ ................ ميڄڻ گهرجي.
3) جديد جو ضد آهي ...............
4) ................ ۾ وڏي شڪتي آهي.
5) ننڍا وڏا فيصلا ڪرائڻ لاءِ ماڻهو ............. وٽ ويندا آهن.

قدرت،
قابو، قاصد،
قاضي، قاعدو،
قبض، قديم

ق

# وِنڊُرَ

## ب | اَکر جي راند

هيٺ چوڪنديءَ ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو.

1) اَسان ڪالهه ڳوٺ جي ................. ڏٺي.
2) ................ جي نظر تمام تيز هوندي آهي.
3) ايران جي ................. غريبن جا قرض معاف ڪيا.
4) ................. ۾ قوت بخش جزا هوندا آهن.
5) ايڏو ............. نہ ڪڻ، ٽڪجي پوندين.

ب

بادشاهہ،
باب، بازار،
بادامي، بار،
باز، باريڪ

## پ | اَکر جي راند

هيٺ چوڪنديءَ ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو.

1) پاءُ جي پٽ کي ................. چئبو آهي.
2) ڪرڙي عام طور ................. تي هلندي آهي.
3) هڪ ٻئي ۾ ................ رکڻ سان ملڪ ترقي ڪري ٿو.
4) زمين ۾ ............. وجهڻ سان اُها اُپجائو بڻجي ٿي.
5) اسان کي پنهنجي ................... قبول ڪرڻ گهرجي.

پائيچارو
پولڙو، پائٽيو،
پاڳو، پاڻ،
پٽ، پُلَ

پ

# وِندُرَ

## ڱ | اَکر جي راند

هيٺ چوڪنديءَ ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال پريو.

1) .................. ۾ وڌامن ’اي‘ هوندو آهي.
2) ڳانءِ .................. ڪائيندي آهي.
3) منهنجو بئنڪ مئنيجر سان .............. ٿيو.
4) سنيال، ڏسي هل، اڳيان .................. اٿيئي.
5) رامدين پٽ جي ڪاميابيءَ تي .................. ٿيو.

ڳفتڳو،
ڳاهر، ڳاڏو، ڳڏر،
ڳپ، ڳجر،
ڳدڳد

ڱ

## غ | اَکر جي راند

هيٺ چوڪنديءَ ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال پريو.

1) تمام ڳهٽي اُس سبب سيتا .............. ڪائي هيٺ ڪري پئي.
2) .................. نظم جو هڪ قسم آهي.
3) سن 1947ع کان اڳ پارت ديش انگريزن هينيان .............. هو.
4) ڪڏهن ڪڏهن انسان پنهنجي خيالن ۾ ............ تي ويندو آهي.
5) نوڪر .............. نڪتو، جنهن سبب کيس نوڪري وڃائڻي پيئي.

غدار،
غرق، غريب،
غزل، غش، غلام،
غُلطان

غ

# وِنڌُرَ

## ٻ | اَکر جي راند

هيٺ چوڪنڊي ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال پريو.

1) اُهو زمانو هو، جڏهن ماڻهو ڪڪڙ جي .............. تي صبح جو اُٿندا هئا.

2) زيورن جو .............. ڏسي سيما تڙي پيئي.

3) اندر جو ضد آهي ................

4) انب اندر سمايل ڪڪڙي، اُنجو .............. آهي.

5) ................ ۾ ٻلُ آهي.

ٻ

ٻرندڙ
ٻانگ، ٻهڪو، ٻاهر،
ٻج، ٻڏي،
ٻهراڙي

## ڳ | اَکر جي راند

هيٺ چوڪنڊي ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال پريو.

1) ڪاري پاٽيءَ ۾ لوڻ .............. هوندو آهي.

2) اُٺ جي .............. ڏاڍي ڏکي هوندي آهي.

3) ننڍي ٻار .............. ٻال پسند ڪيو.

4) واه! اڄ هر .............. ۾ بجلي پهچائڻ جو ڪم تي رهيو آهي.

5) ماءُ ٻار کي .............. پائي پيار ڪيو.

ڳاڙهو
ڳترُ، ڳريل، ڳوٺ،
ڳُجهه، ڳچي،
ڳراٽڙي

ڳ

# وِندُرَ

| د | اَکر جي راند |
|---|---|

هيٺ چوکنديءَ ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو.

1) اَڇي ڪپڙي تي ............ جلد نظر ايندو آهي.
2) ڪليڪٽر ٻڌڻ تي ڏيرج سيني دوستن کي ............ ڏني.
3) ............ پيئڻ سان ونيتا جي ڪنگهه دور ٿي.
4) ڪَرَڻ هڪ مهان ............ هو.
5) اسان کي هميشه ايشور کان ............ گهرڻ گهرجي.

داستان،
درد، داغُ، دُعا،
دعوت، دوا،
دانوير

د

| ڏ | اَکر جي راند |
|---|---|

هيٺ چوکنديءَ ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو.

1) پاڻيءَ جي آفت کري ماڻهن ميونسپالٽيءَ اڳيان ............... هنيو.
2) پاڻيءَ ڳاسليٽ جي ملاوت مان اُهي ........... ڪري نٿا سگهجن.
3) پريم جو ................. نازڪ هوندو آهي.
4) تاج محل جي .............. هرهنڌ ڦهليل آهي.
5) اسان کي هر ............. جو سنمان ڪرڻ گهرجي.

ڏرتي،
ڏرڙو، ڏار،
ڏاڳو، ڏاڪ، ڏن،
ڏرتي

ڏ

# وِندُرَ

| ج | اَکر جي راند |
|---|---|

هيٺ چوڪنديءَ ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال پريو.

1) مان صبح جو ............... اُٿي تيار ٿيس.
2) جادوگر جو ............... ڏسي ٻار ٽپا ڏيڻ لڳا.
3) زندگيءَ ۾ ............... سبب ئي طاقت اَچي ٿي.
4) ............... ۾ سائنس ڏينهون ڏينهن ترقي ڪري رهي آهي.
5) 'ويهه' عدد ۾ ايڪن جي ............... تي ٻڙي هوندي آهي.

ج

جفاڪشي،
جڳ، جاءِ، جلدي،
جاسوس، جڳهہ،
جادو

| ز | اَکر جي راند |
|---|---|

هيٺ چوڪنديءَ ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال پريو.

1) ............... مان هميشه منا وچن ئي چوڻ گهرجن.
2) ڪن ڪن نانگن ۾ ............... هوندو آهي.
3) اڄ جو ............... ڊجيٽل ٿي پيو آهي.
4) رانديڪو ٽٽڻ تي ٻار ............... روئڻ لڳو.
5) سنا لچڻ انسان جا سچا ............... آهن.

زار-زار،
زال، زبان، زهر،
زمانو، زيور،
زِن

ز

# وِندُرَ

## ڏ | اَکر جي راند

هيٺ چوڪنديءَ ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو.

1) ڳانءِ جو مذڪر ................ آهي.
2) ................ ڀاڻيءَ سان ڀريل هو.
3) راڪيش ................ جي سور ڪري يڪدم ڊاڪٽر وٽ ويو.
4) پيءُ پٽ کي سمجهايو ................ ٿي.
5) راڌا ................ ٻاري آرتي شروع ڪئي.

ڏ

ڏاڏو،
ڏاهو، ڏاٽ،
ڏول، ڏيئو،
ڏاند، ڏاڙهه

## ڄ | اَکر جي راند

هيٺ چوڪنديءَ ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو.

1) وويڪانند ننڍي ................ کان ئي ڌرمي خيالن جو هو.
2) سنڌي ڪيلينڊر ۾ ................ مهنو آهي.
3) رامچند جي پٽ جو نالو ................ آهي.
4) ................ وڳيان موجب ڪُل ڏهه گره آهن.
5) ڀارت سرڪار ................ تي ضابطو رکڻ لاءِ ڪيترائي اُپاوَ وٺي رهي آهي.

ڄاڻل،
ڄٽڪ، ڄينو،
ڄيٺ، ڄَمُ، ڄاڄي،
ڄمار

ڄ

# وِندُرَ

| جهہ | اَکر جي راند |
|---|---|

هيٺ چوکنڊي ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو.

1) ٽڪاوت هئڻ سبب رام ............... ڪائڻ لڳو.
2) باغ ۾ ............... ڏسي ٻار خوش ٿيو.
3) بس جي اوچتو بيهڻ تي ماڻهن کي ............... آيو.
4) آواز تي ............... اُڏامي ويئي.
5) ............... ڪتاب سنڀالي رکڻ گهرجن.

جهرڪي،
جهرڙو، جهولو،
جهوٽا، جهونا،
جهٽڪو، جهوپڙي

جهہ

| گهہ | اَکر جي راند |
|---|---|

هيٺ چوکنڊي ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو.

1) ............... ريس ۾ ڊُڪندو آهي.
2) ............... شاديءَ تي مٽڪ پائيندو آهي.
3) هرجسراءِ کي ڏنڏي ۾ ............... پيو.
4) ............... گروءَ جو در.
5) ماڻهو اڄ ڪله ............... جي بدران موبائيل تي وقت ڏسندا آهن.

گهاٽو،
گهڙيال، گهوڙو،
گهر، گهوٽ،
گهٽ، گهٽو

گهہ




مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي.

सिंधी (अरेबीक) युवकभारती – इयत्ता बारावी

₹ 104.00